# پروليون ، ڏِٺون ، معمائون ۽ ٻول

لوڪ ادب سلسلي جو ٻارهون ڪتاب

# پروليون، ڏِٺون، معمائون ۽ ٻول

مرتب


ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

١٩٨٣ع



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

چاپو پهريون    آگسٽ ١٩٦٥ع    تعداد ١٠٠٠
چاپو ٻيون    آگسٽ ١٩٨٣ع    تعداد ٢٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

[redacted]

Rs 45X.-00

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)

هن ڪتاب جو ص نمبر ١ کان ص نمبر ١٢ تائين مقدمو ۽ ص نمبر ١ کان ص نمبر ١٣٢ تائين مواد عارف برقي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ باقي سمورو مواد سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

ٻهريون تہ هن تجويز موجب، جملي سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ڀهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٿيهہ اکريون، ڪافيون وغيره. مگر جيئن تہ اهي هن وقت تائين ڀهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينہ 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو تہ هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نہ ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ چڻ اٿاهہ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهہ گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هرجنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد تہ آئينده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول تہ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي

جن هن تجويز کي سن ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي بالهن پيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سچاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي گولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهريون ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو ٻارهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو، سڄي مواد کي چڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏيئي، نومبر ١٩٦١ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو ۽ ڊسمبر ١٩٦٤ع ۾ مسوده جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي پين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

خادم العلم
نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد
١٠- آگسٽ ١٩٦٥ع

## بابن جي فهرست


باب پهريون: ساديون پروليون ... ٣
باب ٻيون : ساديون منظوم پروليون ... ١٨
باب ٽيون : ڳوڙهيون پروليون ... ٣١
باب چوٿون: ٻول - پروليون ... ٥٦
باب پنجون: دستاب ... ٨١
باب ڇهون : هيماريون ۽ ڳوڙها ... ٨٩
باب ستون : ڏٺ پروليون ... ١٢٦
باب اٺون : روايتي ڏٺون ... ١٣٨
باب نائون : معمائون ... ١٥٥
باب ڏهون : ٻولن واريون روايتي منظوم معمائون ... ١٨١
باب يارهون: ڳرو ڇيلو ... ٢١١
باب ٻارهون: سگهڙ پائي جا ٻول ... ٢٤١
باب تيرهون: عاقلاڻا قول ... ٢٧٠

ام للانسان ما تمنیٰ ٭ فلله الآخرة والاولیٰ

# مقدمه

’پرولي‘ جي فن کي سنڌ وارن پنهنجي ذوق ۽ ذهانت سان آتي وچي چڙهيو آهي، جتي ٻئي ڪنهن ملڪ وارن جي پهچ جي جاءِ ڪانهي. پانهنجي ته ڪنهن آڳاٽي سمي کان سنڌ ۾ پرولين جي پهه پچار شروع ٿي ۽ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن نون انوکن خيالن ۽ نڪتن جي اضافي سان پرولي جي بنيادي قالب سان نت نوان قسم نمودار ٿيا، جن کي موجوده اصطلاحن ۾ پروليون، ڏنون، معمائون، ڳجهارتون وغيره سڏيو وڃي ٿو. انهن مڙني قسمن مان ’ڳجهارت‘، فني لحاظ سان، نهايت ڳوڙهي ۽ معياري آهي: انهيءَ ڪري ’ڳجهارتن‘ کي هڪ جدا جلد ۾ مرتب ڪيو ويو آهي، جو هن سلسلي ۾ ٻيو ڪتاب آهي. هن پهرين جلد ۾ سنڌي پرولي جي باقي قسمن کي مرتب ڪيو ويو آهي، ۽ آساني خاطر هن جلد جو عنوان ’پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول‘ قائم ڪيو ويو آهي، حالانڪ ان ۾ پرولين جا ٻيا قسم، مثلاً دُستاڳ، هيماريون، ڳوڙها، گرو چيلي جا سوال جواب، سگهڙپائي جا ٻول ۽ عاقلاڻا گفتا پڻ شامل آهن. معنوي لحاظ سان انهن مڙني قسمن جو مول ’پرولي‘ آهي.

## پروليءَ جا تاريخي قدامت

پروليون قديم زماني کان وٺي دنيا جي اڪثر قومن ۽ قبيلن ۽ سندن ٻولين ۾ رائج رهيون آهن. آڳاٽن هندواسين ۽ چينين، رومين ۽ يونانين، عربن ۽ ايرانين توڙي يورپ جي مشرق خواه مغرب جي متمدن قومن توڙي پسمانده گروهن ۾، پهاڪا ۽ چوڻيون، گيت ۽ پروليون سندن ذهني ارتقا ۽

سنڌ وارن جي ذهانت ۽ ظرافت جو ڪمال ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بياني وسعت جو معجزو آهي، جو سنڌي ۾ خود ’پرولي‘ جي گوناگون نمونن کان سواءِ، ان ۾ هن فن جا ٻيا قسم، مثلاً دستاڳ، ڏٺ، معما، ڳجهارت ۽ عُقدن وارا سوال جواب ۽ قسمين قسمين عاقلاڻا ٻول ۽ گفتا موجود آهن. سنڌ جي ايراضي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جي آدمشماري جي لحاظ سان، هن فن جو مجموعي سرمايو جيترو سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، اوترو دنيا جي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته ’پرولي‘ هن فن جي مڙني قسمن جو مول آهي، يعني ته پهريون ڏاڪو يا بنيادي باب آهي. پروليءَ جي هيئت ۽ قالب ۾ مختلف جزا سمايل آهن: فطرت جو مطالعو، ماحول جي ڄاڻ، شين جي واقفيت، ۽ نڪتن ۽ حوالن جي پروڙ پرولي جي پس منظر جا اهم اسباب آهن، تشبيهه ۽ استعارو پرولي جي جان آهن؛ ذهن جي تيزي، ظرافت جي چاشني ۽ بيان جي لطافت ان جي معنوي اثر جا صيقل آهن.

ونڊر ورونهه ۽ ريجهه رهاڻ خاطر پروليون عام طرح استعمال ٿين ٿيون، مگر ماضيءَ جي روايتن ۽ داستانن جي اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو ته عام توڙي خاص طبقي ۾ پروليون مختلف مرحلن تي مختلف مقصدن خاطر استعمال ڪيون ويون. سنڌ ۾ ڳجهن پيغامن موڪلڻ جو هڪ ذريعو جو غالباً گهڻو آڳاٽي وقت کان استعمال ٿيو، سو اهوئي هو جنهن کي نسبتاً پوئين دور ۾ ’ڳنڍ‘ يا ’موڙي‘ سڏيو ويو: يعني ته هڪ طرفان ڪي شيون ڳنڍ ٻڌي موڪليندا هئا، جن کي آڏو ٻيءَ ڌر وارا ڇهي پروڙي ان موجب عمل ڪندا هئا. سنڌ جي حاڪم مرزا محمد باقي، اڪبر بادشاهه ڏي ’ٻڌ‘ ٻڌي ڏياري

عنوان سان 'باب اٺين' هيٺ مرتب ڪيو ويو آهي.

معماڻون. 'معما' معنيٰ مخفي راز يا رمز. سنڌ ۾ اهو لفظ، 'مام' جي عام اچار سان، ڳجهي اشاري يا ڳجهارت جي معنيٰ ۾ آڳاٽي وقت کان رائج آهي. ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ شيخ لطف الله قادري جي چيل هڪ بيت جي سٽ آهي ته:

"پرين پاڻهي ڏني پانهجي، ڪا لوڪان ڳجهي مام".

'معما' يا 'مام' ڳوڙهي پروليءَ جو اعليٰ نمونو آهي. سٽاء جي لحاظ سان 'ڏٺ پرولي' ۽ معما ۾ هيءُ فرق آهي جو 'ڏٺ پرولي' اڪثر ڪنهن ڏٺل شيء يا واقعي بابت هوندي آهي، پر 'معما' ڏٺل کان سواء ڪنهن به اڻڏٺل شيء يا سٺل پڙل ڳالهه يا مذڪور بابت به ٿي سگهي ٿي. ڏٺ پرولي ۾ اڪثر هڪ شيء جو بيان هوندو آهي ۽ جيڪڏهن هڪ کان زياده شيون هونديون ته به بيان جي سٽاء سادي ۽ سولي هوندي. ان جي برعڪس 'معما' ڪنهن هڪ شيء بابت به زياده تفصيل ۽ وڌيڪ مبهم اشارن سان سٽيل هوندي. انهيءَ لحاظ سان سولي 'معما' ڏٺ جهڙي، ته 'ڳوڙهي ڏٺ'، معما جهڙي لڳندي. ان جا مثال 'چَڪيءَ' تي چيل سگهڙ پُٽُهي جي ڏٺ (ص ١٢٨) ۽ ساڳي 'چڪيءَ' تي چيل سگهڙ لاڙڪ جي معما (ص ١٦١)، يا رهٽي تي چيل چتري سوڻپار جي ڏٺ (ص ١٣٠) ۽ رهٽي تي چيل سگهڙ طاهر جي 'معما' (ص ١٦٧) مان ظاهر آهن. 'ڏٺ' ۽ 'معما' ۾ ٻيو خاص فرق هي آهي ته 'ڏٺ' ۾ اڪثر ڪنهن هڪ شيء جي ٿورن آهڃاڻن جو بيان هوندو، پر معما ۾ يا ته هڪ شيء جي گهڻن اهڃاڻن جو تفصيلي بيان هوندو يا اڪثر هڪ کان وڌيڪ شين جو مذڪور هوندو. ڪي 'معماڻون' پنهنجي انوکيءَ سٽاء سان چڙ 'ڏور' واري حيثيت رکن ٿيون، مثلاً:

جن ڪان متاثر ٿي سنڌ جي سگهڙن پنهنجي رس رهاڻ خاطر گرو چيلي جا سوال جواب جوڙيا. گرو چيلي جي سوالن جوابن جو اصل موضوع غالباً 'جوڳ گيان' هو، پر سنڌ جي سگهڙن پنهنجي طرفان انهيءَ نوع تي جوڙيل سوالن جوابن کي ذهانت ۽ ظرافت خاطر استعمال ڪيو، ۽ انهيءَ رس رهاڻ کي 'گرو چيلو' سڏياڻون. اها ڪچهري سگهڙن وٽ اڄ تائين هلندڙ آهي ۽ رمضان وادي، چاڪر خان ۽ لعلڻ خان لغاري (جو هن وقت زنده آهي) جا انهيءَ نهج ۽ نموني تي چيل بند (ص ص ٢٢٩ – ٢٤٠) ان تي شاهد آهن.

سگهڙپائي جا ٻول ۽ عاقلاڻا قول. 'سنڌي ٻوليءَ' ۾ سهڻن ٻولن ۽ قولن جو ڪاٿو ئي ڪونهي، پر هن جلد جي موضوع جو تعلق اهڙن ٻولن ۽ قولن سان آهي جن ۾ پرولي واري رمز سمايل هجي. اهڙيءَ رمز وارا ٻول ۽ قول به انيڪ آهن، پر هن جلد جي لحاظ سان خصوصاً اهي چونڊيا ويا آهن جي سگهڙن جي رس رهاڻ ۾ عام مروج آهن ۽ انهيءَ ڪري لوڪ ادب جي دائري ۾ شامل آهن. 'باب ٻارهين' هيٺ سگهڙپائي جا اهي ٻول ڏنا ويا آهن جي سوال جواب واري سٽاء ۾ سمايل آهن. مائٽن جا اڄڻ ۽ ارڪان يا شين جون خوبيون ۽ خاميون انهن ٻولن جو خاص موضوع آهن، جن ۾ سنڌي معاشري ۽ تهذيب جي معيار جا تاڻا ۽ آهجاڻ نمايان طور نظر اچن ٿا.

'باب تيرهين' هيٺ 'عاقلاڻا قول' ڏنا ويا آهن جن ۾ سالڪن ۽ سگهڙن پنهنجي سمجهه ۽ چاڻ مطابق نصيحت آميز نڪتا نروار ڪيا آهن، جن ۾ دانائي توڙي ظرافت سمايل آهي. هن جلد جي موضوع جي لحاظ سان خاص اهڙا قول چونڊيا ويا آهن جن ۾ 'پرولي' واري سٽاء سمايل آهي. مثلاً، ڀيڻن جا ڀاڙ ڪهڙا؟ ڇا ٿي ڀروسو نہ ڪجي؟ ڪهڙو ڪهڙي گڻ سان سونهي؟

## مواد ۽ ان جي ترتيب

سواءِ ’ڪچهارت‘ جي، ٻروليءَ جون ٻيون سڀئي مکيه صنفون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون آهن، ۽ انهن جي انفرادي خصوصيت ۽ موضوع جي لحاظ سان انهن کي تيرهن بابن هيٺ سلسليوار مرتب ڪيو ويو آهي. هرهڪ باب جي آڏو مهاڳ طور هر صنف بابت مختصر سمجهاڻي ڏني وئي آهي، انهيءَ لاءِ ته پڙهندڙ کي ان صنف جي ماهيت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

هن جلد جو مواد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪافي ڪشالي سان گڏ ڪيو ويو ۽ مختلف صنفن جون اندازاً ڇهه هزار کن روايتون مليون، جن کي ڇڻي زياده عام مقبول ۽ معياري روايتون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون، جن جو عدد ١٣٠٥ آهي. ٻروليءَ جي مختلف قسمن جي ايڏي ذخيري کي سهڻي نموني سان سموهي سلسليوار مرتب ڪرڻ هڪ مشڪل مسئلو هو جنهن کي ڪافي محنت سان موجوده ترتيب ذريعي قدري حل ڪيو ويو آهي. ضخامت ۾ نسبتاً هن ننڍي جلد کي مرتب ڪرڻ ۾ لوڪ ادب سلسلي جي ٻين گهڻن ڪتابن کان وڌيڪ وقت لڳو، پر هيءَ محنت اميد ته آئينده تحقيق لاءِ راهه روشن ڪري سگهندي ثابت ٿيندي.

ن. ب.

# متن

# باب پهريون

## ساديون ڳروليون

[هن باب ھيٺ اهي ساديون ٻاراڻيون ڳروليون شامل آهن، جن جي 'ڏيڻي' اڪثر ننڍن جملن يا ننڍن موزون فقرن تي مبني آهي ۽ 'ڳجهڻي' ۾ اهي شيون آهن، جي گهرو ماحول يا روز مره جي زندگي سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن جي ٻارڙن کي گهڻو ڪري پوري پروڙ آهي.]

آر (جيت)

١. هيڏڙي ننڍڙي جيڏڙي، وڻن ۾ ٿي واڪا ڪري.[1]

آسمان ۽ تارا

٢. باغ ڏٺو پيو آهي، پر ميڙڻ ڪونه.

اکريون

٣. ويهن جو سر لٿو، نڪي مٺا، نڪي رت وهيو.

آڳٺو

٤. اوڏو نه هڪ، سنئون نه ٻه.

٥. هو منهنجي هٿ ۾، آءٌ آن جي پيٽ ۾.

٦. تون ڏس مون ڏي، نه مان ڏسان توڏي.

آٽي جو پيڙهو

٧. ٻرپٽ ۾ لولو پيو آهي.

اخبار

٨. گهر ويٺي گهوٽ، خبرون ڏئي پرديس جون.

---

١. ٻي روايت: هيڏڙي پيهڻيءَ جيڏڙي، جهنگل ۾ ٿي ريهون ڪري.

**آرٽي**

۹. سڪو ڏينگهر آئا لاهي.

**اک**

۱۰. پيٽي پاڻي، ڏئي کير.

**اک جا پن**

۱۱. رڻ پٽ ۾ ٻگهڙ ٻوڙ.

**اگڻ**

۱۲. سوڙهي گهٽيءَ ۾ نانگ.

۱۳. ٻن ٻيرن ۾ هڪڙو نانگ.

**انب**

۱۴. هيڏڙو ٻناڻ، جنهن کي پيٽ ۾ ڏاڙهي.

۱۵. پيلو وڻ، ڪاري ٽوپي، تنهن کي ٽو چئون؟

**باهه**

۱۶. گهرگهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار.

۱۷. ڳاڙهي ڳاڙهي ڳئون، ڳات واريو ٽي ڪاٺ چري.

**باهه ۽ دونهون**

۱۸. ڳاڙهي ماءُ، ڪارو پٽ.

۱۹. ماءُ کان پٽ وڏو.

۲۰. ماءُ ڄائي ناهي، پٽ ڪوٺا ٽو ٽپي.

**بصر**

۲۱. مٺ جيڏو مڙس، گوڏي جيڏي ڏاڙهي.

۲۲. هيڏڙو پڻاڻ، سڄي گهر کي روئاڙي.

۲۳. وڍين به پاڻ، روئين به پاڻ.

**بندوق**

۲۴. ڪاري ڪتي، ڏورانهون ڏاڙهي.

### بندوق ۽ ڇيرو

٢۵. ٻه ڪاٺي ڳئون، پڇي ڳاٻو.

٢٦. رنگي آٿ ماري گونرو.

### بيضو، آنو

٢٧. اڇو اڇو ڪير جهڙو، جنهن کي دري نه دروازو.

٢٨. اڇو ڦبو پير جو، جنهن کي دري نه دروازو.

٢٩. اڇو ڪوٽ عمر جو، جنهن کي دري نه دروازو.

٣٠. هڪ رنگي شيشي، ٻه رنگو پاڻي.

٣١. ٻاهران سڪو، اندران آلو.

### ٻهارو

٣٢. گهر گهر ۾ لڏڙو ليٽهي.

٣٣. گهر گهر ۾ اچي وڃي.

٣٤. در در تي ڏنبو ليٽي.

٣۵. مٺ جيڏو مڙس، ڇڄ جيڏي ڏاڙهي.

### ٻير (وڻ)

٣٦. چٽي ٻه ماهُ، مارجي ٻه ماهُ.

٣٧. ٻچن ساماڻهي، ماهُ مار ڪاڻهي.

٣٨. ماهُ ڪُٽجي، پُٽ بازار ڳڇهز.

### ٻبر ۽ ڪنڊو

٣٩. هٿ لايان لال ڪي نه ڏنگو پيو ڏنگ ماري.

### ٻيڙي يا ناڏنگ

٤٠. هلي هلي، پير نه ليهي.

### ٻيڙي

٤١. جيئن چڪ، تيئن چوٽي.

---

٣١. ٻي روايت: منجهه سائو، ٻاهر سُڪو.

٣٩. ٻي روايت: هٿ لايان لال کي ته ڏنبو پيو ڏنگ هڻي.

**پنيوري**

٤٢. چولٽي، ڦرموٽي، پر نه لڳيس پيٽ ماں.

**ڏماڪ**

٤٣. ٽڙ ٽڪون جهلي، پن پئسا ڪري.

**ٽڏو**

٤٤. ڪارو گڏهه، اچا آئر لاهي.

**ٿر ڪنڊيو**

٤٥. ڏئنرو ڏڪو ڏوڙ ۾، متي ٽيهارو.

**ٿوڏي**

٤٦. ڏوڙ ڏبا سٽيٺوُ ۾ ڪَن.

**ٽيڻهر**

٤٧. ننڍ ڦتل نينگري، رڻ ۾ رات رهي.

**ٽڦڻي**

٤٨. گهرگهر ۾ ٻولي ساٿي.

**ٽوپي**

٤٩. اونڌي وٽي انگهه ۾.

٥٠. سنئين ته سڪٽي، اونڌي ته پريل.

**ٽوهه جي ول**

٥١. رڻ پٽ ۾ روجهه وياٿي.

**ڏهڪڻ (نار جي)**

٥٢. چور نه مونکي، نه ڪٺيان نه ٽوڪي.

٥٣. هڪ ٽنگو همراه، چوڏهن ڪي چماٽون هٽي.

---

٤٥. ٿر جو ڪنب (جو ڪنيءَ کان وڏو ٿئي).

٤٦. يعني ڏوڙ ۾ ڏبيل آهي ۽ سهي وانگر ۾ ڪن اٿس.

## پاڇو

٥٤. سيڪنهن ساڻ.

٥٥. هڻ هڻ ته ويجي ڏي نه.

٥٦. نه پُورجي، نه ويجي.

٥٧. ڪٽان ته ڪجي نه، توريان ته تولو ڏي نه ٿئي.

٥٨. ڏينهن چڙهي ته ننڍو، ڏينهن لهي ته وڏو.

٥٩. هل ته هلي، ويهه ته ويهي رهي.

٦٠. گهمي هڪ، لڳن ٻه.

## پٽن جي ٽاس

٦١. هڪ محلي ۾ چار گهر، گهر گهر ۾ ٽيرهن پاڌي.

## پڏڪو

٦٢. گهر گهر ۾ آندن ويڙهي.

## پڇ

٦٣. پاڙ متي، سنگ هيٺ.

## پکال، ساندارو

٦٤. مٿو جانور پٺن پويان.

## پرٽ

٦٥. ڪاڻي ٻه، ڏڪي ٻه، ڪلي ٻه.

## پکو (ڪرڙ جو)

٦٦. رتو دبو رنگ پريو، ويٺو لوڏا ڪاڏي.

٦٧. گِڙ ڪاڻيي، ڳوٿري ڦٽي ڪر.

## پيٽ

٦٨. گرانث جيڏو گنڊڙو، خرار ڪپاڏي.

---

٦١. ٻي روايت: چار رنگ، هر رنگ ۾ ١٣ پتا.

**ٻٻرون**

٦٩. ماس ميٺو، ٻر هڏي ڪوڙي.

ٻهنگهه، ٻهنگهو

٧٠. ڏڪو ڏيان ته وري وري اچي.

٧١. مان ڏڪ ڏڪ، تون وڙ وڙ.

**جنتي**

٧٢. انڌي ڪتي لوڙها لتاڙي.

٧٣. هلي ته ڏکي، ورهي ته ڦتڪي.

**جنب**

٧٤. گهر گهر ۾ رڍ رڙي.

٧٥. گهر گهر ۾ گهُر ڪٺو.

٧٦. اوڳاري ٻه، ڏکي ٻه.

٧٧. ڪائي وات ڪان، اوڳاري چمڙهه ڪان.

٧٨. هڪ سڳي ٻڪري، اوڳاري واڙ ڀري.

٧٩. ٻڙي ٻڪري بادشاهه جي، اوڳاري ڀاٽو ڀري.

**جيون**

٨٠. هيڏڙي، تير جيڏڙي، وڻن جا ٽڪا لاهي.

**چاڏور**

٨١. گهر گهر ۾ نوڙها نچن.

**چانڊوڪ**

٨٢. گهر گهر اڳيان مٺو مُردو.

**چلم يا حقو**

٨٣. هيٺان ڏنگ درياء، مٿان ٻوڪ سڙي.

---

٨١ ٻي روايت: در ڏي ته نوڙها نچن.

٨٤. درياءَ ۾ ڍُهل وڄن، ماڙيءَ ۾ مڇ پري.

٨٥. ٻاهه لڳي مٿي کي، ڏونهون کن پير.

**چلهه ۽ مارنگ**

٨٦. گهر گهر ٽيه - ٽڪي

**چنڊ ۽ تارا**

٨٧. اڌ مانيءَ جو پيا سڀ ڏونرا.

٨٨. ڪِنَ مانيءَ جو، پاٽ ڳِترن جي.

**چوپڙ**

٨٩. هڪ وڻ ۾ چار ٽاريون، ٽاري ٽاري ۾ چار ميوا.

**چانهين، هنداڙو**

٩٠. وڻ پٽ ۾ مِٺو مَٽ.

٩١. سائي پاٽ، ڳاڙهو پَٽ.

**دروازو**

٩٢. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهه جو لغام.

٩٣. هڪ جوان، ٻه پٽ.

**درياءَ**

٩٤. هند وڇايو پيو آهي، سمجهو وارو ڪوٺي.

**ڏونهون**

٩٥. هٿ نڪو پير، متمن ماڙيءَ چڙهيو.

**ڏاڙهو**

٩٦. گهر گهر ۾ ڪُبڙو (ڏُونڊو) چور.

٩٧. گهر گهر ۾ ڏِنگو ڪايو.

**ڏاڙهون**

٩٨. هڪڙي مُٺ ۾ هزار داڻا.

---

٨٤. ٻي روايت: هيٺان ڍهل وڄن، مٿان ماڙي سڙي.

ڏنڊ

٩٩. آڇا ڇيڙ آڏ ۾ هاريل.

١٠٠. اڇا گهيٽا ڏنڊ ۾ پڌا پيا آهن.

١٠١. اڇن ۾ سُورن سان، وڇن ۾ سُورن سان.

ڏنڊ ۽ زبان

١٠٢. ٻٽيهن ماڙڪن تي بلبل نچي.

ڏندن پڳل وات

١٠٣. ٽوئيون ٽمپ نڪري ويا، مٿئهن سلامت رهجي ويو.

ڏوئي

١٠٤. ڪاڻي ٻوڙ ٻلاءِ، پر سدائين ڏٻري.

ڏيڏري

١٠٥. ڏيل وياڻي ڏوريءَ ۾، جنهن کي ٻاهٺ ٻچا.

ڏيو

١٠٦. ڏڙ ميٺيءَ جو، سِيسي ڪپهه جي.

١٠٧. ڏيڏ سُڪي، ٽيڪو مٺو.

رات

١٠٨. شام جو اچي، صبح سان غائب.

رات، ڏينهن ۽ تارا

١٠٩. ماءُ ميڙي گڏ ڪري، پيءُ اچي ته هڪ نه بچي.

رڻبيو

١١٠. اڇو اڇو، ٺُنٺُڻ تي نچي.

١١١. اڇو اڇو ريوڙو، ڏيساٺون ديس گهمي.

١١٢. اڇو اڇو ڪير جان، پوچانس پير جان، ٻڌانس چور جان.

---

١٠٠. گڏا= گهيٽا.

## رنڀو يا ڏوئي

١١٣. ڪائي ڪاٺي پر نہ ڏاڀي.

## ريل گاڏي

١١٤. هڪڙي ماءُ، سوين ٻار، ڪڇ ۾ ڪنيو ٿي وڃي.

١١٥. ڪالي ڪالي، ٻچان والي، ڪُوڪان ڪندي وتي.

١١٦. ڪاري ٻلا ڪيٽ جهڙي، جيڪا ڏٺي نہ ڪُسي.

١١٧. ڪاري مينهن قنڌار جي نہ ڏهڻ جي نہ ڪُهڻ جي.

## زبان

١١٨. واڙي ۾ ٽي ٻؤر ڪنڌي.

١١٩. وچ درياء ۾ وهڙي ڪنڌي.

١٢٠. ڪچ ڪوڏين جي مسيت ۾، بلبل ويٺي نچي.

## سال

١٢١. ٻڪر هڪڙو، ڪُرَ ٻارهن.

## ساهمي

١٢٢. هڪ ڪاٺ، ٻہ لوهہ، ٽوَ نوڙيون.

## سج ۽ تارا

١٢٣. ڏڻ آهي تہ ڏنار ڪونهي-ڏنار آهي تہ ڏڻ ڪونهي.

١٢٤. هئا هزرين هزار، پر هڪڙي آئي هڪجي ويا.

١٢٥. ٻون پيءُ ڏٺو تہ سڀ مري ويا.

## سج ۽ چنڊ

١٢٦. هليا آهن تہ ٻيٺا نہ آهن.

## سُرمہدانڍي

١٢٧. ٽيڻ ۾ ٽنگ، چيلهہ ۾ چار ٽنگون.

١٢٨. چار ٻير زمين تي، هڪڙي اک آسمان ۾.

سنوڙ

١٢٩. گهر گهر ۾ ماسي ميڙير.

سوڙ يا واڙ

١٣٠. رات جو ڏڪي، ڏينهن جو ڦندي.

سنوڳو

١٣١. هنڌڙو پاڻ، جنهن کي پٺ ۾ لغام.

سيڱي ۽ ڏاڳو

١٣٢. پاڻ ٿي آگر، پڇ ٿي پڙهه.

١٣٣. پاڻ ننڍڙي پڇ ڊگهو.

قطب تارو

١٣٤. آيريو آهي ته لٿو ڪونهي.

١٣٥. ٿيو آهي ته چڙيو ناهي.

ڪڙتر جي مشين

١٣٦. پويان ڪاٺي، اڳيان ڪاڍي.

ڪپهه پاڇڻ

١٣٧. نر نڪري ويو، ماديءَ ٿي پٺي سار.

ڪرڙ جي پسي

١٣٨. رڻ پٽ ۾ ريٽو تنگيو پيو آهي.

ڪڙو

١٣٩. در در تي ڊينگ نچي.

ڪڪڙ

١٤٠. اول ڪُڪي پاسا، پوءِ ڪري ٻرڙات.

---

١٣٠. سوڙ (هنڌ جي) ۽ واڙ (مال جي).

١٤٠. ٻي روايت: اڳ ۾ ڪري ٿقڙات، پوءِ ڪري ٻرڙات.

ککڙ ۽ ٻيضو

١٤١. ماءُ ڦندي، پُٽ ڏُکو.

ڪلف

١٤٢. گهر گهر ۾ ننڍڙو سپاهي.

ڪلف ۽ ڪنجي

١٤٣. مڙس ٺِڪيو پيو آهي، زال پئي گهمي.

١٤٤. پُٽ ٺِڪيو پيو آهي، ماءُ وئي شهر گهمڻ.

ڪنجي

١٤٥. مڙس ڦاسائي، پاڻ هلي.

ڪوڏر

١٤٦. زمين تي وهڙي نچي.

ڪؤنرو

١٤٧. گهر گهر ۾ ڪالُو ڪُبو.

ڪهاڙي

١٤٨. هيڏڙي، هٿ جيڏڙي، وڻن ۾ واڪا ڪري.

ڪڻ

١٤٩. جيئن ڪليئنس، تيئن وڌي.

ڪڻ ڪپيهه

١٥٠. هيڏڙو پناڻ، جنهن جي پئيان پاه.

ڪنڊر

١٥١. سُتي ته ڪُتي، جاڳي ته جِنُ.

ڪنڊي

١٥٢. بريٽ ۾ آچو قبو.

١٥٣. جوان ته متو اچو، ڪُراڙي ته متو ڪارو.

**کوهه ۾ رسو**

۱۵۴. پُڇ مڙس جي وات ۾ تاڻي وارو ٽُونُ.

**ڪنڀهون**

۱۵۵. هٿان هيٺ، وڇي مٿي.

**گاهه**

۱۵۶. رڻ پٽ ۾ سائي چادر.

**گينڊي**

۱۵۷. گهر گهر ۾ مِٽِر مائِي.

**گوگڙو**

۱۵۸. ڳاڙهي گِدِڙي، سائي ٽوپي.

**گهوڙي (سيڻوين ڏاهن جي)**

۱۵۹. هڪ ٿئي ٻڪري، اوڳاري تڏا پري.

۱۶۰. هيڏانهن ڪئي، هوڏانهن ڪئي.

**لٺ**

۱۶۱. پاڻ انڌي، ٻين کي وات ڏيکاري.

**لونڊيون (نار يا هرلي ۾)**

۱۶۲. اچن ڪلنديون، وڃن رئنديون.

۱۶۳. هڪ جيئديون هڪ مرئيون، گهمن هڪ بازار.

**ماچيس جي ڏبلي**

۱۶۴. هڪڙو مگ ڏريان، سارو گهر پريان.

**ماڪوڙيون**

۱۶۵. رڻ پٽ ۾ رَيئون هار لل.

---

۱۵۷. تلهي مائي.

۱۵۸. گدڙي = گدڙي.

ماکي
١٦٦. رتي ٻڪري رڻ ۾ وياڻي.
١٦٧. جبل ۾ جتري، موتين سان ڀتڙهي.
١٦٨. گهيتي، ٻه ٻيتي، جتي ويتي اتي وياڻي.
١٦٩. سال پڦري ويو، واڙ پٽي ڏٻي.
١٧٠. ڪاري ڳئون ڪاله ڪٺي، اڄ اهڙي جا اهڙي.
ماني پچڻ
١٧١. گهر گهر ۾ ناڙيون وڄن.
ماء جا ٿڄ
١٧٢. ڪيرُ حلال، مانڊهه مُردار.
مٽو
١٧٣. اڇي زمين، ڪاري پوک.
مرچ
١٧٤. ڳاڙهي گُندي: ڦڪو ان.
١٧٥. هيڏو هيڏو پاڻ، جيڪو راڻا ٿو رُئاڙي.
١٧٦. جبل جي ڳوٺري، ماء ماء جو ٻچ.
مڪائي جو سنگ
١٧٧. ٻروچ کي ٻيء ۾، منهن تي موهڙا.
مک
١٧٨. هيڏڙي ٿر جيڏڙي، ميرن سان ٿي ماني کائي.
مکڻ
١٧٩. اڇو ٻکي ڏيند جو، جنهن کي هڏ نه گڏ.
منڊي، مانڊائي
١٨٠. گهر گهر ۾ ناچو نچي.

١٦٩. سال پهري ويو، وڻاڻ پيو وهي.
١٧٦. ٻي روايت: شيشم جي ڏبلي هاڻو هاڻو جا ٻچ.

**مڱهن رکي**

١٨١. تہ ٽنگي ٻڪري، ننڍڙا ٻار ڏڪي.

**مرچ**

١٨٢. بانڪو هلي بازار ۾، جنهن کي چاليهہ چولا ساڻ.

**موت**

١٨٣. پيا مرن، پاڻ نہ مري.

**مور**

١٨٤. ٻن ٽوڻين تي باغ ٻترسيل.

**مورتون**

١٨٥. جاء ۾ ويٺل حاڪمزادا، نڪي ڪائين نڪي پيئن.

**موري**

١٨٦. پٽ ۾ مائي پڙو پڪيڙيو ويٺي آهي.

**مينهن وساڙو**

١٨٧. رڻ پٽ ۾ رت ڦڙو.

**ميڻ بتي**

١٨٨. روئي تہ ڏسي، ماٺ ڪري تہ انڌي.

**وات**

١٨٩. هيڏي هيڏي ڏبلي، جنهن ۾ ٻٽيهہ ٻاوا.

١٩٠. متنهن هڪڙو، ٽوڙيون ٻٽيهہ.

١٩١. هڪ ڪوٺي، لپ ڪوڏين جي.

١٩٢. دري ڪوڏين ڀري، اندر نانگڻ نچي.

١٩٣. هڏڙن جي مسجد، جنهن ۾ دلدل پيئي نچي.

**وات، پيچرو**

١٩٤. رڻ پٽ ۾ رسو وڇايل.

**وڻو**

١٩٥. ڏک هڻ ته دانهن ڪري - هٿ لاءِ ته ماٺ ڪري.

**وڙ**

١٩٦. پاڻي ڏي ته پي وڃي - ماني ڏي ته رکي هجي.

**وهاڻو**

١٩٧. جنهن ڪي هڏ نه گوڏ - سڀهي ٻه سيڪنهن سان.

**هفتي جا ڏينهن**

١٩٨. خلقيل خاوند جا - پنج نر ٻه ماديون.

# باب ٻيو

## ساديون منظوم ڏرٽيون

[ هن باب هيٺ ساديون منظوم پروليون شامل آهن، جن جي 'ڏيٺي' ننڍن موزون يا منظوم فقرن تي مبني آهي. هي پروليون اڪثر ٻن يا ٽن ننڍين هم قافيه مصراعن تي مشتمل آهن. ٻجڻيءَ جي لحاظ سان هي پروليون پهرئين باب ۾ ڏنل پرولين کان البت ڏکيريون آهن، مگر ٻجڻيءَ ۾ اهي ئي شيون اچن ٿيون، جي گهرو ماحول يا روزمره جي زندگيءَ سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن کان ٻارڙا گهڻو ڪري پوريءَ طرح واقف آهن.]

آسمان ۽ تارا

١٩٩. سائي ول، اڇا ٻيتا- اکين ڏٺا، وات نہ چکيا.

٢٠٠. نيري اڳڙي ڇانور ٻڌم- ڏينهن جو وڃايم رات جو لڌم.

اکيون

٢٠١. چار نر، سورهن ناريون- سڀن لئي سپ سينگاريون.

اڏوڻ

٢٠٢. جنهن کي ساهہ نکا سيسي- سا مون کاٽ ڇهندي ڏٺي.

٢٠٣. هيڏانهن ٽوٽي، هوڏانهن ٽوٽي-
جيڪو نہ ٻجي، ان جي ناني سُوٽي.

آرٽي

٢٠٤. ڪاري ڪڪڙ ڏنبدار- آنا لاهي لک هزار.

٢٠٥. هيٺيون پڙ ڪاٺ جو، مٿيون پڙ لوهہ جو-
جيڪو نہ ٻجي، سو پٽ ڳوهہ جو.

**آڪ**

٢٠٦. ڏَنڊَڪ ڏَنڊِي، ليڙ ڪَنِي – اٿم ڏني، نه اٿم چکي.

**اکر**

٢٠٧. اڇي ول، ڪارا پتا – اکين ڏنا، وات نه چکيا.

**اکيون**

٢٠٨. شيش گل، شيش گل، توڙي ڏين هزار گل –
تـه بـه نـه ڏيـان هـڪـڙو ڪـل.

**اوبرو (ڪوڙڪي ڪم جو اوزار)**

٢٠٩. هيڏو هيڏو چوڪرو – هڏي بيٺو پوتڙو.

**ايٽ**

٢١٠. ڳاڙهو مٽيو رنگا ونگ – ٻارهن مٿا تيرهون سنگ.

**باهه**

٢١١. ناناٺا لڏي ويا – ڳاڙهي ڪنوار چڙهي وياه.

٢١٢. اوڙي وڃان پاڙي وڃان – گهر ۾ شيشو پوري وڃان.

**بصر**

٢١٣. اڇو پلو، سائو پڇ – توکي نه اچي ته ٻئي کان پڇ.

٢١٤. هيٺرو هيٺرو پٺاڻ – جيڪو اچين مڇن ساڻ.

**بندوق**

٢١٥. ڪاري ڪتيي، ڏَر ۾ سُتيي – جيتي رَتي آني ڏسي.

٢١٦. ڪاري ڪڪڙ ڏنبڏ ر – جاڻي پڄي، تاڻي مار.

٢١٧. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهه جو لغام –
پيچ ڙي گهوڙا سـنئون مـيـدان.

---

٢١٠. رڱيل ايٽ جي چڪر جون ٻارهن ڇهنبڙيون يا ڏيونيا ۽ تيرهون هيو.

٢١٧. ٻي روايت: هل ڙي گهوڙا، اچڙو ميدان.

٢١٨. اڌ ڪاني، اڌ لوهه ـ ساهي آهيس سچو ڪوهه.

٢١٩. ڪاري ڳئون، ڳاڙهو ڳابو ـ رنڱڻي ڳئون، ماري ڳابو.

**ڀيضو، آنو**

٢٢٠. اڇي ماڙي ـ جنهن کي در نه تاڙي.

٢٢١. گول ڪول ڦٻو ـ جنهن جي پيٽ ۾ آ ڏٻو.

٢٢٢. ٻنان در جي هڪ مڪان ـ آن ۾ حلوائي جو دڪان.

**ٻٻُر**

٢٢٣. مٺان سائو، هيٺان ڳرو ـ جيڪو نه ٻجي ان کي چڙهي ٻرو.

**ٻهارو**

٢٢٤. ڪاري ٻلي، جهانئرو پُڇ ـ تو کي نه اچي ته ٻئي کان پُڇ.

**پٽ جو ڪُکو**

٢٢٥. خان چڙهيو سائي ڪيڙ گهيوسائي ـ خان لٿوسائي ميڙ گهوسائي.

**ڀنڀوري**

٢٢٦. ڳاڙهي ڳاڙهي ڪنوار ـ جيڪو نه ٻجي آن کي مار.

**ڏيڏر**

٢٢٧. سائي چانڱ، ٻاهتر ٻيڙا ـ هڪ هڪ ۾ سؤ سؤ ڪيڙا.

**ٽڙ**

٢٢٨. آٺ آنيڱر، سورهن سيڱر ـ چار چٽينڱر، ٻه ٻُونڱر.

٢٢٩. آٺ آنيلا، سورهن سيلا ـ چار چڱيلا، ٻه البيلا.

**ڏوم، هوري**

٢٣٠. اڇي جهرڪي سائو پڇ ـ تو کي نه اچي ته ٻئي کان پُڇ.

---

٢٢٧. ٻي روايت: سٺيون ڪامون، سنوان ٻيڙا.

٢٢٨ ۽ ٢٢٩. اٺ ٽڙ ڪٽيءَ جا، سورهن ٽڙ ٻُوندڻ (سادي سوئر) جا، چار ٽڙ ڳئون، مينهن وغيره جا ۽ ٻه ٽڙ ٻڪريءَ جا.

**ڏاندو**

۲۳۱. گهر گهر ۾ ڳاڙهو گهوٽ ـ وٺي زور نه چڙهي ڇوٽ.

**ڀاڇو**

۲۳۲. آس ڏسيو آسريو وڃي ـ ڇانوَ ڏسيو ڇپيو وڃي.

**ڀڙڻ**

۲۳۳. هيڏو هيڏو ڀاڻ ـ جنهن کي سؤ سوراخن ساڻ.

**ڀست جي ڏوڏي**

۲۳۴. هڪ ڀڪي جهنڊولي دار ـ جنهن کي ٻچا نَوَ هزار.

**ڀگهر**

۲۳۵. آس ڏسيو آسريو وڃي، ڇانوَ ڏسيو ڇپيو وڃي ـ
واءُ کان پيو ونءُ وڃي.

**ڀير**

۲۳۶. ٻه ڀائر حصيدار ـ سڀهن گڏ هلن ڏار.

**ڀيهسل**

۲۳۷. هلندي هلندي بيهي وهي ـ سر کپي سان وري هلي.

**ڀيڻگهو**

۲۳۸. پاڻ هلي، مونکي هلائي ـ ان جو هلڻ مونکي سيبائي.

۲۳۹. آٺ آنيلي، ٻارهن ٻيلي ـ چار ڪبوتر، پنجين ڇيلي.

**جنڊ**

۲۴۰. ور وڪڙ ڏئي نانگ جان ـ گهمي ٻلي ڏاند جان.

**جاهو**

۲۴۱. هيڏو هيڏو پاڻ ـ جنهن کي سؤ سڀن جو ساڻ.

---

۲۳۹. اٺ پاوا (چارسنجي جا، چار گهوڙين جا)، ٻارهن سٽل، چار بونبا، پنجين واٺيل منجي.

**چاڏي، ماڌاڻي ۽ نيٽو**

۲۴۲. هيٺئون ڪنياري، مٿان ڏ ڪياڻي ـ ڇڪ ته ڇڪيون موچاڻي.

**چيڙ ۽ ول**

۲۴۳. ٻتينگڻ رن، ٻتينگڻ چورا ـ مري وڃي رن، رلي ويا چورا.

**چاچڙ**

۲۴۴. آٿ ٽنگون نائين ڪوڙي ـ
جيڪو نه ٻجهي تنهن جي آڪهه ٽوڙهي.

**چڙهي يا ڪوس**

۲۴۵. ڪاري ڪُتي، ٻل ۾ ستي ـ سئو ڳئون ڏسي ڪُڪڪي آئي.

۲۴۶. ڪاري ڪُتي ڪُٻهر ـ ٻه مٿا ڏهه ٻير.

۲۴۷. ايندي روئي، ويندي روئي ـ ٻاٽي ڏسي مُنهن ڌوئي.

**چنڊ ۽ تارا**

۲۴۸. ٻڪريون لک هزار ـ ڌن جو هڪ ڌنار.

**چوپڙ**

۲۴۹. هڪڙي رن، چار ڪن ـ سورهن سهيليون، ست چيليون.

**چيونڊي (هر جي)**

۲۵۰. هيڏي رني، ٻئون ۾ گتيي ـ سون چلڪي رڌي رني.

**چانهين، هنداڙو**

۲۵۱. سائي سڪ ميٺو پٽ ـ ڪاڻو ڙي جيڏيون هٿو هٿ.

۲۵۲. سائي ٻيتي، خانا گلابي ـ تن ۾ ويٺا ڪارا شيدي.

**حقو يا چلم**

۲۵۳. هيٺان ڍنڍ، مٿان کورو ـ جيڏانهن ڇڪ تيڏانهن پورو.

۲۵۴. هيٺان واهه، مٿان باهه ـ ميان جي! پُڇ وڃي ٻيو ڏاهه.

---

۲۴۵. چم جو رڇ، جنهن سان کوهه مان پاڻي ڪڍجي.
۲۴۶. ٻه ڪُڙانا (ڪانيون) ۽ ڏهه آڪا.

٢٥٥. مٿي باهہ، هيٺ واهہ ـ ڏڙ ڏڙڪي، وچ ڪڙڪي.
٢٥٦. هيٺ ٿڌي وير، مٿي ڪوسي باهہ ـ ڪاڪو پاڻيءَ کي ڏاءِ.

## خط

٢٥٧. اڇو پيٽ ڪارا پير ـ ساري دنيا جو ڪري سير.
٢٥٨. اڇي چُنِي، اڇو پيٽ ـ هلي چُنِي، ننگر نيٺ.
٢٥٩. اڇو پاڻ، ڪارو ويس ـ گهمڻ وڃي ديس پرديس.
٢٦٠. در وڃي، دربار وڃي ـ پاڻي ڏيک مر وڃي.

## ڏانو يا رنبو

٢٦١. اڌ ڪاٺ جو، اڌ لوهہ جو ـ جيڪو نيچي سو پُٺ ٿوهہ جو.

## ڏاڙهون

٢٦٢. هيٺرو هيٺرو پاڻ ـ جنهن کي سؤ موتين جو ساڻ.

## ڏنڊڻ

٢٦٣. غريب لڏي ويو ـ جهنبولو پُٺ ڇڏي ويو.

## ڏونگهو

٢٦٤. هيڏڙو هيڏڙو پناڻ ـ ٽن ٽنگن ساڻ.

## ڏيڏري يا ڦولهڙي

٢٦٥. ڪِجهارت ڪِجهڙي ـ جنهن کي ڪَنَ ناهي پُڇڙي.

## ڏينهو

٢٦٦. ڳاڙهو ڪڪڙ، ڳمڻ گوهي ـ پُڇ سار پڇ ڳيو هي.

## ڏيو

٢٦٧. ماه مٿيءَ جو ـ ماهہ سرنهن جو ـ
لڳيس واءُ ـ وڃيس ساهہ.

---

٢٦٤. ناريل جو ڪوپو جنهن ۾ ٽي اکيون وارا ٽنگ.
٢٦٦. ٻي روايت: اسن گوهي، چمن گوهي، چاٽ مريندا نڪل گوهي.
٢٦٧. ٻي روايت: (١) ساس سرنهن جو، ماس مٽيءَ جو
لڳيس واءُ، وڃيس ساه.
(٢) ڪنڌ ڪپهہ جو، ساس سرنهن جو
لڳيس واءُ، وڃيس ساه.

۲٦٨. مڙس مٺيءَ جو، ڪنڌ ڪپھ جو - لڳيس واهُ، وڃيس ساهُ.
۲٦٩. دڙي تي دڙو، جنهن تي لعل ڪڙو - لڳيس واهُ، وڃيس ساهُ.

## رات، تارا ۽ سج

۲۷۰. ڪالي ماهُ، آڇي ٻڇڙي - آوي ٻيءُ ته هڪ نه بچي.

## رمضان جو روزو

۲۷۱. رات جو ڪونهي، ڏينهن جو آهي - ٻارهين مهيني اچي ڪاهي.

## رندو

۲۷۲. هيڪ چيڻائي هڏو منگي - هيٺان ڪاٺي، مٿان هنگي.

## ريل گاڏي

۲۷۳. هيٺ باهه، مٿي پاڻي - ڪري جهٽ وڃي ڪاڻي.
۲۷٤. ڊِڪِ ڊِڪِ ڪهوڙي، پاسن سوڙهي -
اِئين وڃي جيئن تاجل گهوڙي.

## سارِ‌تي (ڏنهن چڙهيل چانور)

۲۷۵. هيڏڙي نُنهن جيڏڙي - پُٽ پيٽ ۾ اچا اُميدڙي.

## سال، ورهيه

۲۷٦. هڪ صندوق، ٻارهن خانا - خاني خاني ۾ ٽيهه داڻا.

## ساهمي

۲۷۷. اٺ ٽنگون، ٻه پير - پُڇ پٺيءَ تي آهي ڪير؟
۲۷۸. آٺ نوڙيون، نائين ڪام - نه اچئي ته ڪر سلام.

## سٿڻ، سلوار

۲۷۹. ٻه چنگهان، چار ناسان - ٻارهين مهيني ول آسان.
۲۸۰. ڏُون تـنـگان، چـار جـهـرڪـيـان -
جيڪو نه پچهيسي، اُنهي ڪُون ڪاسان.

---

۲۷٤. ٻي روايت: هرڪو چوي سنهنجي گهوڙي.
۲۷٦. يعني ٻارهين مهيني وري ٽئين وٺبي.
۲۸۰. ٻه پانچا، چار چٽيون آنڊائي جون.

سج ۽ چنڊ

٢٨١. ٻہ ٽيوٽ پکي، گھڻ ساري پٽي-
نہ موت مارين، نہ ڪاتي ڪُھين.

سڻڀي

٢٨٢. ننڍڙو غلام- جنهن جي مٿي ۾ لغام.
٢٨٣. اچي ٻلي، اچو پُڇ- توکي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.
٢٨٤. هيڏڙي هيڏڙي پاڻ- پڇ آسمان ساڻ.

سيڻاهہ

٢٨٥. ڪاري ڪڪڙ دنبدار- هڻ هٿ هڻ پار.

شرناء

٢٨٦. ڳهہ پاڻي تہ ڳوٺ کي ٻڌائي- ڳهہ لاهي تہ گونگي آهي.

ڦڻي (گوگڙي مان ڏڪڻ)

٢٨٧. اچي اچي پيئي- مٿو پنهنجو ڦاڙي بيٺي.

قرآن شريف

٢٨٨. هڪ ٽڙ، ٽيهہ ڏار- پن تہ جنهن جا لک هزار.

قرآن شريف (رحل تي)

٢٨٩. مٿان درياهُ هيٺان موري- جيتر نہ ڏسان، جيءُ ۾ جهوري.
٢٩٠. هيٺان ٻيڙي، مٿان درياهہ- ڪاٺ وارو هڪ ملاح.
٢٩١. ڪاٺ جو گهوڙو، ٽيهہ سوار- جيڪو پهچي سو برخوردار.

ڪانڊيرو

٢٩٢. گل گلاب جو، پن ميندي۽ جو-
جيڪو نہ پڇي، پٽ مگيندي۽ جو.

---

٢٨٦. شرناء وڄائڻ جو ڪنڪ.

٢٩٠. ٻي روايت: هيٺان ڪاٺ، مٿان درياءُ، هلائڻ وارو هڪڙو

**ڪڇون يا ڪڇوءَ**

٢٩٣. هيٺان ٺالهي، مٿان ٺالهي - وچ ۾ سيڙ موالي.

**ڪريلو**

٢٩٤. هيڏڙو هيڏڙو پٽاڻ - سؤ ڏنڌين ساڻ.

**ڪکر يا ڪرڙ**

٢٩٥. ڦٽي، چيٽ ۾ ونئي - پتن ناهي، چانئو ڪيٺي.

**ڪلف**

٢٩٦. لڏيندڙ لڏي ويا - ڪارو ڪتو ڇڏي ويا.

٢٩٧. ننڍڙو ننڍڙو چوڪيدار - رهي در تي خبردار.

٢٩٨. اوڙي وڃان پاڙي وڃان - ننڍڙو سپاهي ويهاري وڃان.

٢٩٩. اوڙي وڃان، پاڙي وڃان - ڇيلڪ سوپاري چاڙهي وڃان.

**ڪلف ۽ ڪنجي**

٣٠٠. ٽيچڙڪ ٽيچڙڪ ٽي لڙائي - ناني آئي، ٽنهن ڇڏائي.

**ڪنجري جو پرت**

٣٠١. ڳاڙهو ونئي، چيٽ ۾ ڳهٽي - ساهه ڪونهي سونهن ڳهٽي.

**ڪنو**

٣٠٢. ٽيچڪ ٽيچڪ ٽن ٽنگن تي - ڪاٺ ڪلهي تي، توپ مٿي تي.

٣٠٣. ٽي گهوڙا، هڪڙو سوار -
ڪاٺ ڪلهي تي، هُنر هُٽ جي ڪار.

**ڪوريئڙو**

٣٠٤. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ - تاڻن جو خزانو ساڻ.

**ڪوئرو**

٣٠٥. ہ ٽنگ ٽيو ڪٽڙو - جهڪو نہ پچي، تنهنجي آڪهه دڙو.

**ڪڱو**

٣٠٦. لڏيندڙ لڏي ويا - پر ڏندو ڏاند ڇڏي ويا.

## کُوٽي يا پُوٽي

٣٠٧. نِيري ندي، چِٽَل چِٽَل پاڻي - خوب تري ٿي سُندر راڻي.

## کيلو

٣٠٨. اندران ماڻو، ٻاهران ساڻو، ڪَڏو ڙي ڪاڏو.

## ڪٽ

٣٠٩. اٺ ڪاٺ ناڻين نوڙي - جيڪو نہ پچي تنهن جي آکهہ نوڙهي.

٣١٠. اٺ ڪاٺ ناڻين چاڙي - جيڪو نہ سلي تنهن جي ناني پچاري.

## کُنڀي

٣١١. آڏي، ڏوڙ ۾ گڏي - ڏوڙ ٻراڻي، آتي هاٿي.

## کوهہ

٣١٢. ٻــاهــران گــول، وچ ۾ پــاڻــي -
جيڪو نہ پچي تنهن جي آکهہ ڪاڻي.

٣١٣. لڏيندڙ لڏي ويا - پريل گُنڌي ڇڏي ويا.

## گُجي (پکيءَ جي)

٣١٤. ڏس قادر جي ڪَل - ٻاهران گوشت اندران کل.

## گُنڌي

٣١٥. لڏيندڙ لڏي ويا - ڏنبي ڪني ڇڏي ويا.

## گوگڙو

٣١٦. هيڏو هيڏو پاڻ - جنهن کي ڳاڙهي گِڏي ساڻ.

٣١٧. ڳاڙهو ڪَڻو، ساڏو پُڇ - نو کي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.

## گهُگهي

٣١٨. پيٽ ٿلهو، منهن سنهون - پاڻي پئي ٿي گهٽو گهٽو.

---

٣٠٧. ڪوٽيءَ جي ول ۽ گل، جي پاڻيءَ جي سطح تي ترن.
٣١٥. ٻي روايت: لڏيندڙ لڏي ويا، پيٽ وڏيون ڇڏي ويا.

لغز

٣١٩. ڪاغذ جو ڪڪڙ، ڏاڪي جو لغام۔
چڏ ڏاڪو نہ ڪري سلام.

٣٢٠. جيستائين وَل، تيستائين راند ـ ٽُٽي ول تہ پوري ٿي راند.

لوڙهہ

٣٢١. ڪارو ڪارو جُوجرن وارو ـ
جنکو نہ سڃاڻي تنھنجو پيءُ پڄارو.

لونگ

٣٢٢. هڪ جنگهہ، چار ڪن ـ جنهن کي سياڻا ڪي سمجهن.

٣٢٣. چار سڱ، رنگ ڪارو ـ هڻ چڪ تہ لڳي کارو.

لوڻ

٣٢٤. آڇي آڇي ٻار ـ جتي جهرڪي ناهي جهار.

ماچيس

٣٢٥. هيڏو هيڏو پاڻ ـ جنهن کي سؤ لٿين جو ساڻ.

مارنگ

٣٢٦. لتڏينڊڙ لڏي ويا ـ ڏي ڪبوتر چڙي ويا.

ماڪ

٣٢٧. رات سمي ۾ موتي آيا ـ ڏوپ جي آئي، واپس جايا.

ماڪي

٣٢٨. هيڏو هيڏو ڏَڙهو، موتين مڙهيو ـ
ڏونگر جو پاڻي پڻي مٿي چڙهيو.

٣٢٩. جهنگ جي ڏاچي، جهنگ ۾ وياڻي ـ
ٽوڏو چڏي وڙهڻ آئي.

---

٣٢١. پاڻيءَ ۾ سڻال جي ول جو ٿڙ.

٣٢٤. جنهن تي سڪ ڪانہ وهي.

٣٢٩. ٻيون روايتون:

(١) انڌي ڏاچي ٻر ۾ وياڻي ـ پڇهي جي هڏي جا تو وراڻي.

(٢) ٻري ڏاچي ٻر ۾ وياڻي ـ گونرو چڏي وڙهڻ آئي

(٣) ڪاري ڏاچي ٻر ۾ وياڻي ـ توڏو چڏي وڙهڻ آئي.

٣٣٠. ڪاري ڪِني هڏ هلائي - هندو مسلمان هرڪو کائي.

ماڏائي

٣٣١. جيان ته جتر پيان - صبح سان سڀئي ٿيان.

٣٣٢. مواڙ رن، چار ڪن - چيلهه ۾ نوڙي، پاڻي ڀيري.

ماءُ پيءُ

٣٣٣. ڳالهين جي ڪاري - ڪنهن کي اڏ ڪنهن کي ساري.

ميڙو

٣٣٤. مڙس زرو - لنگهي ڪوٽ مان هٿي چڙو.

مرچ

٣٣٥. ڳاڙهو ڳاڙهو پناڻ - ساڻي ٽوپيءَ سان.

٣٣٦. ساڻي ٽوپي ڳاڙهو رنگ - پلي آيو پرديسي سنگ.

مڪائي جو سنگ

٣٣٧. پٽ پٽيو پناڻ - ستن ولين سان.

٣٣٨. هٿ جيڏو پناڻ - جنهن کي ست ڪپڙا سان.

٣٣٩. هيڏڙو هيڏڙو پناڻ - جنهن کي سؤ رلين جو سان.

مکڻ

٣٤٠. هيڏو هيڏو هر - جنهن کي هڏو ناهي چم.

موري

٣٤١. آچي ڪُڪڙ، سائو پڇ - توکي نه اچي ته ٻئي کان پڇ.

٣٤٢. اچي ٻلي سائو پڇ - توکي نه اچي ته ٻئي کان پڇ.

ڪنگريون (ڏار يا ڪرلي جون)

٣٤٣. هڪ جيڏيون، هڪ سرتيون -
هڪ گهاڙوءَ گهڙيون - سي ڪيئن آڙيون.

ناريل

٣٤٤. ڪٽوري ۾ ڪٽورو - پٽ پيءُ کان گورو.

**نٿ، وينڊو**

٣٤٥. ڏِنگ ٻه ڏنگي ٽارڙي ـ موتين جڙيل سارڙي.

**نماز**

٣٤٦. ڇهن ٻهرن ۾ پنج پيرا پريد ـ پوڻان پلٽڻ اڳيان هيڊ.

**نماز ۽ روزا**

٣٤٨. پنج پتا، ٽيهه ڳنڍا ـ دل نه چوي هڪڙو پڄان.

**ڏِنگهه (چاڌورن چڙڻ جي)**

٣٤٨. لڏيندڙ لڏي ويا ـ ڪُنڊو وٺو چڏي ويا.

**وات**

٣٤٩. هڪڙي دري موتين جڙي ـ سپ سوناراچون اسان نه گهڙي.

**واڳڻ**

٣٥٠. پارڻون آيو سڙس ملنگ ـ سائي ٽوپي ڪارو رنگ.

٣٥١. پهريائين ساٿو، پوءِ ڪارو ـ
جيڪو نه پڄي تنهن جو عقل آڌارو.

**وڄ، ڪڏوڻ**

٣٥٢. هُل ڪري، هيٺ ڪِري ـ ڪنهن سان نٿي هِري مري.

**وِڇون پتڻون**

٣٥٣. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ ـ جنهن کي تِکيي تلوار ساڻ.

٣٥٤. مين تِيل جيڏا، تون ٽنب جيڏا ـ
مين کِيل ڏِٺا، تنين رو ڏِٺا.

**هر**

٣٥٥. آڏو لٽڪڙ لڳ پڳ ـ ٽي چٺا ڏهه پڳ.

٣٥٦. هامڙ هُوهڙ هڻي ـ ڏهه ڇنگهون، منڍيون ٽي.

**هوائي جهاز**

٣٥٧. پکي آڏي پيٽ ـ جنهن کي کنڀ ناهي پيٽ.

---

٣٥٥. لٽڪڙ = هر. ٽي چٺا = ٽڪ ماري ۽ ٻه ڍڳا؛ ۾ انهن جا پير ڏهه.

# باب ٽيون

## ڳُوڙهيون پروليون

[هن باب ۾ ڏنل پروليون ڏيٺي ۽ پيچٽي جي لحاظ سان
البت ڳُوڙهيون آهن، مگر پهرين ٻن بابن ۾ ڏنل پرولين
وانگر ٻارائي ماحول ۾ مقبول آهن. ڏيٺيءَ جي لحاظ سان هن
باب واريون پروليون ٽن قسمن جون آهن: هڪ آهي جي
ننڍين جملن يا موزون فقرن ۾ سمايل آهن. جيئن ته:

''ٻه مايون، گڏ سامايون، پر ٻار ڇٽيائون هڪڙو'' (سپ)

ٻيون آهي جي ٻن هم قافيه مصراعن تي مبني آهن. مثلاً:

''جر ۾ چائيي، جر ۾ نپني، جر ۾ کيائين وهانءَ،
جنهن کي هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين ملو ٿئي مانهه'' (جونءِ)

ٽئي قسم جون پروليون وري ٻن مصراعن واري سٽاءَ ۾
سمايل آهن، جيئن ته:

''ڏڙ جن جو ڏوڙ ۾، پادر جيڏا ڪن
اها کهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾''. (ٽوٽي)

جيتوڻيڪ هنن پرولين ۾ پيچٽيءَ واريون شيون يا وٿون
روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آهن، مگر ڏيٺيءَ ۾
شامل اهڃاڻ اهڙيءَ ته رمز سان رکيل آهن جو آسانيءَ سان
انهن شين ڏانهن ڌيان نه ويندو ۽ انهن کي پروڙڻ لاءِ قدري
غور فڪر جي ضرورت ٿيندي.]

آڏيري (ول)

٣٥٨. سائي سائي رن، جنهن جا ڪنڊن وارا ڪن-
ٻرپٽ ۾ پڙو پکيڙيو ويٺي آهي.

## آڳريون ۽ آڱوٺا

۳۵۹. سورهن آهن سلڇڻيون، چار آهن چريا-
ڀي ته آهن باوَن جهڙا، ٻه ته آهن ڪريا-
جي ڏيکار ڀين ڪي، ته ٻريان ٿي وريا.

## آنَ، واهي

۳۶۰. ديگهه ڊگهي، وڇي سڌي- موتئ جي واٽي نه ڪري.

## آرٽي

۳۶۱. اڌ پاسياري پهرڙي، ڦر ڦر لڳهي واءُ-
آهيرُ ويٺو ستو ڪٺي، پٺتَ چڙي ماءُ.

## اِسرافيل

۳۶۲. بيٺو آهي ته ويٺو ناهي.

## آڪ

۳۶۳. جان وڃان وات ونيو نه گل بڪاولي بيٺو آ-
آسي ٻار جٽيا اٿس، اجا ماريو ڏُڪو آ.

## آکري مُهري ۽ آنَ

۳۶۴. هيٺان ٺڪر، مٿان ڪاٺ- وچ ۾ ممڙو مار ڪاٺي.

## اکيون

۳۶۵. ٻه پيٺرون وچ ۾ پٽ- چون ڪڏهن ملنديونسين؟
۳۶۶. ٻه ڪبوتر ٻن ڪنڌڙين ۾- ذري آسمان تي، ذري زمين تي.
۳۶۷. ٻه دريون ٻه دروازا، جن ۾ ويٺل صاحبزادا-
نڪي ڪائين نڪي پيئن، ته به تازي جا تازا.

## اڳٽ وجهڻي

۳۶۸. ننڍ مٿي ۾ نار ڪي، پٺ اڳي منهن پوءِ-
ٽيڙي هٺي تي سڪ ۾. پاڻي هوءِ نه هوءِ.

---

۳۶۶- يعني اکين جا تارا هيٺ مٿي ٿين.

ڪَم اچي تي ڪُلهي کي، مڙس هجي چا جوءِ،
”لاڙڪ“ بيٺ سنڌوءَ، سالڪ اُهڙا سوچ سمان.

### اڏب

٣٦٩. اندران ڦِڪو، ٻاهران ڦِڪو، ٻر ميڻي ذات ٻاڻن جو سالار.

٣٧٠. حان وچان بازار ۾ عجب ڏٺم يار،
ماس ڪاڏو ماڻهن، ٻچيا هڏا ڇي متي وار.

### داهم

٣٧١. ٻري ٻڪري بادشاهه جي، ڪک پن چري ته جيئي،
پاڻي پيئي ته مري وڃي.

### ٻرش

٣٧٢. ٻُڌي اٿس ڪاٺ جي، پيٽ تري وار،
ڪم ڪري صفائي جو، نالو ٻڌايو يار!

### ٻُسري

٣٧٣. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ٻارهين مهيني جو پيٽ،
ڇٽن ٻهرن جو ڇوڪرو، آئي تنهن جي هيٺ.

### ٻصر

٣٧٤. ڏڙ جنهن جو ڏوڙ ۾، لامون جنهن جون اُس،
اهــا پــرولــي پــڏري مــيــرا پــچندا مس.

### ٻيضو، آنو

٣٧٥. آٽ ويــائــي، گوڻــرو ڄــائــو،
نه آٽ کي اوهه، نه گوڻري کي پائو.

٣٧٦. مــاءُ ويــائي ڪــڍيــائين ٻُٽ ٻَڪو،
اِها خبر نه هُيس ته ٻٽ به آهي ڍُڪو.

---

٣٦٩. يعني ميون ۾ مُڪ.
٣٧٣. ڇهين مهيني جي چاول = ڪٺڪ. ٻارهين مهيني جو چاول = ڪمند مان نهيل ڳُڙ. ۽ ڇٽن ٻهرن جو چاول ڇوڪرو = مکڻ.

٣٧٧. ڳڻون وڻائي، ڏنائين ڳاٻو ڏڪو،
ڳاٻو اندران آلو ته ٻاهران سُڪو.

ٻار (ڏٿون چانور)

٣٧٨. گهر آيو مهمان، ڪٽوسين حلواڻ،
نه مهمان کي ڏند، نه حلواڻ ۾ هڏ.

ٻاڍهن

٣٧٩. ڪڇ مان پڇي سنڌ ۾ آئي، پنج ٻار ڄڻيائين.

ٻيڙي

٣٨٠. لتر ته لتما لتما، لتر ته لتما لتما،
هيٺئون آبا، مٿئون اما،
آما چانڙي ڀال ٻچڙي، آبڙي چانڙي آما.

ڌاڳي جون تندون

٣٨١. سوين هزار هرڻيون، ويهو وڳ چرن،
تنگ پڇي هڪڙيءَ جي ته ٻيهو سڀ رهن.

٣٨٢. هِڪ جيئريون، هڪ مرتيون، هڪڙي چال چلن،
چڪهه پڇي هڪ جي ته ٻيئيون ٻيون ڪيلن.

ترار

٣٨٣. ماري لک هزار، ڌڙ ڪري ٿي ڌار،
سدائين جيئڙي، ڳاڙهو پاڻي پيئڙي.

٣٨٤. اڇي آهي، ڪاري ٻير ۾ رهي،
وڄ جو پاڻي پيئڙي، مردن مان جهڻا هڻي.

ٺڪاڻ

٣٨٥. پير ٻڌا، فقير ٻڌا، ٻڌا الله جا اولياء،
وڃي پُڇو قاضيءَ کان، اسين پاڻ ٻڌا.

---

٣٧٨. مهمان = ٻارڙو. = حلواڻ = ناڙو.

٣٧٩. يعني: ڪڇ = جسم جو حصو. سنڌ > سنڌ پنج. ٻار = پنج آڱريون

٣٨١. يعني ڌاڳي جي تندن مان هڪڙي نه ٽٽي ته ان جي ٺهڻ تائين اُٿت نه ٿئي.

تند (ڪپڙي اُڻاوت جي)

٣٨٦. ذات جو ڪير، چئي: تند وائي،
ڪم ڪهڙو ڪرين؟ چئي: اڄوڄ جو.

تڱو، باهہ ۽ مانيون

٣٧٧. ڪارو گهوڙو، ڳاڙهو لغام، هڪ لهي ٻيو چڙهي.

ٿڻ (مينهن يا ڳئون جا)

٣٨٨. چار گهڙا قدرت ڀريا، ريءَ ڏڪڻ اونڌا تہ بہ نہ هارجن.

٣٨٩. چار نارَ، وهن ڌار، آڌ مڙني جي هڪڙي.

ٽوڪي

٣٩٠. ٽڙ جنهن جو ڏوڙ ۾، پادر جيڏا ڪن،
اها ڪهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾؟

ٽوهہ

٣٩١. شڪل جو سهڻو، اندر جو ڪارو،
وجهہ ذرو پيٽ ۾، تہ ڏڪائي ڏينهن سارو.

ٽيليفون

٣٩٢. هڪڙو هت ڪن تي، ٻيو هت وات تي، سڏ ڪيم ولايت تي.

ٻاچو

٣٩٣. وڏيان تہ وڏجي نہ، ڏوريان تہ ڏري نہ، چيان تہ چجي نہ.

٣٩٤. وڍيان تہ وڍجي نہ، ڪٽان تہ ڪجي نہ،
اڇلايان تہ اڇلجي نہ، جهليان تہ جهلجي نہ.

٣٩٥. الله جي آس ڪري، آيربو سائيهہ مٿان سڄ،
ٻارهن هٿ گدرو، تيرهن هٿ ٻج.

ٻنگال، سانداري

٣٩٦. ٽنگون چار، سيسي وڍيل، سهڪندي وڃي.

٣٩٧. سسي وڍيل، ٽنگون وڍيل، ڪاري ڪاري صورت،
جيئري مٿي مُردو چڙهيو، ڏس مٺي جي مورت.

**پلٽي، هڏو، قبر ۽ ڪوڙ**

٣٩٨. ناهي پاڻي ۾، ناهي زبان ۾، ناهي آسمان ۾، ناهي قرآن ۾.

**پنو ۽ پڙهندڙ**

٣٩٩. اڇي زمين، ڪارو ٻج، ڇهن سان پيا چوندين.

**ٻور (ڪيڙي ڇُرڻ جو)**

٤٠٠. ٻڏي ٽيهه ورهيه، سُڪي ٽيهه سال،
ڏس پلي جا پال، جو آڻ ڦٽي ٿو ڦرڪري.

٤٠١. ڇاپڪ ڇُوپڪ ڇا ڪري، اُپڪ ٽُپڪ ٽينگ چلي،
ٻهرُ جنهن ڪـي پيٽ ۾، ٿئون مُڪ جهلي.

**ٻيرون**

٤٠٢. رڻ پٽ ۾ ووڌهه وياڻي، جنهن ٻاهتر ٻچن جي ڄاڻي،
ڪي ڪارا، ڪي ڳاڙها ته ڪي اڇا.

**ٻيلگهو**

٤٠٣. آهي گهوڙي، چم نه ڇوڙي.
هيٺان سوار، مٿان گهوڙي.

**ڄُرڻ**

٤٠٤. ڪارو پکي، ڪاري وڻ تي وهي، ڳڙهو پاڻي پيئي.
٤٠٥. ڪاري آهي، ڪمري آهي، ڪاري وڻ ۾ ويٺي آهي،
لال پاڻي پيئندي آهي.

٤٠٦. ڪالي ڪالي شيءِ، ڪاٺي وڻ وچ ڦهندي،
ليندي ڏاڪڙي نال، مرندي نُهن نال.

---

٣٩٨. يعني پاڻيءَ ۾ پلٽي ناهي، زبان ۾ هڏو ناهي، آسمان ۾ قبر ناهي ۽ قرآن ۾ ڪوڙ ناهي.

٤٠٠. ٻي روايت: وڏني ٽيا ورهيه، سڪي ٽيا سال،
اڃان ڏسان ڪالهه ته ڪانيءَ پئي گل جهليا.

٤٠٧. ڪاري آهي ڪمري، ڌُـــور کان ڏئي،
چِڀِٽَ کان جهٽي، ٽَهري کان ساري.
٤٠٨. ڪاري آهي ڪمري، ڊِيڊِي کان ڏئـي،
چِٽِڻي کـان ورتـي، ٽِهي کان ڪٽي.
٤٠٩. جهنگل پور ۾ شينهن ساماڻو، اڪڙپور ۾ ڏنو،
چِيٽ پور ۾ چاٽ ڪياڻون، ناهرپور ۾ ڪٽيو.
٤١٠. جَرَ ۾ چاڻي، جَرَ ۾ نِپِڻي، جَرَ ۾ ڪياڻين وِهاڻهُ،
جنهن کي هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين مٽو ٿئي ماڻهُ.

## چاهو

٤١١. ونيو وڃان وانڙي ته ڏنم ڪندن جو ڍير،
هٿ لايان ته هٿ ڦٽجي، پير لايان ته ڦٽجي پير.

## چيڙ

٤١٢. ڪارڙا ڪپڙا، ٿينڊي پڌا ٿيترڙا، پاڙ مڙني جي هڪڙي.

## چيڙ ۽ ول

٤١٣. ماءُ مري ويئي، پيءُ پرديسي، پُٽ پينگهي ۾ لُڏي.
٤١٤. جان وڃان وات ونيو ته گلبدن ويئي آهه،
آسي پُٽ چٽياڻين، اڃا ديولق ڏُکِي آهه.
٤١٥. ماءُ چاڙهيو هو پُٽ کي ناهي ۽ ڦاهي،
مٿي ماءُ سان پُٽ اوسيڙو نـه لاهي.

## چُـغل (چلم جي ٽوپي ۾ پوي)

٤١٦. شهر سچو ڏنگ ڏنگ، چوري ڏنگ نه ڪو،
تنهن جا ڪم ڏسو، جو ٽيپو پئي ٿو ڏنگ ۾.

---

٤٠٧. يعني اڪين ڏئي، چيڻيءَ سان جهٽي ٽنهن سان مٿي
٤١٥. يعني ماءُ= ول. پُٽ= چيڙ. ڦاهي =ول وٽ نـي چڙهي.
مٿي ماءُ= سڪل ول.
٤١٦: چلم ۽ ان جي سيني عضون ۾ سوراخ ٿين.

## چڙڪ (ڪنڀار جو)

٤١٧. هٿ جيڏي ڪاٺي، ڦيڙهي جيڏو ڳُل،
سؤ پيتا چئي، هر ڪنهن پنهنجو مُلهه.

## چلم

٤١٨. هيٺان دُم درياءَ جي، مٿان ٻري باهه،
اهڙي رَن آڇانري، ادي! ڪا اِتي آهه؟

٤١٩. درياهه ۾ ٻڙ ٻڙ، ماڙيءَ لڳي باهه،
ننڍيءَ کي چڙهي، ويهي وڏي ڇڪي ڏاهه.

٤٢٠. هڪ ڳوٺ ۾ باهه لڳي، ٻئي ڳوٺ ۾ دُونهون،
ٽئين ڳوٺ ۾ شور ٿئي، چوٿين ڳوٺ ۾ کُوهه.

٤٢١. در تي ٿا دهل وڄن، ٻنگلي مٿان باهه ٻري،
اهڙي رن طلاق، جا پوک ٻئي چري.

٤٢٢. هيٺان دولي، مٿان درياءَ،
درياءَ ۾ درخت، درخت تي جامڪي،
جامڪي جلي، من جي آسا پلي.

## چنڊ

٤٢٣. ننڍي نه سڳ جوان نه ٻوڙهو.

٤٢٤. ري ماءُ ڄائو، ري پيءُ پيدا ٿيو،
لامن ۾ ”الله“ چئي، ڏس قدرتي ڪئو.

٤٢٥. سڳن ساڻ ڄائو، وهيءَ منجهه وڌاس،
پوريءَ ۾ پيدا ٿيا، ساڳيا سڳ سنداس.

## چوپڙ

٤٢٦. ٽي پٽ، سورهن ڏيون، ڀاءُ، پيئون ڌري ماريو ڌري جهيڙو.

٤٢٧. ڪاله ويس اوطاق ۾، ڏٺم توبهه زاري،
سورهن پٽ، ٽي ڏيون، پاڻ اڃا ڪنواري.

## چيچڙو

٤٢٨. ميان سنڌي ملڪ ۾، مون مٺي مٺندي ڏٺي،
نه ساهه نه سير، مون گاهه چرندي ڏٺي.

چانڊوڻي

٤٢٩. ننڍڙي ننڍڙي گھڙي، ٻنان درياھ جي پاڻيءَ ڀري.

٤٣٠. ڪوري ڪوري دلي – نہ چٽڪ چڙھي، نہ ڪنيار گھڙي.
ڀڃي آھي ڀٽ تي، پاڻيءَ سان ڀَري.

حضرت عيسيٰ

٤٣١. ڄائو آھي، پر ڄڻيو ڪونھي.

حُقو

٤٣٢. حوض ھيٺ، حوض مٿي، حوض ھوائي.

٤٣٣. گھر مٿي گھر ڌري – ڀِت ڀڄي، نار ڀَري.

٤٣٤. سانوڻ سلطان آيو، ڪاريگر ڪاٺ سلي،
ٻاھ ڏنائينس ٻرھ جي، چپن سان پيو چلي.

٤٣٥. آيو ڍورو ڍنڍ ۾، ٽينگ نچي ٽنگ ۾،
ادا ڙي ٻٽينگ! ڪو ٽينگ ڏٺي ٽنگ ۾.

خط

٤٣٦. اڇو اڇو ٻگلو، ڪاري مٿس ريھ،
پير نہ اٿس ٻڱڙو، گھمي گھڻو ڏيھ.

ڍول

٤٣٧. ھيٺ ڪٺائنس آڳ، ھُت ڪٺيئس ابو،
پروسي پير ڏمڻ جي، سڀجي ٿي ڏبو.

ڏُڪڙ طبلو

٤٣٨. نہ ماريوس تہ مري وڃي، ماريوس تہ ڳالھائي،
عجب اٿي ڳالھ جو تہ مُردو ٿو آنو ڪائي.

ڌڻي تعاليٰ

٤٣٩. ھرھنڌ حاضر، ڏسڻان ڏور.

---

٤٣٥ ٻي روايت: سچ ڙي ٻٽينگ! تو ڪو ٽينگ ڏٺو ٽنگ ۾

### ڏندڻ

۴۴۰. پنجن ڪنيس پـاڻ سان، پنهنجي تـري سوار،
وائڙن سان واپار، جن ويندي ڇڏيس وات تي.

### وڏي

۴۴۱. ايـچ خاتون، ميچ خاتون، جهنگل سندي جوء،
تول ڪائي، مال ڪائي، سا ڪيئن ڏيـري هوء.

### ڏيڏر

۴۴۲. هيڏڙو هيڏڙو ميچو، جيڪو نچي ٽپي لچو،
ٽـڪـُـر ڏيـنـڪ ڏيـنـدو اچـي.

۴۴۳. آٽ جـيهي جـهوڪ، هـرڻ جيها چـال،
اهو مرون ڏيکار، جنهن ڪئون پڇ نه وال.

### ڏينهو

۴۴۴. اڳيون به ٽلها، پڇيون به ٽلها، وچ سڳي جيها،
هلي اڳيون، ڪاوڙي پڇون، هي تماشا ڪيها.

۴۴۵. ڪاٺ ڪيهو شهر اوندو، تنهن ۾ هٽ نڪو بازار،
جنهن کي ڪڍن مار، تنهن جو منهن ڏهو ٿئي.

۴۴۶. پکين پوکي پـوک، پکي پاڻ ٿي پير،
لڳي اتر هـيـر، پکي پٽين پوک کي.

### ڏيو

۴۴۷. تـلاءُ ۾ پـاڻي، پاڻيءَ ۾ نـانگ، نانگ تي مور،
تلاءُ سڪي ويو، نانگ مري ويو، مور آڏامي ويو.

---

۴۴۰. ٻي روايت: اهڙو ڪيائين واپار، جو وائڙي ڇڏيس وات تي.
۴۴۳ ٻي روايت: پينا ته آٽ پينا، هلي ته هرڻ واري چال.
۴۴۶. ٻي روايت: پکين پـوک پوکي، پوک مان ٿيا پير،
ڪا جا لڳي هير، جو ويا پٽيندا پوک کي.
يعني اتر جو واءُ لڳندو ته ڏينهو مانارا ڇڏيندا.

## ڊاڪ

۴۴۸. پروليءَ پير ڏمڻ جي، وچ لڳي نار،
گل ڪندي هڪڙو، چڱا ڪندي چار.

## ڊيپ، ڪيپ

۴۴۹. پاڙون جنهن جون پاتال ۾، لامون جنهن جون لس،
اها پروليءَ پڌري، جا ميهر به پڇندا مس.

## ريڊيو

۴۵۰. ٻه پٽ، اٺ پيٽون، سورهن پائي سچا،
هلن چلن بازار ۾، ٻڌيهه آن جا ٻچا.

## ريل گاڏي

۴۵۱. صاحبلوڪ لاٽس روڪ، چوري چمڪندي وئي.

## زال ۽ مڙس

۴۵۲. اڳي هئاسين ٻه ڄڻا، هاڻي وڏي ٿياسين گهڻا،
سچو گڏيا سچ سان، اسين آهيون ٻه ڄڻا.

## ساري (ڏيهه چڙهيل چانور)

۴۵۳. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ڏيکيل ته ضائفان، اگهاڙو ته مرده

## سال

۴۵۴. هڪ ٻڪري، ٻارهن ٻچڙ، ٽي سؤ سٺ سڱ،
سڱ سڱ تي پنج ڏونر.

۴۵۵. ايڪ حويلي، ٻارهن ٿنڀي، تنهن جا ايڪاونجاهه طاق،
انهيءَ جي اوطاق، ٽي سؤ سٺ ڪڙڪڻ.

---

۴۴۸. ٻي روايت: پروليءَ پير ڏمڻ جي وچ لڳي آنڳاس،
گل ڪيائين هڪڙو، چڱا ڪيائين چار.

۴۵۱. ريل گاڏيءَ جي اوائلي زماني ۾ ڊرائيور انگريز هوندا هئا.

۴۵۴. يعني سال جا ٻارهن مهينا، ٽي سئو سٺ ڏينهن، ۽ ڏينهن ۾ پنج وقت نماز جا.

۴۵۵. 'براد' شاعر جي ڏاهيل پرولي.

## سال ۽ صدي

۴۵۶. ٻارهن ڏيلا، هڪ سنهن ـ سؤ سٺهرا، هڪ ننهن.

## سانڀو يا ڪپاڇُوڙو (ڪپهڙون)

۴۵۷. آءٌ مٿو آهيان تنهنجي ڪاڻ، تون نه مر منهنجي ڪاڻ،
جو يار بيٺا آهن تنهنجي ڪاڻ.

## سانگُر يا ِسهڻوَر

۴۵۸. ٻه چٽا ٻيڙي چڙهيا، چڪڻ وارا چار.

## ساهه

۴۵۹. پنهل ته پيارو آهه، پر پرديسي ٿي پيو.
۴۶۰. گهر ۾ ويٺو ته خوش، ٻاهر نڪتو وري نه موٽيو.

## سپَ

۴۶۱. ٻه مايون، گڏ ساماڻيون پر ٻار ڄڻيائون هڪڙو.
۴۶۲. ٻـه ڀينرون ڀـاڻ ۾، ٻنهي وڏا ڀڪ.
هڪڙيءَ ڄايو هڪڙو، ٻيءَ ڄايو لک.

## سج ۽ چنڊ

۴۶۳. ٻه ٻگا ڏاند، وهن ڏارو ڏار، پر ٻيڙُ ٻنهي جو هڪڙو.
۴۶۴. ٻــه ڀــائــر واٽ هــڪــڙي،
هڪڙو هلي ڏينهن جو ته ٻيو هلي رات جو.
۴۶۵. ٻه شهزادا، مٿرن ٻه روز، چمن ٻه روز.
۴۶۶. ٻاهرئون آيا ٻه چٽا، ٻاهه ۾ ڀائيوار،
آڏ ٻنهي جي هڪڙي، وهن ڏارو ڏار.

## سُرمبداڻي

۴۶۷. چؤ چنگهي چوغان ۾، آڻـي لاٿـائـون،
نر هٿس پيٽ ۾، مٿان مـادي وڏائـون.

---

۴۵۷. مڇي مارڻ جي ڪنڍيءَ ۾ ٻڌل سانڀو، مڇيءَ کي خبردار ڪري ٿو.

۴۶۷. جار ٻيہر چوغان ۾، ڦِري ٿي ميدان ۾،
پُٺ اٿس پيٽ ۾، ڏيءَ ٻيٺي گهُري.

۴۶۹. چار ٽنگون چيلهه ۾، ٺشي ۾ ڪُهِي،
اهڙي سگر جوءَ، سيڪنهن جي گهر هئي.

سرنگهڙ

۴۷۰. ڏِرڪ ڏِرڪ دِلوڙي، ٻَچ ٻَچ پاڻي،
پنج جڻا ٻوڙي آيا، ٻين جهلي تاڻي.

سواري (ڪورڪي ڪم جو اوزار)

۴۷۱. ستو ڪاٺ جو، چيلهه چم جي، ٻيہر ڪڪن جا.

ستوڙ

۴۷۲. هڪڙي رَن، چار ڪَن، ٻچڙا ٻار اڪائي.
۴۷۳. هڪ رن، چار ڪن، جيئرا ماڻهو دسي.

سيڪاهڻ

۴۷۴. جيئري هئي جوءِ، مُئي ڪياڻين مڙس،
اها ڳالهه درس، ٻڌي ٻوڙا ٻار ۾.

۴۷۵. نندي نندي نينگري، دلي جيڏو پيٽ،
وچڙي ٻڌي ٻرديس ۾، سواريءَ سميت.

شيشو

۴۷۶. ٽيپڻ ۾ ڏُنگ ڳچيءَ ۾ رسو، هلي ٿو بازار ۾ ڏسو ڙي ڏسو.

طاق (دروازي جا)

۴۷۷. ٻہ ڀائر، ڏينهن جو جدا ٿين، رات جو گڏجن.

عزرائيل

۴۷۸. آيو آهي نہ خالي نہ ويو آهي.

۴۷۹. چوري آءٌ نہ ڪريان، شيءِ ڪنهن جي نہ ڇڏيان،
مات آئن جا ستمڏا نيان.

### عورت

٤٨٠. آڻ لڳي اوهه، لاهي، لڳي ته وياءِ،
ماس جنهن جو مکروهه، کير سڀڪوئي کاءِ.

### قاز، هڙ جو

٤٨١. هو جو مٽڪي ڦر سان، گهاري نٿو گهر سان،
پاڻ ته ڪريو پر پيا به ڪاري.

### قٽي

٤٨٢. جان وڃان ته ٻيٺو ڏي، ڏئي ته سو ڪو نه ڏيندو،
نه ڏئي ها ته ڏئي ها.

### قبر

٤٨٣. جيڪي ناهين ٿا انهن کي ڪم نٿي اچي،
جن لاءِ ناهين ٿا، آهي ڏسن به نٿا.

### قرآن شريف

٤٨٤. ڏڙ ڏلهو، ڏار گهڻا، هڪڙا واسيا وڃن، ٻيا واسجن پياءِ

### قرآن شريف، رحل ۽ پڙهڻ وارو

٤٨٥. سمنڊ ڪاٺ تي، ويٺي وارو هيٺ.

### قرآن شريف، اسرافيل، حضرت عيسيٰ ۽ بهشت

٤٨٦. آيو آهي ته ويو ناهي، ٻيٺو آهي ته ويٺو ناهي،
چاڙهو آهي ته مٺو ناهي، پاڪ جاءِ تي نماز ناهي.

### قُقنس پکي

٤٨٧. نڪي پڪو نڪي ڪچو، نڪي ڪوري ۾ ڪاٽيو،
جڏهن ساڻيو، تڏهن ڪار ڪري پيو پيءُ جي.

### ڪاغذ، مس قلم

٤٨٨. اڇي ٻني، ڪارو ٻج، ڪاني جو هٿ وهي.

---

٤٨٧. يعني ته ققنس پکي ٽانڊا پيو چڳري.

## ڪانڌيرا

٤٨٩. استري کي اوڏِي نه وڃي، نر کي سُونهي نار،
خاص پروليءَ "ڪتي" ڇئي، تون نِڪتيءَ وت نهار.

## ڪانڌيرا

٤٩٠. گهٽا ۽ گهاٽا، وِهه جنهن جي وات ۾،
گل نئي چاٽا، ڪهڙي ورن "ڪتي" چوي.

## ڪاوڙ

٤٩١. آهي حرام، پر ڪاڄ ته حلال.

٤٩٢. آيري ته اونده، لهي ته سوجهرو.

## ڪتي (نکٽ)

٤٩٣. آمر ساڻ آٿيي ٿيي، آها ناز پري نينگر،
گهمي ٿي گهٽن سان، آها ناز پري نينگر،
والي عڪس ور، انهيءَ جاءِ "جمعو" چوي.

## ڪوٽ

٤٩٤. چار ڪاٽ چڙهڪ، پنجون پڌرو لوهه،
پير اٿس پوشيدا، ستر کي سنئو،
سالڪ اوهين سمجهو، ڳوليو انهي ڳالهه کي.

## ڪرڙ

٤٩٥. ڦر به ڪري، گل به ڪري، ڪري ڪين پن.

## ڪڙهي (مڇي مارڻ جي)

٤٩٦. ڇهه ڄنگهون ڇهل باز ڪي، مٿي ۾ ڪُهڙي،
ڪالهه ڏٺيسين مڙس ڪي ڪلهي تي هئي.

٤٩٧. آٿي ته ڇم ڇم، وهي ته ڪم پاتار،
ماري لک هزار، پر ڪائي ڪجهه به نه.

---

٤٩٧، ٻي روايت: هلي ته ڇم ڇم، ٻيهي ته سؤ خون ڪري.

## ڪفن

٤٩٨. جنهن کي گهرج هئي، تنهن ورتو ڪونه،
جنهن ورتو، تنهن پاتو ڪو نه،
جنهن پاتو، تنهن ڏنو ڪو نه.

## ڪڪڙ جو مور (چوٽي)

٤٩٩. نڪي ڪوريءَ اُڻيو، نڪي ڪتيءَ رڱيو،
اچي ڏسو ماڻهئا! هيءَ ڪهڙو رنگ رتو.

## ڪڪڙو ۽ ڦلي

٥٠٠. ٻوڪيم نر ته ڄائي مادي،
ماديءَ جو مٿو ڪوڙ ته ساڳيو نر.

## ڪلف ۽ ڪنجي

٥٠١. پاٽي ۾ پاٽو، تنهن ۾ وري پاٽو،
ماڻس وڃي نڪري، پٺس اچي ڦاٽو.

## ڪم

٥٠٢. سڀ ۾ پوي.

## ڪنڊو

٥٠٣. ٻهنو ٻهنو. گهر ڪري ويٺو، هٿ لاءِ ته هاءِ.

## ڪنڊي (مڇي مارڻ جي)

٥٠٤. آءُ آهيان ڏنگي، تون ٿي ڪرين خوشي،
جي ڪاٺين ٿي مون ته مرين ٿي تون.

## ڪينگير (ماڻهو ۾ پڌل)

٥٠٥. منهن ڦاٽل موالي، چڪر ٿي چڙهيا،
دانهون ڪري درد جون وڃي ڪڏ ڪريا.

### ڪِنگري (ماڻهن ۾ پڌل)

٥٠٦. اڇي ٻه سرتين سان، وڃي ٻه سرتين سان،
تنهنجو منهنجو سڏ آجـــايــو.

### ڪنو

٥٠٧. ٽن ٽي چڙهيو ٽينج ڳالو، ٽوپ پائي ٽينج ڳالو،
پُڇ ٽورو ٽينج ڳالو.

### ڪڪڙي پڪي ۽ ڪڪڙي ٽانءَ

٥٠٨. هڪڙي ساهه سرير ۾، ٻئي کي ساهه نه ماهه،
پر نالو ٻنهي جو هڪڙو.

### ڪوڙڪي (پکين ڦاسائڻ جي)

٥٠٩. آهه آيس نو لاءِ، ٽون آئين مون لاءِ،
جي ڪائيندين مونکي ته ڪٽيندا توکي.

٥١٠. ڏِنگڙي جوانڙي، جنهن کي مٿي تي مانڙي،
چور ڪري چوري ته ڪري وٽ پڪڙ.

### ڪاري هيڏان ڪيڪڙ جا ٻچا

٥١١. ڏس ڪاريگر جا ڪم، ڪائين ۾ ٽو ڪيچ واڙ ڀي.

### ڪانياڏي

٥١٢. نر چڙهيو نر تي، نر جي هٿ ۾ نار،
گهوٽ ويونڪري، دانهن ڪئي ڪنوار.

### ڪنولو

٥١٣. چـــار چـــٽـــا چـــوُگـــان ۾، آٽ پـــڻ اوءِ،
هڪڙا نيرڻ پيا ائن نيهن جا، ٻيون پيندا پچاڙيون پوءِ،
آهن گهر هرڪنهين، ٽوڙي هندو مسلمان هوءِ،
سو ڪو سگهڙ هوءِ، جو ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

---

٥١٢. پيهي تي چڙهيل هاري جي هٿ ۾ ڪانياٽي، ۽ ان گهوڙهو.

کاڄي (وڻ)

۵۱۴. ايڏي ايڏي لنبي اي، ماڙي ڪنون وڏي اي،
شمڪي جيڏا وال اي، سونيي ٽوپي نال اي.

۵۱۵. هڪ مائي، سدا سائي، پٽ ڄڻيندي ريهان ڪيهان،
الله جي مهر پيئي، ته مرگهو ڏيان ٿي ڏيان.

ڪُنڀي

۵۱۶. ٻج به الله جو، زمين به الله جي،
تو جا پٽيي، سا ڪنهن نه پوکي.

۵۱۷. پهرئين ڏينهن صغير، ٻئي ڏينهن ڪبير،
ٽئين ڏينهن ڪراڙي، چوٿين ڏينهن ڪنهن نه قبولي.

ڪير ڏهڻ

۵۱۸. چَمُ وَرُ، چيچ وَرُ، هيٺان گهڳهه جو گهر،
مٿان گهُو گهُو.

ڪيڏهون

۵۱۹. مٿي وڇي، هيٺ وڇي، هڏ گسائي پيءُ نه ڪٽي،
هيڏانهن ٻڪيو، هوڏانهن ٻڪي.

گيراهه

۵۲۰. پنجن ڇڻن پنوڙو ڪنيو، ڏي ڏڙنگ منجهه،
مٿان هيٺان رينگ رينگان، ڏي گڙنگ منجهه.

گرانهه ڇڀڻ

۵۲۱. پنج ڇڦا پتڻ تي، ٻڌو پٺيهن گاهه،
حليما مائي هڪڙي، ٻئي ڪري پاهه،
سالڪ سنجهه صباح، ڳُوڙها ڳولج ڳالهه کي.

گراهه کائڻ

۵۲۲. پنج وڻ وڻيا اچن، ٽيهه ڪُنو ڪنيا اچن،
زهرا گنجي نچندي اچي، خير مٿو وڇندو اچي.

۵۱۴. ڪجيءَ جا ڏگها پن ۽ پيلا ٻهارا.

## گوگڙو (ڪپهہ جو)

۵۲۳. لَڏي لَڏي لَڏڻ ڄائو، تنهن سان ڄائي مائس،
مائس مٿو ڪوڙايو تہ پيدا ٿيو پٽس.

۵۲۴. پهرين ڄائو ڇورو، پوءِ ڄائي مائس،
مائس منڊا ڇوڙيا، پوءِ ڄائو پٽس.

۵۲۵. آوڻ ٿيا، ڏوڻ ٿيا، مٿا تنهن دا قاڙ ٿيا،
مال خزانا کس ٿيا، نلهي نڪر ڇوڙ ٿيا.

## ٻيڙو

۵۲۶. اچو موتي جهرڪٽو، هٽ نہ بازار، ڪٿان آئيان؟

## ٻڱون يا مينهن

۵۲۷. چار مڪڙيون، ٻہ سيڪڙيون، هڪ نوريٽڙو.

۵۲۸. چار هيٺ، چار بيٺ، چار چاڙهيڪي چڙهيا،
عجب آهي الله جو، جنهن اهڙا گهاٽ گهڙيا.

۵۲۹. چار چنيسر هلن چلن، چار چنيسر مٿي ماکي،
ٻہ چنيسر لڏن ڪڏن، ٻہ چنيسر مٿڪي ڪاني.

## گهاڙو

۵۳۰. ڏڪ لڳن هڪڙن کي، رڙيون ڪن ٻيا، رت ڏين ٿيا.

۵۳۱. پاڻي مٿي ٻون، ٻج ٻيڙي جي وات ۾، تائين ويٺو نون.

## گهڙا منجهي، ٻاڦي ۽ ٻڪ

۵۳۲. نار مٿان جا نار ڏنيسون، تنهن جي مٿان نر،
ڪامل ڪنيو ڪر، ڪري عرض الله کي.

---

۵۲۵ ٻي روايت: اوڙ ٿيا، ڏوڙ ٿيا، مٿا تنهن دا قاڙ ٿيا، خزانا تيڏا
کس ٿيا.

۵۲۷. يعني چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ هڪ پڇ.

۵۲۸. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ ٻہ ڪَن.

۵۲۹. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ ڪن ۽ ٻہ سڱ.

**گهڙيال**

۵۳۳. اندر ۾ اوزار، ٻاره‌ن اٿس ٻار، سارو ڏينهن ٿو سيرُ ڪاٽي۔

**گهونگو (جيت)**

۵۳۴. جهوڪ آٿ جي، پيرانگ شمنهن جي؛
ٽپڪي ڏيڏر جي، سڱ هرڻ جا۔

**ڏٺو ڏارو ۽ ڏٺڙو جاڏور**

۵۳۵. ٻهڳڻ ٻُڌم ٻـ، چـڻـا، پيـچ ٻـنـيءَ وات،
هيڪ جو جالڻ جر سان، ٻئي جو ڏوڻ رات،
آهن ٻ ٿنون واٿي ذات، پر ڏانءُ ٻنهي جو هڪڙو۔

**ڏهڙ**

۵۳۶. نہ ڪاٿي، نہ پيئي، نہ پہ چـڙهي وچي آنڪاس،
ڏنوسين رنگ راس، تہ پير پکيءَ جو هڪڙو۔

**اوٺ**

۵۳۷. جـتـرَ ۾ جـالارو، ٻـر ۾ بيشمار،
جڏهن پئي طعام ۾، تڏهن ٿئي تيار۔

۵۳۸. سيرجي سـڏو نہ ٿئي، پـوکـئي ڪري نہ پن،
تـنهين سـنـدو ان، وڪامـي وچ بـازار ۾۔

۵۳۹. نڪو هڻيو ٻج ٻنيءَ ۾، نڪو هـاري آڙهو هر،
نڪي لٿيس لاهيارو، نڪي هـاري ڪـتـريس هلر،
انهيءَ پـوکـ سندو ڦـر، وڪامـي وچ بازار ۾۔

**ماڪ**

۵۴۰. آٿ ومنجي نـڪـتا، گهڙا ڪين ٻـڌن،
پـرديسي پـڪـيـڙوال، ويـنـا آچ مـرن۔

---

۵۳۶. ٻي روايت: نـہ ڪاٿي نـہ پٽي، نہ ورهي پاٿي پاس،
ڏنوسين رنگ راس تہ چڙهي ويو آنڪاس.

## ماڻهو (هرلي ۽ نار جي)

٥٤١. سئو ڏيئي سستي جي، پنجاهه پٽن،
ڪريو آس الله جي، ڦريو ڀون ڀٽن.

## ماڙارو (ڏينهن جو)

٥٤٢. ماڙي جيڏي ماڳ ۾، ڪڏن جا هزار،
ڪي دربارن درن تي، ڪي ڇلن چوڪيدار،
اهڙي نامدار سرڪار، ڪٿي ڏٺيسون ڪانه ڪا.

## مانڌاڻي، منڌي

٥٤٣. ٻوڙهي رن چار ڪن، چيلهه ٻڌيو ٻئي نچي.

٥٤٤. انڌي رن، چار ڪن، چيلهه ٻڌيو ٻئي چڪر هڻي.

## ماءُ جو ٻٻو

٥٤٥. هيڙو هيڙو، ليڙ به ليڙو،
هٿ سان ڪري، پيٽ ۾ ڦرو،
پيٽ به پريو، اندر به ڀريو.

## ماءُ پيءُ

٥٤٦. هو جي آيا ٻه چٽا، ماڪيءَ کان مٺا،
تو ڏٺا، مون ڏٺا، خدا ڪين ڏٺا.

٥٤٧. رهبر وٺو راهه، آيا ٻه چٽا،
سيڪنهن ڏٺا، الله سائينءَ نه ڏٺا.

## ماڪيئر

٥٤٨. سج لهي سانجهي ٿي، آيو هرجائين،
هر ڪو منهن مٺو پيئي؛ ڊور ڏڳي تائين.

٥٤٩. منهن جنهن جو مرونءَ جهڙو، ٽنگون جنهن جون سڱا،
ڪايو ڊور ڏڳا، لڪيو وڃي لٽن ۾.

---

٥٤١. سؤ ڏيون = اِرڙيون. پنجاهه ڀٽ = لوٽا، ڪنگر.

٥٥٠. مُنهن مرونءَ جهڙو، پـر پکيءَ جهڙا،
هـٿ نـه هـڏوئـي نـه لـپـي.

٥٥١. نکي ڇهنب قرار جيئن، چنگهون جنهن کـي چار،
ڏِکهي ڪنهن کان ڪينڪي، ڪري شوق شڪار.

### مرچ

٥٥٢. چـپ ڪتـر ڪتـر، هـا پـتـر، هـاءِ هـاءِ.

### مڪائي (سنگ)

٥٥٣. آڙي آ، پڙي آ، موتين سان جڙي آ،
ليلى جي باغ ۾ ڇملهه ٻڌيـو ڪڙي آ.

٥٥٤. آتر کان آئيني، نالي ڇڱي نار،
پاڻ ويٺي گدي ۾، مڇون ٿيس ٻهار.

٥٥٥. پالڪيءَ ۾ ڏِکي سائي چولي،
پيريءَ ۾ پائي موتين جو هار.

### مکڙ

٥٥٦. چريو چانجو سي نه ڏي، ڪُر ڌرتيءَ تي نه ڏي،
مٿون پيو چُري ڦري.

٥٥٧. ڇهه چنگهون ڇتهلباز کي، نتو ويهون نمهن،
ڪاچ جنهن جو کڙڪڻو، پـاڻي مُور نه پيـن،
دعا ڪـريـو ڙي جيڏيون، ڇپر شال وڃـن.

### مکڻ

٥٥٨. ٽِڪرين دامين ڪوت ٻڌايا، لاکڙ پٽم گاهه،
حاضري ميوا پـڪ ڪـڙا، تلهي رهه گيا درياهه.

### مڱ (ڀوڙو)

٥٥٩. پتن تـه جنهن جـا پير جهڙا، ٻهلي ۾ ٻهڪن،
وڃي پُڇ ڏيهه دارن کان، ته آن کهڙو ڪتن؟

مرڪ

٥٦٠. جان وڃان بازار ۾ ته نانگو ڏنم نر،
چاليهه چيلا چيلهه سان، سؤسٽ نو ڪر.

٥٠وو (جنهن اندر گهڻا ٻج هجن)

٥٦١. گُنديءَ ۾ دانا، پاڻي ۾ پُرڪار ٿيا،
نڪرن جي نڪونجهه مان، ته سَلا ساماڻا،
محب نه ڪر ماڻا، سمجهه ته پوءِ سرهو ٿئين.

ڏار يا هرلو

٥٦٢. ڪاٺ مٿان ڪاٺ گهڙيو، تنهن تي گل ٻيگ چڙهيو،
واهه ڙي واڌا وهه، تو ڪيئن ڪاٺ گهڙيو.

٥٦٣. ڪاٺ چڙهيو ڪاٺ تي، ڪاٺ ڪري ريهان،
چئي: دوزخ مان نڪري، بهشت ۾ بيهان.

٥٦٤. هڪ ڏڪ جيڏرن ڪي، نه مٺا پيا ڏانهون ڪن،
اونهي ڏيهه الله جي ۾، اڻ مٺيا پيا مٺين.

٥٦٥. ڏڪ لڳا جيڏرن ڪي، ڏانهون ڪن مُٺا،
سي ويچارا روئندي بهشت ۾ ويا.

٥٦٦. ڏڪ لڳن هڪڙن ڪي، رانيٽ ڪن پيا،
آڻيا جي ٿيا، سي لُڙڪ هاريندا ويا.

ناريل

٥٦٧. ٻرپٽ ۾ ٻڙيو ٿانگو، ريءَ ڪنيار گهڙيو پاندو،
ريءَ سٽباٽيءَ ڪير جڙيو.

٥٦٨. ٻه ڪوٽ قابو آهن، جن کي دري نڪو در،
نڪو پيو پڌرو پاڻي، نڪو وٺو مجهس ڪڪر،
جوان تنهن ۾ جر، ڪهو ڪامل ڪٿان آئيو.

---

٥٦١. مولوي احمد سيمڻ جي ٺاهيل پرولي.
٥٦٤. جيڏرا= ڏاند. مٺا= ڏر جو ڪاٺ. اڻ ميا= ڪينگر.
٥٦٥. ٻي روايت: پاڻي پرن اهي، جيڪي دوزخ ۾ هئا.

نماز

٥٦٩. هڪڙي ٻوٽي ۾ پنج گُل، تي چانو ۾، ٻه آس ۾.

نند

٥٧٠ آئي سميلا، وئي سميلا، سميلا ڪنهن نه ڏٺي.

نير (ٻوڪ)

٥٧١. ٻوڪين ٻوڪ ٻريت سان، سا سڪي ٿئي سوڪ،
ماڻهو مرون ڪاٺس ڪون، ته ٻه پئسا ڪري روڪ.

وات

٥٧٢. ڍڪهي ڍڪهي چادر، هنڊائجي نه نئين، ٻيئي آهي نه پراڻي.

واڇوڙو

٥٧٣. ڀرولي ٻير ڏمن جي، وڇي لڳي آپ،
هيڪو نه ٻچي، تنهن جا ٽوڙها ٿيندا سپ.

واڱڻ ۽ ٻصر

٥٧٤. ٽنگيو چوي ٻوريل کي ڪڏهن ملنداسين.

وڄڻو

٥٨٥. سياري ۾ لڪي رڄي، اونهاري ۾ جام،
اهڙا حڪيم عام، وڪجن پيا بازار ۾.

وڇون، ڀڳون

٥٧٦. بندرو بروهي، هٿي بندوق، ڪري گوهي.

٥٧٧. رهي زمين تي، اُپري آسمان ۾،
نالو انس نعوذ بالله، ٻُچ مان تو ڪاڍي.

وڻ ويڙهي

٥٧٨. نر ٻرائي نار کي ٻيلو ٻاڪر پائي،
نار آگهي ڏڪي، نر ٻيو آنا لاهي.

---

٥٧٥. ٻي روايت: هيٺ نه آهي، مٿي ٻه آهي.

٥٨١. سڪي تان نہ هيروين، رڌو تان نہ ڪاھ،
ري منڌائتي مارئي تي ورڪي وڪڙ پاء.

## هاٿي

٥٨٠. چار ٿنڀا، ٻہ ڏيا، ٻہ وجڻا، هڪ ترار.

٥٨١. ڏوهيون پٽڪي جهلڌي آون، ڏيٺي متي ٻلڌي آون،
ڪالا نانگ ليٽندا آوي، لوڪ تماشا ڏيکندا آوي.

## هوائي جهاز

٥٨٢. پُورو سانُ پنيور جو، اچي ٻہ رڙندو، وڃي ٻہ رڙندو.

---

٥٨١. پٽڪ = ڪتن. ڏيٺا = اکيون. ڪارو نانگ = سُونڊ.

**الف**

۵۸۳. **آپ ۔ راڪائي ڏيو.**
هڪ ڏيکي ٻه ڏوڪريون۔ آپ راڪين، چوڪريون.

۵۸۴. **آپ مان ترڪاري ڪڍائي ڏيو.**
هي مهينو سرڪاري۔ ڪڍان آپ مان ترڪاري.

۵۸۵. **ٻتڪر ڪُهائي ڏيو.**
'نازو' ويو رُسي۔ ٻڪر ويو ڪُسي.

۵۸۶. **ٻليءَ کي ٻُنڊڙا پارائي ڏيو.**
ليٽ ٻيٽ گُنڊڙا۔ ٻليءَ پاتا ٻُنڊڙا.

۵۸۷. **ٻليءَ کي ٻُٽيو ٻهرائي ڏيو.**
چُلهه مٿي مُٽيو۔ ٻليءَ ٻهريو ٻُٽيو.

۵۸۸. **ٻليءَ کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.**
ٻلي ويٺي لنگهڻ۔ پاتي آئي ڪنگڻ.

۵۸۹. **ٻليءَ کي گهنڊڻي ٻڌي ڏيو.**
ڪانئون ڪنئي ٽنڊڻي۔ ٻليءَ ٻڌي گهنڊڻي.

۵۹۰. **ٻيڙي ٻاٽ ۔ ٻِرائي ڏيو.**
ڪُرڙي هنئي چاٽ۔ ٻيڙي ٻِري ٻاٽ.

۵۹۱. **ٻولڙيءَ کان پاپڙ پچارائي ڏيو.**
پاپڙي ويٺي ٻاهه مچائي۔ ٻولڙي ويٺي پاپڙ پچائي.

۵۹۳. **ٻوليءَ کي برقعو پارائي ڏيو.**
سر ۾ ٽيڻو سُرڪو۔ ٻوليءَ پاتو برقعو.

۵۸۳. ٻي روايت: آپ لٽائي ڏيو. ڏوڪري = ڏلهي ماني.
۵۸۶. ٻي روايت: شينهن کي ٻُندڙا پارائي ڏيو.
۵۸۷. ٻُٽيو = انگرکو.
۵۸۸. ٻي روايت: شينهن کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.

۵۹۳. پوليءَ کي پٽ ڪارائي ڏيو.
روهيءَ مٿان رت - پوليءَ ڪاڏو پٽ.

۵۹۴. پوليءَ کي پڙي پارائي ڏيو.
ڍڳرين منهنجي ڪڙي - پوليءَ پاڻي پڙي.

۵۹۵. پوليءَ کي گج پارائي ڏيو.
حاجي سنپريا حج - پوليءَ پاڻو گج.

۵۹۶. جُونءِ کي جتي پارائي ڏيو.
ڪُور ڪُور ڪتي - جُونءِ پاڻي جتي.

۵۹۷. چار جهماڻي ڏيو.
ڪوڏار، ڪپ ڏار - هڻ ٽڪ، جهمي چار.

۵۹۸. چنڊ کي چولو پارائي ڏيو.
۱. دانگيءَ ۾ لولو - چنڊ پاتو چولو.
۲. اڱڻ تي اولو - چنڊ پاتو چولو.

۵۹۹. ڏيڏريءَ کي پوتي پاوائي ڏيو.
ڍڪيءَ ۾ موتي - ڏيڏريءَ پاتي پوتي.

۶۰۰. ڏيڏريءَ کي چيهر پارائي ڏيو.
سوناري پريا پيهر - ڏيڏريءَ پاتي چيهر.

۶۰۱. رڍ روڻاڙي ڏيو.
آڪريءَ ۾ ڇنو - رڍ ويئي رُنو.

۶۰۲. رڍ کي راڳ ڳارائي ڏيو.
آڪريءَ ۾ ساڳ - رڍ ڳايو راڳ.

---

۵۹۳. ٻيون روايتون: ۱. شينهن کي پٽ ڪارائي ڏيو.
۲. هاٿي کي پٽ ڪارائي ڏيو.
۶۰۲ ٻيون روايتون: ۱. شينهن کان راڳ ڳاراڻي ڏيو.
۲. ڪيول کي راڳ ڳارائي ڏيو.

٦٠٣. رِڍ ميڙي ڏيو.
١. سائو سڳو سيريان – رِڍ ويهي ميڙيان.
٢. ڊيري ونءِ ويڙهيان – رِڍ ويهي ميڙيان.

٦٠٤. سٿن شينهن جا ڪتيلا لهرائي ڏيو.
فتح پور جا گهوڙا ٽَٽا – سٿن شينهن جا ڪتيلا لٿا.

٦٠٥. سَر مان نانگ اٿاري ڏيو.
هَر مٿان هَر – چڙهي نانگ سَر.

٦٠٦. سيرڻ کي پَڙو پارائي ڏيو.
کُوپي ۾ ڪتڙو – سيرڻ پاتو پَڙو.

٦٠٧. سيرڻ کي سهرا ڳارائي ڏيو.
لنگهو بيٺو دهل وڄائي – سيرڻ ويٺي سهرا ڳائي.

٦٠٨. سَٿي کي پٽڪو ٻڌائي ڏيو.
دُهل ڪهو ڏڏڪو – سٿي ٻڌو پٽڪو.

٦٠٩. سٿي کي سُٿڻ پارائي ڏيو.
١. ٻڪريءَ جا ٻه ٿڻ – سٿي وڌي سٿڻ.
٢. چُپ چُپاتي – سَٿڙ سُٿڻ پاتي.

٦١٠. سَٿي کي سنگهري پارائي ڏيو.
واڙ کي ڊنگهري – سٿي پاتي سنگهري.

٦١١. سٿي کي سَوَڙ اوڍائي ڏيو.
١. حڪيم پيٺا چَوَڙ – سٿي اوڍي سوڙ.
٢. آٽران ٽي گوڙ – سٿي اوڍي سوڙ.

٦١٢. سٿي کي کهاڙي کڻائي ڏيو.
پکيي ته آڙي – سٿي کڻي کهاڙي.

٦٠٣. ٻي روايت: هرڻي ميڙي ڏيو.
٦٠٦. ٻي روايت: شينهن کي پَڙو پارائي ڏيو.
٦١١. ٻي روايت: شينهن کي سَوَڙ اوڍائي ڏيو.

٦١٣. شيطان جو منهن ڪارو ڪرائي ڏيو.
ڪاريءَ ڪُڪڙ ڪيو آرو ـ شيطان جو مُنهن ڪارو.

٦١٤. شينهن کي پاڻي پياري ڏيو.
رات آئي راڻي ـ شينهن پيتو پاڻي.

٦١٥. شينهن کي پٽڪو ٻڌائي ڏيو.
ٻيڙ متي مٽڪو ـ شينهن ٻڌو پٽڪو.

٦١٦. شينهن کي جامو پارائي ڏيو.
آڪريءَ ۾ آمو ـ شينهن پاتو جامو.

٦١٧. شينهن کي روٽڙي ڏيو.
پٽ ۾ ڏوٽي ـ شينهن ڏنو روٽي.

٦١٨. شينهن کي ڪيلائي ڏيو.
پٽ ۾ ڪيلي ـ شينهن ڏنو ڪيلي.

٦١٩. شينهن کي ماني ڪارائي ڏيو.
پٽ ۾ ڪاني ـ شينهن ڪاڌي ماني.

٦٢٠. فقيرن کان ٻولڙي ڇڏائي ڏيو.
فقير کي ڇڏيو آڏي ـ ته ٻولڙي ڏني ڇڏي.

٦٢١. ڦوڙيءَ کان ڦرُ ڇڏائي ڏيو.
١. نانگ ڪنيو ڪر ـ ڦوڙيءَ ڇڏيو ڦر.
٢. وات ڪاڏو ور ـ ڦوڙيءَ ڇڏيو ڦر.

٦٢٢. ڦوسڻيءَ کي ڦيري پارائي ڏيو.
ڍ ڪڻيءَ ۾ ڍبري ـ ڦوسڻيءَ پاتي ڦيري.

٦٢٣. ڪانءَ جو مٿو ڪوڙائي ڏيو.
دَڪيءَ ۾ ڏوڙ ـ ڪانءَ جو مٿو ڪُوڙ.

٦٢٤. ڪبر کي ڪانچ پارائي ڏيو.
اتر لڳي وانچ ـ ڪبر پاتي ڪانچ.

٦١٨. ٻي روايت: هرڻي کي ڪيلائي ڏيو

٦٢٥. ڪتيچ مان ٻتت آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي رَتَ- ڪتيچ مان آيو ٻتت.
٦٢٦. ڪيچ مان ٿانڊو آڻائي ڏيو.
ٻيلو ٿيو ٻانڊو- ڪيچ مان آيو ٿانڊو.
٦٢٧. ڪتيچ مان وَهُڙو آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي وَهڙو- ڪتيچ مان آيو وَهُڙو.
٦٢٨. ڪترو پرڻائي ڏيو.
'سچڻ' کي آيو ٻرو- ڪالهه پرڻيو ڪترو.
٦٢٩. ڪُڪڙ کي وِٽ لهرائي ڏيو.
گدڙ ڏني ٻُٽ- ڪڪڙ لاٿي وِٽ.
٦٣٠. ڪُنهي جي ڏاڙهي ڪوڙائي ڏيو.
غريب ٻوڪي واڙي- ڪُوڙ ڪُنهي جي ڏاڙهي.
٦٣١. ڪودو، ڪُوهه ٽپائي ڏيو.
لغڙ ڏني لُوهه- ڪودو ٽپيو ڪوهه.
٦٣٢. ڪُوهه تان ڪتت ٽپائي ڏيو.
ٻه ٻانيڻ، ٻه ٻتتَ- ڪوهه تان ٽپي ڪتتَ.
٦٣٣. ڪوهه مان ڏيرا ڪڍائي ڏيو.
ماٺي ڪاڏا ڦيرا- ڪوهه مان نڪتا ڏيرا.
٦٣٤. ڪوهه مان ڳيرو ڪڍائي ڏيو.
آئر آيا ڏيرا- نڪر ڪوهه مان ڳيرا!
٦٣٥. ڪُوهي رت سان ڀرائي ڏيو.
ڏيکيءَ هنئي لت- ڪُوهي ڀري رت.
٦٣٦. گدڙ کان مڇي مارائي ڏيو.
ماٺي، ڏاڏي جو ٻاٺي هاري- گدڙ ٻيٺو مڇي ماري.
٦٣٧. ڳوهه کي جُتي ٻارائي ڏيو.
گُنديءَ ۾ جهاني- ڳوهه جُتي ٻاتي.

٦٣٨. ڳوهه کي ڪتسي ٽپايو.
لوٽي ۾ لسي- ڳوهه ٽپي ڪتسي.
٦٣٩. ڳوهه کي ڳانو پارائي ڏيو.
١. پٽ تي ڪانو- ڳوهه پاتو ڳانو.
٢. آڪريءَ ۾ آنا- ڳوهه پاتا ڳانا.
٦٤٠. موليهي آٽ ميڙائي ڏيو.
ساڪرو ڏورو سهيڙيان- موليهي آٽ مهيڙيان.
٦٤١. وچ درياهه ۾ ماڙي آڏائي ڏيو.
ادي وڃائي ڌاڙي- وچ درياهه ۾ آڏي ماڙي.
٦٤٢. هالن مان حقا آڏائي ڏيو.
هٿيا شڪارين جهنگ ۾ ڏڪا- آيا آڏامي هالئون حقا.

ب

٦٤٣. آپ مان سونر ويڙهه لاهي ڏيو.
بابي جو پٽڪو، اما جو ڏير- آپ مان لاٿم سونو ويڙهه.
٦٤٤. آپ مان سونهي ٿالهي ڪڍڻ ڏيو.
اما جي پيڪي، بابي جي سالي-
ڪڍان آپ مان سوني ٿاليهي.
٦٤٥. آپ مان سوني سرائي لاهي ڏيو.
مامو پنهنجو، مامي پرائي- لاٿم آپ مان سوني سرائي.
٦٤٦. آپ مان سوني مٽنجي لاهي ڏيو.
دڪڻ مٿو، ڏڪائي گنجي- آپ مان لاٿم سوني مٽنجي.
٦٤٧. آڏ ڇانور مان ڇڄ ڪارائي ڏيو.
ڇوڇا ميڙيان، ٿئو ٽپايان- آڏ ڇاور مان ڇڄ ڪارايان.
٦٤٨. آڪ هيٺان پاڏو اٿاري ڏيو.
هنيم گز، ڇٽيا پٽ- آٽ زي پاڏا! پٺياءِ ڪٽن.

---

٦٤٤. ٻي روايت: ڪوه مان سوني ٿالهي ڪڍائي ڏيو.

٦٤٩. ٻڪر تي ٻلو چاڙهي ڏيو.
ميينڌ ڪيا وسڪارا، ڏيکجي ويا تارا -
رنڍيو ڏيکو ٻلو، ٻڪر چڙهيو ٻلو

٦٥٠. ٻلي ڏهي ڏيو.
هيڏانهن ٻه ڪيلي - هوڏانهن ٻه ڪيلي،
وچ ۾ ڏهي ٻلي.

٦٥١. ٻليءَ کي ميڪائي ڏيو.
ڪاٺ ٻنو ليڪي، چتون وٺو چڪي،
مٿان ٻلي وٺي ميڪي.

٦٥٢. ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن ڏيو.
١. چتون، ڇهه رنون، ڪاڻي ڪتوري، اوڳهي پتن
ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن.
٢. آٺ دريون، اٺ دروازا - جن ۾ ويهن راوت راڻا،
ٻيجي سوپاريون ڪاڻن پتن - ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن.

٦٥٣. ٻولڙيءَ کي تکو هلائي ڏيو.
فقير هجي ٻهڙو - ماڻهن جو هجي ميڙو،
ٻهلي جي ڏيکار ڪل - ٻولڙي! تون تکي هل.

٦٥٤. ٿاريءَ تان تنبڻ لاهڻ ڏيو.
ڪارو ڪتو، ڳاڙهو ڪتو - ٿاريءَ مٿان تنبڻ لٿو.

٦٥٥. پاتارئون پاڻي چاڙهي ڏيو.
هرڻي، چار پير چرڻي، پنجو پير چڙيو،
پاتارئون پاڻي چڙهيو.

٦٥٦. پاڏي ڏهي ڏيو.
آڏي نانڪان، پاڏي نانڪان پاڏي روپڪ وڏي نانڪان
آڏي آچليان، پاڏي آچليان، پاڏيءَ جو پير وڏي [چلمان]
توهي پاڏي ٻيٺي ڏجهي، تہ ٻہ پاڏي ٻيٺي ڏيي.

٦٥٢. ٻي روايت: ٻن شينهن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.

٦٥٧. چنڊ کي لاٽي چاري ڏيو.
چنڊ کي لڳو منڊ - پيتائين پاڻي، ڪاڏائين لاٽي.

٦٥٨. چنڊ مان سونو ٿالهه ڪيڻ ڏيو.
ٻارهن مهينا، پورو سال - چنڊ مان نڪتو سونو ٿالهه.

٦٥٩. رڍ کي رُسائي ڏيو.
آڪري پُسهي، مُهري مُسهي، آنءَ ڪُسهي، رڍ رُسهي

٦٦٠. سٽن شينهن جا مٿا ڦاڙي ڏيو.
١. ڪيرڙ ڪو ڪو، آڪ ڳهاڻا - سٽن شينهن جا مٿا ڦاڻا.
٢. نيڪراڻو، وڻ ڳهاڻو - سٽن شينهن جو مٿو ڦاڻو.

٦٦١. سٽن شينهن جو هڪڙو ڳاڻو ڪرائي ڏيو.
١. پهڻ ڦاڻو، پڪڙيو چاڻو - سٽن شينهن جو هڪڙو ڳاڻو.
٢. جهنگ ڳهاڻو، ڦڳڻ ڦاڻو - سٽن شينهن جو هڪڙو ڳاڻو.

٦٦٢. سٽن شينهن کي ڊِؤ ڪرائي ڏيو.
سنهون پيهان، سوڪ پڇايان - سٽن شينهن کي ڊِؤ ڪرايان.

٦٦٣. سرڻ کي ورينڊو ڀارائي ڏيو.
نيڪر ۾ نينديو، ڪٿي اچ پيينديو،
ڏيپ ڪان سرڻ ڀانو وينڊو.

٦٦٤. سڱ ڏهي ڏيو.
ڳئون ڪاڙي، ڳابو ڏڳ - آئيو سيلهي نه ڏهي سڱ.

٦٦٥. سوپاري ڏهي ڏيو.
١. لونگن ڏاري، ڏوڪي چاري، ڏڏي سوپاري.
٢. عدن ڪٿوري، سدن ڪٿوري،
پيئون ۾ ڏاري ڏهي سوپاري.

---

٦٥٩. ٻي روايت: آڪريءَ ۾ پُسهي رڍ ويٺي رُسي.
٦٦٥. ٻي روايت: انگل ڪٿوري، سنگل ڪٿوري،
ڪڻ ڀاري، ڏيي سوپاري.

٦٦٦. سونو پکي پرٽائي ڏيو.
هٿ کپڙ جو، ڏونري دکي_ رات پرڙيو سونو پکي.

٦٦٧. سٿي کان سون گهڙائي ڏيو.
آڪ نہ ٻڙي، ڏيو ٻڙي_ سٿو وٺو سون گهڙي.

٦٦٨. سهي کي سٿڻ پارائي ڏيو.
ميڏهان بہ ڪاني، هوڏهان بہ ڪاني،
سهي سٿڻ پاتي.

٦٦٩. شينهن کان ڪنڊلا چوڙائي ڏيو.
ريڻ ريڻ رکيي ٻيهيي وٺي ڪٿهن،
ميان چڙهيو گهوڙي_ شينهن ڪنڊلا چوڙي.

٦٧٠. شينهن کي سمهارڻ.
چنگ چور، پتر پور، چمٽو پٽو، شينهن وڃي سُتو.

٦٧١. شينهن کي نماز پڙهائي ڏيو.
ميڏانهن بہ هٿيو، هوڏانهن بہ هٿيو،
شينهن نماز پڙهي آئيو.

٦٧٢. شينهن تي ڪٽرڻيو رکي ڏيو.
هڏانهن ڪڙيو، هوڏانهن ڪڙيو،
شينهن متي رکيو ڪڙيو.

٦٧٣. طوطو تلاءِ تان آٿاري ڏيو.
لوهہ جي لٺئون، رٻڙ جي تار-
آئي ڙي طوطا، تلاءِ آهي تار.

٦٧٤. ڪانءُ پياري ڏيو.
گابي ڪيو گهہ، ڳئون ڪيو بان،
پئي چڙهيو ڪان.

٦٧٥. ڪٽو کلائي ڏيو.
ڏيند پيري، چوهو چيلي_ ڏونر تيلي، ڪٽو کيلي.

٦٧٦. ڪُپڙيءَ ۾ ڪنڪ ميڙي ڏيو.
آٽ منو، اوجهه تيڙيو- ڪُپڙيءَ ۾ ڪنڪ ميڙيو.

٦٧٧. ڪڪڙ ڪي پاڻي پياري ڏيو.
هيڏانهن بہ ڇانئي، هوڏانهن بہ ڇانئي،
ڪُڪڙ پيتو پاڻي.

٦٧٨. ڪلر ۾ ڪوٽ ڪڙڪائي ڏيو.
پاڻي ٽڙڪي، لُڏُڙو لڙڪي- ڪلر ۾ ٿو ڪوٽ ڪڙڪي.

٣٨٩. ڪوٽُ ڏُهائي ڏيو.
ڳئون ڪُراڙي، ڳابي ڪوٽُ-
ڪٿي آهُ ونگ تہ ڏُهون ڪوٽُ.

٦٨٠. ڪيوَل ڪان لڏَ ڪڍائي ڏيو.
هيڏانهن بہ آڏ، هوڏانهن بہ آڏ، ڪتيوَل ڪڍي لڏَ.

٦٨١. ڪدڙو ڪٽ تا آٿاري ڏيو.
روپي ڪانيي، سوني سرانئي- اٿي ڙي ڪدڙا ڪٽ سرانئي.

٦٨٢. ڪُڏڻي سان آٽ آڏائي ڏيو.
آچو ناڻو، ٻيڪر ناڻو- ڪُڏڻي سان آٽ آڏائو.

٦٨٣. ڪڳو ڪيلائي ڏيو.
سهائو بہ ٻيو تيلهي، سهائي بہ ٻئي تيلي، ڪڳو وڃو ڪيلي.

٦٨٤. ڪودر ڪوهہ ٽپائي ڏيو.
١. هيڏانهن ٽوهہ، هوڏانهن ٻوهہ، ڪودو ٽپيو ڪوهہ.
٢. هيڏانهن ڳدرو، هوڏانهن ٽُوهہ، ڪودو ٽپيو ڪوهہ.
٣. ڳابا چرن آڙاي واڙاي ڳئون ويهون جُوءِ،
ڪودو ٽپيو ڪُوهہ.
٤. آنيون چرن اوڙاي ڏوڙاي، مينهون چرن جُوءِ،
ڪودو ٽپيو ڪوهہ.

٦٨٥. ڪُوهي، تيل سان ڀرائي ڏيو.
هيڏانهن بہ ريل، هوڏانهن بہ ريل، ڪُوهي ڀري تيل.

٦٨٦. ڪُوهي ڪنڌ سان پُرائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه جنڊ، هوڏانهن ٻه جنڊ، ڪُوهي پري ڪنڌ.

٦٨٧. ڪُوهي ڪير سان پَرائي ڏيو.
١. هيڏانهن ٻه هير، هوڏانهن ٻه هير ڪُوهي پري ڪير.
٢. واهه ۾ ٽيو ڪَتڙڪو – پکين ڪاڏو پَڙڪو،
ڪُرڙي سنئين سير – ڪُوهي پري ڪير.

٦٨٨. ڪيڙيءَ ۾ ڪوهه ڪٿائي ڏيو.
آلـــي ڪـــانـــي، چوُ ٻـــڙانـــي،
پڇي نه پڇي، ڪيڙيءَ ۾ پيو ڪوهه ڪڇي.

٦٨٩. گانگٽ گِڏ ٿان اٿاري ڏيو.
ستر سَنڪو، پنڊ سائي، آئي ڙي گانگٽ، گِڏ پرائي.

٦٩٠. گدڙ ٻڪائي ڏيو.
ٻاڏي ڪارو، سڪين جهينگاريو،
مکيون ويون ٻڪي، گدڙ ويٺو ٻڪي.

٦٩١. گدڙ قاهيءَ چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن ٻه واهي، هوڏانهن ٻه واهي، گدڙ چڙهيو قاهي.

٦٩٢. گدڙ ڪان گاهه ڪرائي ڏيو.
ڏٻا سڪا، پريو واهه – گدڙ ٻيهي ڪيو گاهه.

٦٩٣. گڏهه وات ٿان اٿاري ڏيو.
هڪ مٽ آٽو، ٻه مٽ ٻاٽ – اٿي ڙي گڏهه هيءَ پرائي وات.

٦٩٤. گنڊڻ گنديءَ ۾ نچائيو.
واڻيو پيو اچي، ٻاهه پيٺي مچي – گنڊڻ گنديءَ ۾ بيٺو نچي.

٦٩٥. گُوهو هٿائي ڏيو.
ڳئون پوڙهي، گابو چُوهو – وچهي نُوچي هٿان گُوهو.

٦٩٦. گوهه کي هٿ پارائي ڏيو.
هيتان ٻه گٽس، هُتان ٻه گٽس، گوهه پاتو هٿس.

٦٩٧. گهوڙو، کوهه مان ڪڍائي ڏيو.
١. راهه آنڊڪي، اوڙا چوڙا - چار ڇهڪ، نڪر گهوڙا.
٢. آنر ڪيڙا، پيچ ڪنيڙا - چنهو ڇهڪ، نڪر گهوڙا.
٣. ڇنهي ڇيڪي، وچ ڪنورا - اڻ ڪلا، نڪر گهوڙا.
٦٩٨. لومڙيءَ کي لاٿون ڏياريو.
ڪانگ ڪيو ڪان ڪان، ٻليءَ ڪيو مياٿون،
لومڙيءَ لڌيون لاٿون.
٦٩٩. لوها لڏون گڙائي ڏيو.
چار دريون، چار دروازا - اندر ويٺا صاحبزادا،
صاحبزادا لٿا - لوها لڏون گهڙيا.
٧٠٠. ماڙي مٿان مرچ اڏائي ڏيو.
١. اڪڙيون، ٽڪڙيون، پوش پُراڻا - ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻا.
٢. ايچر کهيچر پڙچ پُراڻو - ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻو.
٧٠١. ماڙيءَ تي مينهن لهائي ڏيو.
١. آرت ناڙيون آٺ، نائين پهتي - مينهن ماڙيءَ تي لهتي
٢. چار چور، پنجين پهتي - مينهن ماڙيءَ تان لهتي.
٧٠٢. مصري مٿي چاڙهي ڏيو.
ٽڪ لڳو، ٽمڪو سڱو -
ڳاله ويئي وسري، مٿي چڙهي مصري.
٧٠٣. ستمر تي ٻوري چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن به ٻوري، هوڏانهن به ٻوري،
ستمر تي چڙهي ٻوري.
٧٠٤. منجو ڏهائي ڏيو.
ڳنڍيون ڪُراڙي، ڳابو گنجو -
ڪٿي آهه ڏينگ نه ڏهي ڏيانءِ منجو.

٦٩٩. ٻي پڙهي: ست دريون، ست دروازا، جنهن ۾ ويٺا خانزاد.

٧٠٥. مينهن کي ڍڪائي ڏيو.
١. چار چار، پنجين ٽڪي - پيپر هيٺان مينهن ڍڪيي.
٢. ڍڳو تتو، مينهن وٽو -
دانگي ۾ ٽڪي، مينهن آئـي ڍڪيي.

٧٠٦. نانگ ڏهي ڏيو.
اڌ ڪپڙو تانگهه ڏي تانگهه - ڪڻ سيلهي ته ڏيي نانگ.

٧٠٧. وچ درياهه ۾ پڳڙا مٿهتائي ڏيو.
ٽوم، بصر، لوڻ لهٽيون، وچ درياهه ۾ پڳڙا مهٽيون.

٧٠٨. وچ درياهه ۾ تانيي ڪڍائي ڏيو.
هيڏانهن به ڪاني، هوڏانهن به ڪانيي،
وچ درياهه ۾ نڪتي تاني.

٧٠٩. وچ درياهه ۾ ٽوبو ٽلائي ڏيو.
هتر هتلي، پاڻي چٽلي - وچ درياهه ۾ ٽوبو ٽلي.

٧١٠. وچ درياهه ۾ دونهون دکائي ڏيو.
هيڏانهن به ڪُونڌهون، هوڏانهن به ڪُونڌهون،
وچ درياهه ۾ دکيو دُونهون.

٧١١. وچ درياهه ۾ ساڳ پڄائي ڏيو.
وڏي واڙي، لڳهي پاڳ - وچ درياهه ۾ پڄي ساڳ.

٧١٢. وچ درياهه ۾ سوني سڙڪ نهرائي ڏيو.
هوڏانهن به ڪٽڪ، هوڏانهن به ڪٽڪ -
وچ درياهه ۾ نهي سوني سڙڪ.

٧١٣. وچ درياهه ۾ نار چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن به تار، هوڏانهن به تار - وچ درياهه ۾ چڙهيو نار.

٧١٤. وچ درياهه ۾ هٽ اڏائي ڏيو.
هيڏانهن به مٽ، هوڏانهن به مٽ.
وچ درياهه ۾ اڏيو هٽ.

٧١٥. وڻ مٿان واري آڏائي ڏيو.
آبو هاري، ادو ڪوڏاري- وڻ مٿان آڏائي واري.

٧١٦. هالن مان آرت آڏائي ڏيو.
١. اِيچر گهيچر، پڙيچ پراڻا- هالن مان آئي آرت آڏاڻا.
٢. آٽر گوندر لٿا پُراڻا- هالن مٿان آرت آڏاڻا.

٧١٧. هرڻيءَ تي هنو چاڙهي ڏيو؟
هيڏانهن ٻه ٻنو، هوڏانهن ٻه ٻنو، هرڻيءَ تي چڙهيو هنو.

٧١٨. هرڻيءَ کي سينگار ڪرايو.
چم چم باجا، چم چم هار، هرڻي ڪيا سينگار.

٧١٩. هرڻيءَ کي هار پارائي ڏيو؟
مٿن تڏو، مٿن ڪوسو، من مٿي ٻار، هرڻيءَ پاتو هار.

٧٢٠. هرڻيءَ کي هس پارائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه گس، هوڏانهن ٻه گس، هرڻيءَ پاتو هس.

## ج

٧٢١. آپ مان سوني لاهي ڏيو.

لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، ٻيي چڙهيو تار،
تاري ڪٿي هير، ٻيي چڙهيا مير،
ميرن ڪيون گرڙيون، ٻيي چڙهيو ڪيرڙيون،
ڪرڙين ڪٿي راڙ، ٻي چڙهي ترار،
ترار جو مٿو، ٻي چڙهيو ڪٿو،
ڪٿي جو پلاند، ٻيي چڙهيو ڏيو ڏاند،
ڏيي ڏاند جو ڪُر، ٻيي چڙهيو حُر،
حُر جي چوني، آئي آپ مان سوني.

---

٧١٦. ٻي روايت: ساڙيءَ مٿان ارت آڏائي ڏيو.

٧٢٢. آنَ کي ٻاڻي ٻياري ڏيو.
لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري هنئين سنڌ، ٻي چڙهيو چنڊ،
چنڊ هنيو پلاند، ٻي چڙهيو ڏٻو ڏاند،
ڏٻي ڏاند هنيو پُڇ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ ڪئي راڙ، ٻي چڙهي ترار،
ترار هنيو ولو، ٻي چڙهيو ڳلو،
ڳلهي هنئين مُٺ، ٻي چڙهي آنُ.

٧٢٣. آنُ ماڙيءَ تي چاڙهي ڏيو.
مينهن موڪون، لٿيون روڪون،
پريا پاڏا، پرتا پاڏا،
پڪي واڙي، آنُ چڙهيو ماڙي.

٧٢٤. ٻارن کي ٻاڻي ٻياري ڏيو.
ميرن ڪيون ڳرڙيون، ٻي چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين هنيو پُڇ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ هنيو متو، ٻي چڙهيو ڪتو،
ڪتي ۾ ڳانا، ٻي چڙهيا آنا،
آنن ۾ وارَ، ٻي چڙهيا ٻار.

٧٢٥. ٻانيڻ جُوسي ڪڍائي ڏيو.
هڪڙو هو راجا، ان جي سر ۾ ڏاڳو،
ڏو چڪيو، سون چڪيو، تي پيو دروازو،
دروازي سان ست پٿون، نڪتي ڳوري ڳٺون،
ڳوري ڳٺون لاٿي ڦوسي، نڪري آيو ٻانيڻ جُوسي.

٧٢٦. ٻلي کي وڻ تي چاڙهي ڏيو.
ڪُٺو هو ٻر ۾، ٻلي هئي ٻر ۾،

---

٧٢٥. جُوسي = جوتشي.

ڪنو نڪتو آئي لاهه، ٻلي آئــي چٽي لاهه،
ٻلــي هڻــي زور، ڪُتي ڪئي ٻوڙ،
ڪُتو ويو نڪري، لڳي ٻنهي جي ڇڪري،
ڪتي ڪئــي اڙي، ٻلي وڻ تي چــڙهي،

٧٢٧. ٻولڙو ٻرچائي ڏيو.
ٻولــڙو آيو بازار ۾، ناچ ڪري شهر ۾،
فـقيــر ڏنــو سُنهن، ٻولڙي ڦيرايــو منهن،
قسم توکي ساليءَ جو، ٻيو ملڪ واليءَ جو،
ســاليءَ ڪيو ٻيار، ٻــولڙي ڏنــو آر،
جڏهن نڪ مان ساليءَ ورتو، تڏهن ٻولڙو ٻرتو.

٧٢٨. تارو ٻرٽائي ڏيو.
ڪـرڙ ڪاٺ، لـڪـي ڦـوڙاٺ،
جهڏو گــدام، ٻـــر ســلام،
هيٺ تراريون، مـــٿــي ٻـالا،
ٻالن ڪئي ٻيڙ، ٻـــرٽيا وير،
گولا مليا لڪ، گولي ٻڳو ڪڪ،
ڪڪ تـــي ويــٺي مـــاڪي،
ماڪي ڪيو آرو، تڏهن ٻرٽيو تارو.

٧٢٩. ترار کي ٻاڙي ٻياري ڏيو.
لـڪـڙ هــلــي، لــڪــڙ چــلــي،
لڪڙ ۾ مُنارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ، ٻي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪئي ڪرڙي، ٻي چڙهي ڪُرڙي،
ڪرڙي لاٿا آنا، ٻي چڙهيا ڪانا،
ڪانن ڪئي هير، ٻي چــڙهيا ميرِ،
ميرن ڏني ٻئي، ٻـي چڙهي آنـي،
آني ڪئي راڙ، ٻـي چڙهي ترار.

٢. لاڪڙ هلي، لاڪڙ چلي،
لاڪڙ ۾ ساندارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري ڏني هنڌي، ٻي چڙهي ڪنڌي،
ڪنڌيءَ جو پلاند، ٻي چڙهيو ڏَ ٻوڏاند،
ڏَ ٻوءِ ڏاند جو پڇ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ ڪئي راڙ، ٻي چڙهي تراڙ.

٧٣٠. پتلي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏ لڪڙ، اوپ لڪڙ،
لڪڙ ۾ منارو، سامهون آيو تارو،
تاري ڏني پٽ، سامهون آيو آٽ،
آٽ ڪئي گوڙ، سامهون آيو چور،
چور تي ناڙي، سامهون آئي ماڙي،
ماڙيءَ تي ڪتلو، پاڻي پيئي پتلو.

٧٣١. چنڊ پرڻائي ڏيو.
ڪنڊا چام، ڏي سلام،
مٿان تراڙيون، هيٺان پالا،
پالن ڪئي پيڙ، پرڻيا پير،
پيرن ڪيو منڊ، تڏهن پرڻيو چنڊ.

٧٣٢. خنجر کوهه کڻائي ڏيو.
آنب ڪٺو، لنب ڪٺو، ڪٺو متيرو،
چندن ڪي چاڪ ڏيئي، اڏاٽو گهيرو،
گهيرا ڙي گهيرا! ڪاڏي تو وڃين،
وڃان تو نبيءَ جي ديري،
بادشاه جو پٽ باغ ۾ هرڻ نچائي،
هرڻ سندا ٻچڙا، چيٽن ۾ چنگهائي،
چار ڪوڏاريون ڪلهن تي، خنجر کوهه کڻائي.

۷۳۳. ڏر مان سيڙهه ڪڍائي ڏيو.

ٻانيڻ جوسي ٻٽي ٻوٽي، نڪري آئي ڪاري ڪوتي،
ڪاري ڪوتي لاٿي لڏ، نڪري آئي مائي تڏ،
مائي تڏ چڙهيو ٻچو، نڪري آيو لوهار ٻچو،
لوهار ٻچي ناهي آر، نڪري آيو ڪالو ڪنڀار،
ڪالو ڪنڀار ٺاهي دانگي، نڪري آيو مراد سانگي،
مراد سانگي وٺيو واڻ، نڪري آيو جوسب دڪاڻ،
جوسب دڪاڻ ٺاهيون ڪليون، نڪري آيون ڪاريون ٻليون،
ڪارين ٻلين لاٿي ويڙهه، ڏر مان نڪتي ڏاڏي سيڙهه.

۷۳۴. سڄ ٽي مانيون پچائي ڏيو.

آڏي لا ڪڙ، پاڏي لا ڪڙ،
پاڏيءَ ۾ پاهوڙا، ڳهاڻو چڙهيا گهوڙا،
چڙهي آيا چور، اوناري اتور،
چٽن هٿي جاڙي، لڳي ويئي تاڙي،
تاڙيءَ ڪيو ٺا، چورن چيو ها،
'ها' سان ٿيو هل، چوري ٿي وڏو ڳل،
ڳل ڏنو چنڊ، وڃي ويو ڳهنڊ،
ڳهنڊ ڪيو ڳهان، چورن ڪئي ڀان،
ڀان ڀڳا ڀڙهلا، آيا آڏي ليلها،
ليلهن لاٿيون آنڙيون، سڄ ٽي ڪيون مانڙيون.

۷۳۵. سوني ڪُڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.

ٽج ٻيبي، تاج ٻيبي در لاهه،
ڏيو ٻار، ڪر سينگار،
سوني ڪڪڙ کي پاڻي پيار.

۷۳۶. سوني ڪڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.

ڪيرڙ ڪاٺ، لٺي ڦوڙاٺ، ڪنڊو چام، پر سلام،
ٻيبي فاطمه! ڏيو ٻار، سوني ڪڪڙ کي پاڻي پيار.

٧٣٧. سُئي کي پاڻي پياري ڏيو.

آڏي لـــکـــڻ، پـاڏي لکـــڻ،
پاڏي ۾ سانـدارو، ٻيي چڙهيو تارو،
تـــاري هنيو منڊ، ٻيي چڙهيو چنڊ،
چنڊ هنئي اور، ٻيي چـــڙهيو چور،
چور هنئي تاڙي، ٻيي چڙهي ماڙي،
ماڙيءَ ڏنو کنڀ، ٻيي چڙهيو انب،
انب ڏني ٻُـٽ، ٻيي چـڙهي آٽ،
آٽ وچـــي مُئي، ٻيي چڙهي سُئي.

٧٣٨. صاحب جو مٿو ڦوڙائي ڏيو.

انتر کوٺا، ٻنتر کوٺا، جيڪي مين رمين ننڍا وڏا،
[انتر کوٺو جنتر کوٺو، جنهن ۾ راند کن ننڍا وڏا]
ننڍي وڏي هنيو ڪنڪرو، ڪنڪرو لڳو ٻاوي ري ٻکري نان،
[ننڍي وڏي هنيو پٿر، پٿر لڳو ٻائي جي ٻکريءَ کي]
ٻاوي ري ٻکري ۾ ڏُڌ ٿوڙو، صاحب رو مٿو ڦوڙو.
ٻائي جي ٻکري ۾ کير ٿورو، صاحب جو مٿو ڦوڙيو.]

٧٣٩. ڪاڻيءَ جي پونگي ڪاڻهي ڏيو.

ڪُکڙ ڪتو، پٽن ۾ سُتو، پٽن پُراڻي آڻهي هاٿي،
پيچ ڙي ڪاڻي، پونگي ڪاڻي.

٧٤٠. ڪنگ کي پاڻي پياري ڏيو.

لـکـڙ هـــلـــي لـکـڙ چـــلـــي،
لکڙ ۾ ســـاندارو، ٻيي چـڙهيو تـارو،
تـاري ڪئي هيير، ٻيي چـڙهـيـا مير،
ميرن ڪيون ڳرڙيون، ٻيي چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين لاٿـــا آنا، ٻيي چـــڙهيا ڪانا،
ڪانن جهليا سنگـ، ٻي چـڙهيا ڪنگ.

---

٧٣٩. ساڙائي.

٧٤١. مڪ پرڻائي ڏيو.
ڪرڙ ڪاٺ، لڻي قوڙاٺ،
ڪنڌو چام، ڏي سلام،
هيٺان ترازيون، مٿان ڀالا،
ڀالي لڳي هيير، پرٽيو پير،
پير پڳي اڪ، پرڻجي وئي مڪ.

٧٤٢. نانگن کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏي ۾ ساندارو، پيي چڙهيو تارو،
١. تاري ڏني پٽ، پيي چڙهيو آٽ،
٢. آٽ هنيو دڙهو، پيي چڙهيو مڙهو،
مڙهي ڏني ٻانگ، پيي چڙهيو نانگ.

٧٤٣. هاٿي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏيءَ ۾ ساندارو، پيي چڙهيو تارو،
تاري هنيو سنڌ، پيي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪئي گوڙ، پيي چڙهيو چور،
چور هنئي ڪاتي، پيي چڙهيو هاٿي.

## ن

٧٤٤. آپ ني آٽ چاري ڏيو.
تيلي اچئي، تيلي وڃئي، تيلي وئي آنگاس،
آٽ چاريم اپ تي، ابي ڏني شاباس.

---

٧٤١. ٻي روايت: ميرن پئي اڪ، پرڻجي وئي مڪ.
٧٤٢. ١. تاري ڏني سنڌ، پي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڏني ٻانگ، پي چڙهيو نانگ.
٢. پي چڙهيو سُرغو.

٧٤٥. اڏ پيتر مان ماڙي جوڙائي ڏيو.
تيلي ڪيچي، تيلي پڪي، تيلي وڻي آنگاس،
آڏ پتر مان ماڙي جوڙيائون، رازن کي شاباس.
٧٤٦. آٿ کي گاهه چارائي ڏيو.
ٻٺيهه ٻوتا ٻنيءَ ۾، ڏيئي هون لاهه،
هاري هليو هر ني، آٿ چري تو گاهه.
٧٤٧. آڏ ڪٺي مان ڇيڄ ڪارائڻ.
ڇوڇا ميڙيان، ٽئو ٽپايان، ٽئي ڏنو تاهُ،
اٿي ڙي ڇيڄ، آڏ ڪٺي مان ڪاهُ.
٧٤٨. ٻتهاتو پاڻي پيئارڙو [وهندڙ پاڻي پياريو].
جوسائي سين جوسي هليو، نام اوڻي رو جيئو.
[جوسائي ڪان برهمڻ هليو، نالو جنهن جو جيئو]
سسي ري تو سانداري لايو، ٻهاتو پاڻي پيئو.
[سهي جي پخال آنداڻين، ۽ وهندڙ پاڻي پيتائين]
٧٤٩. ٻليءَ کي هار پارائي ڏيو.
هيٺ ويٺا سيرمتان پين ٻار،
سونارا سپ مڙي ويٺا، ٻليءَ پاتا هار.
٧٥٠. ٽنڊڻيءَ کي ٽوپلو پارائي ڏيو.
ڪيٺل کي ٻمرن ۾ ٻيج سيرو ڪٽلو،
ٽنڊڻيءَ پاتو ساڙ مان ٽيهه سيرو ٽوپلو.
٧٥١. پٽ کي گهاڻي ۾ وهائي ڏيو.
جمعي سندي جوءِ ۾ آئيون ڏڌ م آٿ،
اچان جي اوطاق تي ته ٻٺي گهاڻي وهي پٽ.
٧٥٢. پپر هيٺان ڪودو آٽاري ڏيو.
پپر پراڻي جو ڇڻيو پن،
آئي ڙي ڪودا، پٺيانءِ نه ڪن.

٧٥٣. جونءِ کي نماز پڙهائي ڏيو.

١. ٽيٽيهتر جي ٽنگ ڀڳي، جهٽي ورتي باز،
ڪيل ڪتنيو ڪؤنرو، جونءِ پڙهي نماز.

٢. ٽتيهاري ٽنگن ڀڳهي، ٽنگون چوٽيون باز،
ڪرو ٽنگي ڪرڙ ۾، جُون پڙهي نماز.

٣. ٽي ٽنگون ٽتيهر ڪي، چوٽين ڀڳي باز،
ڪرو رکي ڪرڙ پٺيان، جون پڙهي نماز.

٧٥٤. چار هيٺان سهو آٿاري ڏيو.

ڏُنبي ڏُنبي چار، ڏُنبا دنبا ٻن،
آٺي ڙي سها، ڪُتيانءِ نہ ڪن.

٧٥٥. چار لٽيُون چوراي ڏيو.

بهادر چڙهيو ڀِت تي، آغا ڏنس آر،
گُل چِٽائين هڪڙو، لٽيُون چورائين چار.

٧٥٦. چار وڻ چوري ڏيو.

ٻرڪو ويٺو ڀت تي، چڪيائين نار،
گُل ڪريو هڪڙو، وڻ چُريا چار.

٧٥٧. پٺاڻ ڀڄائي ڏيو.

هُن ٻر جون موريون سچيون، هن ٻر جا ڪگا،
ڪلهوڙن سوپ ڪٺي، پٺاڻ پٺي ڀڳا.

٧٥٨. دهلي ۾ ڏڻ چارائي ڏيو.

مولي مينهن وساء، ڦٽن ساوا گاھ،
ساٺو گاھ پٽن تي آيريو، دهلي ۾ ڏڻ چَريو.

٧٥٩. ڏيڏري ڏُهائي ڏيو.

سياري جو سيءُ، اونهاري جو ٿهان،
ڏاڏي ڏي ڪُپڙي تہ ڏيڏري ڏُهان.

---

٧٥٤. ٻيون روايتون: ڪِر ڪِر ڪنديون، ڪِر ڪِر ٻن،
چِڊي چِڊي چار، ٽورا ٽورا ٻن.

٧٦٠. ڏيڏريون ڏهي ڏيو.
آڪ ٽڙ، نم تڙ، ٽوٽڙيون وڻن،
ٽپا ٽپيون ڪٽي اچو ته ڏيڏريون ڏين.

٧٦١. راڻيءَ کي روزو ڇوڙائي ڏيو.
ٻيٺيون ٻه پهٽيون ڏاڍي ڏونگر هيٺ،
راڻيءَ روزو ڇوڙيو، جهنڊولي وڻ هيٺ.

٧٦٢. رڇ روئاڙي ڏيو.
مرچ ترياسين ماني لاءِ، ته متان آڻي نيچ،
سؤنٿو هنيوسين سيڪ کي، ته روئي ڏنو رڇ.

٧٦٣. شينهن کي ٽوپ پارائي ڏيو.
آڏيلي جي کچٽي، آڏيلي جو پوپ،
جان وڃان بازار ۾ ته شينهن پاتو ٽوپ.

٧٦٤. ڪنڪڙ کان ڪانهن لٽائي ڏيو.
هالائيءَ ۾ هڪل، ٻهلائيءَ ۾ دانهن،
ڪنڪڙ ڏاتو پڇ ۾، لٽي ويٺو ڪانهن.

٧٦٥. گڏهه کان گوهي چڏائي ڏيو.
ڪٽي ويس لوهار ڏي رنبو ۽ روهي،
ڏنڊو لڳو ڏاگهي کي ته گڏهه چڏي گوهي.

٧٦٦. لنبڙيءَ کي لوڏ ٻڏائي ڏيو.
سُپَ ٻڌن چُهڙا، ميٺي ڪٽن اوڏَ،
اچو وڃو ماڙهُوئا، لنبڙيءَ ٻڏي لوڏ.

٧٦٧. ماڻيءَ مان پلو ڪڍائي ڏيو.
دڙڪو ٻڌي دشمن جو، هنيم ڪتر کي ڪَتلو،
مٿو لڳو ماڻيءَ کي ته نڪري آيو پلو.

٧٦٨. مينهن کي منڊي پارائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه چڪر، هوڏانهن ٻه چڪر، وچ ۾ لڳي باهه،
سڏي آءٌ سوناري کي ته مينهن کي منڊي پاءِ.

٧٦٩. وچ درياهه ۾ دونهون دکائي ڏيو.
چار گابا آڙي واڙي، پنجون گابو سونهون،
پاڻي کي جوت لڳي، آڌ درياهه ۾ دونهون.
٧٧٠. وَهندي وات ڪرائي ڏيو.
ڏَههُ اگرڙا، ڏهه پڇرڙا، ڏهه ڪارڙا ڪاٺ،
آچو وَڃو ڇوڪرڙا، وهندڙي آٺون وات.
٧٧١. هاٿي ٽنگائي ڏيو.
ڪيول هٿلي ساهرين مٿي ميندي لائي،
آٺ پڏائين چيلهه سان، هاٿي ٽي ٽنگائي.
٧٧٢. هرڻي نچائي ڏيو.
مَٿَن پٽ ماريءَ جو، ليمان ٽو چيرائي،
ساڻو ڇهڪ هٿ ۾، هرڻي ٽو نچائي.
٧٧٣. هنجهه هونگاري ڏيو.
ڪرڙن سنديون ڪاٺيون، ويڙهين سندا ونجهه،
ائڏان لهرين وچ ۾، هونگاريا ٽي هنجهه.

# باب پنجون

## ڏسٽاڳ

[هن باب هيٺ ڏنل پروليون سٽاءَ جي لحاظ سان ڪافي دلچسپ آهن ۽ ڏکڻ الهندين ڪوهستاني علائقي ۾ "ڏسٽاڳ" جي نالي سان مشهور آهن. هنن پرولين جي ڏيڍي ڪُهٽ ۾ ڪهٽ ٻن سٽن تي مشتمل آهي، ۽ هر هڪ سٽ ۾ 'پيڇڙي' واري شيءِ يا وٿ جو ڪونه ڪو اهڃاڻ، ٻيءَ ڪنهن شيءِ سان تشبيهه طور ڏنل آهي. اهڙيءَ طرح ڏيڍيءَ ۾ جيتريون سِٽون، اوترائي اهڃاڻ، مثلاً "رپئي" جا اهڃاڻ هن طرح نروار ڪيا ويا آهن:

آنا اٺن پڪيءَ جان، پر پڪي ٻه ناهي (يعني ١٦ آنا)
چار پير مرونءَ جان، پر مرون ٻه ناهي (يعني ٤ پائليون)
گهمي ٿون ولائتون، پر جوڳي ٻه ناهي (جتي ڪٿي هلي)

سنڌ جي مختلف حصن مان مليل انهي قسم جون پروليون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

### آٽ

٧٧٤. نڪ سپاٽي ٿو ڪنوار وانگر، ڪنوار ٻه ناهي
جبل جهاڳي ٿو شوق سان، جوڳي ٻه ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ايٽ (چرخو)

٧٧٥. ڪوٺ وانگر ڪنگرا، ڪوٽ ٻه ناهي
نانگ وانگر وَر وَر، نانگ ٻه ناهي
ڪري ڳالهيون ڪنوار سان، گهوٽ ٻه ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## بدڪ

٧٧٦. اڇي اڇي کير جهڙي، کير بہ ناهي
ڳهي ڏي پاڻيءَ ۾، مڇي بہ ناهي
ٻڌايو تہ ڇا هي؟

## بندوق

٧٧٧. تاج اٿس سر تي، بادشاهہ بہ ناهي
اک اٿس هڪڙي، ڪاڻو بہ ناهي
پڇي اٿس ڊگهي، پر مور بہ ناهي
ڦُري ماري چورن وانگر، چور بہ ناهي–
ٻڌايو تہ ڇا هي؟

## ٻُوٽ

٧٧٨. ڪارو آهي ڪانءُ جهڙو، ڪانءُ بہ ناهي
پيـ گُل ٿا لتوڪن، پر ٻوٽو بہ ناهي–
ٻڌايو تہ ڇا هي؟

## ٻولڙو

٧٧٩. نچي ٿو ناچو وانگر، ناچو بہ ناهي
پڙي پائي پار وانگر، پار بہ ناهي
لٺ ڪٺي ڪلهي تي، مهار بہ ناهي–
ٻڌايو تہ ڇا هي؟

## ڀؤنر

٧٨٠. کنڀ اٿس پٽاپٽي، پوپٽ بہ ناهي
رنگ جو ڪارو آهي، ڪانگ بہ ناهي
رهي ٿو ٻرن ۾، نانگ بہ ناهي
واس وٺي ٿو باغن ۾، ماڻهو بہ ناهي–
ٻڌايو تہ ڇا هي؟

**پينگهو**

۷۸۱. جهُولي تـو جِنّ وانگر، پر جِنّ به ناهي
رينگت ڪـري نار وانگر، پر نــاو به ناهي
ماڻهو مٿس سواري ڪري، پر وهٽ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

۷۸۲. چـنـگـهـو ن انس چـار، پر جانور به ناهي
جهولـي تـو نــانگ وانگر، نانگ به ناهي
ماڻهو ٿا ســواري ڪنس، پــر وهٽ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**چوڙ**

۷۸۳. ڇنبڙي ٿو ٻـار وانگر، ٻــار به ناهي
رت پِئي ٿو مڇر وانگر، مڇر به ناهي
رهـي ٿـو پـاڻـيءَ ۾، مڇي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**ڇٻرو**

۷۸۴. ڪن انس مــاڻهو وانگر، ماڻهو به ناهي
اکيون ڦـــاڙي ڏيڇاري، ڏائڻ به ناهي
رهــي مـــقـامــــن ۾، جِنّ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**چِـنڪُ (ڪنڀار جو)**

۷۸۵. ڦري تـو ڀؤنر وانـگر، ڀؤنـر به ناهي
لـٽ ڪٽي ٿو هڪليانس، ته ڍور به ناهي
ڦٽر به ملوڪ چٽي، پر جـانور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**چلم**

۷۸۶. گوڙيون ڪري شينهن وانگر، شينهن به نــاهي
دونهون ڪڍي گــاڏي وانگر، گــاڏي به ناهي

ڦُوڪُون ڏئي نانگ وانگر، نانگ بہ نــاهي–
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## ڇهڙو

۷۸۷. آڏامي ڏــو ڀکيءَ جان، پر ڀــکي بہ ناهي
ڦر ڏئي جــانور جان، پر جانور بہ ناهي–
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

۷۸۸. آڏامــــي آسمــان ۾، پــر ڀــکي بہ ناهي
چار پير چوکــا انس، پــر ڀــکو بہ ناهي
چارو چري رات جو، پر گهُوگهُو بہ ناهي
ڏينهن جو سُڃي جاءِ ۾، پر چور بہ ناهي–
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

۷۸۹. آڏامــي ڏــــو عــرش تي، ڀــکي بہ ناهي
کن ٻــچ ڪــٿي جهڙا، ڪتو بہ ناهي
ڏينهن جو ويهي حجري ۾، مُلــو بہ ناهي
رات ســجــي سمهي نــٿو، فقير بہ ناهي
اونــده ۾ آلــرون کــري، چور بہ ناهي
ســـنج ۾ اونـــارو سندس، سامي بہ ناهي–
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## ڇاپاڪو (ڀکي)

۷۹۰. ڇپي ڏــو چورن وانگر، چــــور بہ ناهي
کم اچي ٿو مريضن جي، حکيم بہ ناهي–
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## ڇنڊي

۷۹۱. هــلي چلي ســاڌو مٿان، ککر بہ ناهي
ڇانوَ کري ڇپر وانگي، ڇپر بہ نــاهي–
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

### دونهون

٧٩٢. آڏري ٿو آڪاس ۾، پر پکي به ناهي
رهي ٿو گهر ۾، پر ماڻهو به ناهي
جهلجيس ته جهل نه ڏئي، پر جانور به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڏيڏر

٧٩٣. پلجي ٿو پاڻيءَ ۾، مڇي به ناهي
هرڻ جيان ٽپ ڏئي، هرڻ به ناهي
لڪي وڃي ٻيرن ۾، ڪئو به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### رپيو

٧٩٤. آنا اٿس پکيءَ جان، پر پکي به ناهي
چار پير مرونءَ جان، پر مرون به ناهي
گهمي ٿو ولائتون، پر جوڳي به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٩٥. ٻه پر پکيءَ وانگر، پکي به ناهي
چار پاوا کٽ وانگر، کٽ به ناهي
اٺ ڪنگرا مسجد وانگر، مسجد به ناهي
سورهن ساريون چوپڙ وانگر، چوپڙ به ناهي
ٻٽيهه ڏند ماڻهو وانگر، ماڻهو به ناهي
چوهٺ چيلا پاڻ سان، پر گرو به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٩٦. اڇو اڇو کير جهڙو، کير به ناهي
ڇُمانس پير جهڙو، پير به ناهي
ٻڌانس چور وانگر، چور به ناهي
گهمي ٿو فقير وانگر، فقير به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ساڻيڪل

٧٩٧. هلي پلي گهوڙي جان، گهوڙو ٻه ناهي
ٻه پير ماڻهو جان، ماڻهو ٻه ناهي
نڪي کائي نڪي پئي، مُثل ٻه ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### سؤ رپين جو نوٽ

٧٩٨. نوڪر اٿس ڏهه، پر سيٺ ٻه ناهي
گاڏا اٿس ويهه، پر ريل ٻه ناهي
هاري اٿس سؤ، پر زميندار ٻه ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڪڪر

٧٩٩. ٻوڙي ٿو جهاز وانگر، جهاز ٻه ناهي
ڇانوَ ڪري وڻ وانگرُ، وڻ ٻه ناهي
ڪارو ڪارو دونهين وانگر، دونهون ٻه ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڪِنوڻ، وڄ

٨٠٠. ڳاڙهي ڇٽي باهه وانگر، باهه ٻه ناهي
ور وڪڙ نانگ وانگر، نانگ ٻه ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### لاڏون

٨٠١. ڦيرڙي ڦري ڦيريون پائي، فقير ٻه ناهي
چهنب اٿس وات ۾، پکي ٻه ناهي
رسو ٻڌل ڇيلهه سان، چور ٻه ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

---

٨٠١. ٻي روايت: ڦيرڙي ڦيريءَ دار جيئن، فقير ٻه ناهي.

لغز

٨٠٢. ڪَن اٿس ڇڇ وانگر، ڇڇ نه ناهي
ڏاڍو پوڍس سُٺيءَ وانگر، سُٺي نه ناهي
آڏامي جهاز وانگر، جهاز نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## ماڪوڙو

٨٠٣. ڪارو ڪارو ڪانوَ جيان، پر ڪانءُ نه ناهي
چيلهه اٿس سنهڙي، پر مندم نه ناهي
رَهي ستهين پرن ۾، پر نانگ نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٨٠٤. ڏنگون اٿس ڏکيون، پر اُٺ نه ناهي
متو اٿس وڏو، پر پاڏو نه ناهي
پُڇ اٿس ڏلهو، پر دنبو نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٨٠٥. متو اٿس هاٿيءَ وانگر، پر هاٿي نه ناهي
ڪاروآهي ڪانگ جيان، پر ڪانگ نه ناهي
رهي ٿو ٻر ۾، پر نانگ نه ناهي
چڙهي ٿو وَڻ تي، پر نولو نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

## مڪڙ

٨٠٦. آڏامي ٿو پکيءَ وانگر، پکي نه ناهي
رهي ٿو سنگت سان، ماڻهو نه ناهي
منهن اٿس گهوڙي جان، گهوڙو نه ناهي
اکيون اٿس ڏيڏر جهڙيون، ڏيڏر نه ناهي
سڱ اٿس هرڻ وانگر، هرڻ نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ڦٽڻ (ٿور)

۸۰۷. وڻو آهي آسڻ تي، سيٽ ٻہ ناهي
چـــار اٿس پيرَ، پر جانور ٻہ ناهي
چـاٻهہ چيلا ســـاٺ، گُرو ٻہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ڏار يا هرلو

۸۰۸. رينگي ٿو چوڏيل وانگر، چوڏيل ٻہ ناهي
وسـي ٿـو ميينهن وانگر، ميينهن ٻہ ناهي
ڦـــري ٿو ڦيرڻي وانگر، ڦيرڻي ٻہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ڏاريل

۸۰۹. گول گول ڇاهي جيان، ڇاهو ٻہ ناهي
ڏاڙهـــي اٿـس مرد جيان، مرد ٻہ ناهي
گيڙو اٿـــس ويس، پـر سنياسي ٻہ ناهي
پيٽ آهي پاڻيءَ سان، ساندارو ٻہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

وڇون، پڃون

۸۱۰. پـالو اٿس ســـاٺ، پر سپاهي ٻہ ناهي
پُڇ اٿـــس وينڊو، پر ڪُتو ٻہ ناهي
آسڻ اٿس آسمان تي، پر ولـي ٻہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ويڙهہ مڏبي

۸۱۱. اڇـو اڇـو کـير جهڙو، پر کـير ٻہ ناهي
وَر وَر اٿس نانگ جهڙا، پر نانگ ٻہ ناهي
سمهي ٿـو ڪنوار سان، پر گهوٽ ٻہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## اڪ

٨١٧. ڍِڳَ مِڪ ڏانڊي ڏالر پان، ڏسان پيٺي پڻ چڪيان نان؟
(ڏانڊي لچڪيدار، پن وڏا، ڏسان پٺي پر چڪيان نه).
٨١٨. ڳانء رو ڏُوڌ، گلاب رو ڦُول، مسور ڪي دال
جوار رو آن، اينهان؟ سيّيان؟ رو گوڊ ايڪ.
(ڳئون جو کير، گلاب جو گل، مُهري جي دال، جوئر جو
آنُ، انهن سڀني جي پاڙ هڪڙي.)
٨١٩. ٻڙ جهڙا پــــن، ڪمند جهڙي سوٽي
موگري جهڙا ڦل، آنب جهڙي گوٽي.

## اڪ

٨٢٠. ڪارو گهوڙو ڪتبرو، نتنگري؟ ڏِسند و وڃي
سوا لک ڏيو ته به ننهن جو مُلهه نه ٿئي.

## آنب

٨٢١. هينڊ هينڊوڙي هينڊتي، مُڪڙي ميٺي لار
سُرتا هوئي تو سوجهه لو، ڇوڙي پيتر وار.
(ننڍڙي ننڍڙي هنڍي، جنهن جي منهن مان مٺي لار وهي.
ڏاها هجو ته ٻوليو، جو آن جي ڪل اندران وار ٿين.)

## انب ۽ ڳنڪلي (ڪوڏلو)

٨٢٢. ٻاپ جائي ٻيٽي، ٻيٽي جائو ٻاپ
هيءَ ٻرولي ٻرکو ته ٻيٽي وڏ يا ٻاپ!
(پيءُ کي ڄائي ڌيءَ ۽ ڌيءَ کي ڄائو پيءُ، اها ٻرولي
ٻجو ته ڌيءَ وڏ يا پيءُ!)

## آيٽ (چرخو)

٨٢٣. رتو مٽيو رِينگو رِينڪ ـ ٻارهن مٽا، تيرهون سِينگ.
(ڳاڙهو مٺو ڇيڇاٽ ڪري ٿو، سندس ٻارهن مٽا ۽ تيرهون
سيڱ آهي.)

## ايٽ جي ڪوڪڙي

٨٢٤. اڌ ڀاماڙاي ۾ ڪاهجڙيو، ڀُر ڀُر لڳي واءُ
آهير بيٺو ڀيڻڊا ڪُٽي، ڏڪري جائي ماءُ.

(ڀيٽ جي اوٽ ۾ وڻ، 'ڦر ڦر' واءُ لڳي، ٻوڙهو بيٺو جوٽُون ڪُٽي، ۽ ڀُٽ چائي ماءُ.)

## ٻاهم

٨٢٥. پهرن ٻنا ڏونگر چڙهي، ٻنان مُک ڪائي ڪک
راجا پڇي راڻيءَ کي، هيءُ گهوڙو يا ٻڪرُ.

(پيرن کان سواءِ جبل تي چڙهي، وات کان سواءِ کائي، راجا پڇي راڻيءَ کان ته اهو گهوڙو يا ڏکو؟)

## ٻنڊو

٨٢٦. پڌري پٽ ۾، تيل جيڏي تلائي
هاٿي پيئن، گهوڙا پيئن، پيئي لوڪ لُگائي
هيڪ نه پيئي ڪيڙو، جنهن جي چُونچ ۾ چترائي.

(سنئين ميدان ۾ ترُ جيڏي تلائي، جنهن مان هاٿي پيئن، گهوڙا پيئن، مرد ۽ عورتون پيئن، ان تلاءَ مان رڳو ڪڪي ڪونه پيئي.)

## ٻصر (ساڱو)

٨٢٧. هڪ سؤ انبا انبلي، ٻه سؤ ٻيا جهاڙ
ڪور ٻنان پانڙو، سُرتا ڪرو ويچار.

(هڪ سؤ انب ۽ انبڙيون، ٻه سؤ ٻيا وڻ. تاريءَ ٻنان پن، ڏاها! ڪريو ويچار.)

## ٻگي (گهوڙي گاڏي)

٨٢٨. پيتل پٿري پدمڻي، هينڊڙي سجيا سينگار
يا هجي شادي گهر، يا هجي دربار.

(پتل پاڻي عورت، دل وڻندڙ سينگار ڪري. يا هجي شادي وارن جي گهر يا راجا وٽ.)

پهڙر.

٨٣٩. رَنڙو ڏيکاري ھيٺڙو گھڻان، ککڙ ٿو کاڻي
چمڙ جهلي پڇو ٽاڻان، گڙ گڻپو ٿو جاڻي.

(ڳاڙهو ڏسي هٿ وجهان ته ڏنپو ٿو کائي، چمڙ جهلي پوئتي ڇڪيان ته ڪنڊو چڀيو وڃي.)

پوٺر

٨٤٠. آر ڪارو، سڪ سڙلِيي، رَھنت ڪيھنجهر بِن مانڻهن
لِيلاٽ بيچ تلڪ بِراجي، ڪهو ڪرشن ٻه نانهن.

(بدن ڪارو، وات وچٿو، رهي ٿو ڏينڏن وارن ٻيلن منجھ، نراڙ جي وچ ۾ تلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر ڪرشن ٻه ناهي.)

پوٺر جو گهر

٨٤١. نه وانڊسلو نه وِينجهٽو، نه ڪاريگر نه سُوٽار
آونڊي سنتي گنڊ چٽڻي، سُرتا ڪرو ويچار.

(نه واهولو نه وِنجهٽو، نه لوھار نه واڊو. آونڊي ھنڌ تي گهر آڏي، ڏاھا ڪريو ويچار.)

ٽرار

٨٤٢. ناري پِڻ نيٻَل نه، ڪاري پڻ نه ڪوِڙل
وِسهي ڏَر ۾ سا پڻ نه، آڌر آن جو پول.

(زال پر ڪمزور نه، ڪاري پر ڪوڏل نه، رهي ڏر ۾ پر نانگڻ نه، ان جو جواب ڏيو.)

٨٤٣. آڌ پاماڙي سِيهن آونيري، ناري نام ڌري
چڱا پهري ڪپڙا، ناگا ڪم ڪري.

(پيٽ جي پر مان لنئي، عورت جو نالو رکائي، چڱا ڪپڙا پائي پر خراب ڪم ڪري.)

### ٽِڙن جو پُوڙو

٨٤٤. آٽ سٽ ڪتنپلين، تنو سر نار
درهل ڪتنپليِنَ، تاريو تماڪ.

### ٽتڙ (ميڏهن يا ڳَئُون جا)

٨٤٥. چار ڳڳريا آمرت ڀريا ـ اُونڌا ڪَريا، ڪڏهن نہ ڍريا
(چار نڏيڙا دلا آبحيات سان ڀريل، اونڌا ڪجن، تہ بہ نہ هارجن.)

### ٽوهر

٨٤٦. آرهو پُرهو ڪيجڙيو، پيو پاسي ٽان
رَتا پڌي سوڙهيا، اچا جوڏ جُوان.
(اوريان پريان وٽڙو، پاسي ڀر پيو، ڳاڙهـا پڌي پٽڪا، اڇان جوڏو جوان.)

### ٽاجُوڳو (ماتا جو ٽُڪو)

۰ ڳُوڙهي رنگ روپو مُچو، ٽِرڻيا وڏو چاس
پهرئي پڇڙي آنرڙي نهين، رهي ٻارهو ماس.
(گهاٽي رنگ ۽ سهڻي منهن سان، تير ڪان وڏو، پاڻي ڪان پوه نہ لهي، ٻارهن ئي مهينا رهي.)

### ڏيباهہ (انَ واڻڙ جي گهوڙي)

٨٤٨. ڏيہ پيرو توڏڙو، ٽاپيون ڏيندو وڃي
رائي پڇي راجا ڪان، ڪهڙو جانور پيو اچي.

### ڏڪر جو ٽانءُ

٨٤٩. ڪانچيي چانُ، ڪُنناري چانَ، سر پٽڙي ڇڏي متنان[٨]
پَرنيا پڇي ماري ڏيو، تنو رنگ وَڏاڙان[٨] تنان.

---

٨٤٤. ڪتنپلين = مُڪڙيون.

(ڪچي آهيان، ڪنئاري آهيان، سار پوي ٿي مونکي. پرڻي کان پوءِ جي مار ڏيئي ڏيکاريو تہ اوهان کي وڏي آفرين آهي. يعني جيئن پچڻ کان اڳ ٿانءُ کي ٿپبو آهي، تيئن پچڻ کان پوءِ ڪوبہ هن کي ڌڪ نہ هڻبو تہ متان ڀڄي پوي.)

## پاجامو

٨٥٠. جان پيا ڌانان ري ڪونڙي، جان پياني رو ماٺ.
(يا ہن قسمن جي آنن جي ڳوٺري يا پياني جو ماپو.)

## پاچو

٨٥١. هيماري ڪو ٿاري چاڙهان، ڪُلهي ورهي پاري.
(پرولي مٿاهين ۾ ٿي چاڙهيان تہ وري اچي ڪُلهي تي ويهي.)

٨٥٢. جتر نہ ڏوبي، آگن نہ جلي، ڪاڙي ٿليو نہ جاءِ
ڪتهہ ڳل ڪتهو نساڪران، طرف ڏکڻ نا جاءِ.

(پاڻيءَ ۾ نہ ٻڏي، باهہ ۾ جلي، وڍڻ سان نہ وڍجي سگهي. اي سردارو! اوهين هن کي ڪيترو بہ ڪٽي ڇڏيو تہ بہ ڏکڻ طرف نہ ويندو.)

## پاچوا ي (پاچو)

٨٥٣. جتمتي ڳنج تيہس ڪي، پتر جوپتن ۾ ڳج چار
پڊاپي ڳنج ساٺ ڪي، مٿي انت نہ پسار.

(چمندي تيهن گزن جي، پرپور جواني ۾ چار گز، پداپي ۾ سٺ گزن جي پر مٿي بعد ڪاٿوئي ڪونهي.)

## پترنال (نارو، نيسارو)

٨٥٤. هڪ ناري مٿي سٽيي، پيٽ سان پيٺي وات مان ڪڍي.

## پڪو (ڪرڙ جو)

٨٥٥. رتو رتو لاتمو پينو، لهر ۾ تو لڏي
پيجي گڏ ڪائي تو، درياهہ ۾ تو ٻڏي.

(ڳاڙھو ڳاڙھو لاٽون، مزي ۾ پيو لُڏي، پڇي آن جو ماس
کاء تہ درياھ ۾ ٽو پُڏي.)

## پير ڪڙي

٨٥٦. آنٽي ٽُونٽي لٽڪڙي، ڏھي جھڙو ويس
اي پرولي پڇي، آوٽي نان^ اوڏاڙان^ ڪيس.

(ڏنگي ڦڏي ڪاٺي، ٽونري جھڙو رنگ، ھي پرولي جو
پڇي، ان کي ڪيس ڏيکاريان.)

## ڏيڀرون

٨٥٧. رتيڪي ڇاڙي رڻ ۾ ٻيائي، چوٻڙي ھٿي ٻڙھي چڪائي.
(ڳاڙھي ٻڪري رڻ ۾ ويائي، ويڪرن ھٿن سان ٻڙھي
چڪايائين.)

## جُنڊي

٨٥٨. ڪاري رن ڪنڌا ڪاٺي - جتل ڏيکي پڇي جائي.
(ڪاري زال ڪنڌا تہ ڪاٺي پر پاڻي ڏسي تہ پڇي وڃي.)

٨٥٩. رتي ڏھي رنگ پري، ڏني پيرن ھيٺ
آونچو جُوڻان^ لچ مران، ڏسن ڏير ۽ جيٺ.

(ڳاڙھي دلي رنگ پريل، ڏنم پيرن ھيٺ، متي ڏسان
ڦڪي ٿيان، ڏسن ڏير ۽ سھرو.)

## جنب

٨٦٠. ڪھر ڪھر ۾ تُوڏيو پيو رڙي.
(ڪھر ڪھر ۾ ڪنوات پيو رڙي.)

---

٨٥٧. ٻڙھي= تازي ويٺل ڍور جو کھاڻو ڪير ٻڙھي.
٨٥٩. ڏر ۾ عموماً زالون کو ڏاريون ماڻھو، سھرو يا ڏير ويٺل
ڏسنديون آھن تہ جُنڊي ھٿ ۾ کڻي ھلنديون.

٨٦١. آگھڙيءَ ۾ گھاگھڙيو، گھاگھڙيءَ ۾ ٻچڙو
ڪٿھين ڪيتري مھينا، اي تماشو ڏيکو.

٨٦٢. ٻـه اوڍڻ ٻچـڙا، ڏورو نـڪو ڏاسي
اي ھيماري روارت نہ کھاسي، اوٺي ري آکاھ رھاسي.

(ٻہ ڪپڙا ڳنڍيا، پر نڪو ڌاڳو نڪا رسي. ھن پرولي جو مطلب جيڪو نہ ٻڌائي آن جي آکھ ڏي اٿجاڻ.)

٨٦٣. چـٻر ٻـڳو روپـيو، وَھي ٿُورا ٿُور
مُنھنڊ لڳين ڪـڪڙين، پـڇي لڳي ٻُور.

(ٻڙ جـي ٻيرن وارو ريو، ھلي تـوڙان توڙ. اول ۾ لڳنس ڪَڪڙيون پوءِ لڳيس ٻُور.)

جوڳيڙو

٨٦٤. آڏي ڏوڙ ۾ ڳنڍي، ريشم جا ڦونڊا، گلاب جي ڏنڊي.

جَنُوئو

٨٦٥. سَوُ ٻير جـو جنـاور، آيـي بـازار جـائـي
راجا چوي رائيءَ کي، ڪھڙو جناور جائي.

(سؤ ٻيرن وارو جـانور، سڏيءَ بـازار پيو وڃي، راجا رائيءَ کان پڇي نہ ڪھڙو جانور پيو وڃي.)

جھنڊيو

٨٦٦. پنج پـريـن پـٺا چڙي، ھستناپور نـان^ ھلي
چڙھي ڏنت ڪس گجرات، سينڌ سان پـرھي ھلي
نـانڊان^ ڀُڳين^ نصرپور، پـالي ڪـچ پسار
اڻـي ويـلـڙي را آھين دلـي نـڪاٽـــا.

(پنج پرين پٺان چڙي، دھليءَ ڏي ھلي، گجرات کان چڙھي

---

٨٦٤. ڏر ۾ آپرنڊڙ نھايت خوبصورت ھوتو.
٨٦٥. جنُونو = ھڪ قسم جو جيت، ڇِوو.

سنڌ ڏانھن پـھرجي ھلي، نيٺ نصرپـور پھتي، پٽڻ ۽ ڪڇ ڏي آسھيي، ھن وقت دھليءَ ۾ سندس ٽڪاڻو آھي.)

چـِچڙ

۸٦۷. آٺ پـَڳـو، نـئـون نـَرو، اوڙانـئـو آئـِي
راجا پـُڇي راڻي نان^، ڪـھو جانور جائـِي.

(آٺ پيرو، نـَون نـَرين وارو اورتي پيو اچي، راجا راڻيءَ کان پڇي ٿـو ڪھڙو جانور پيو وڃي.)

چـِـڙھـي

۸٦۸. پُڇ پُساھي، پـاڻيو منجھہ پـُون^
ويو پاڻي ۾، ڌ ـاڻي ڪـڍ تون.

(سندس پڇ پيو ڏسجي، پاڻ زمين ۾ آھي. پاڻي اندر ويو آھي، ھاڻي ڪيس تون ڇڪي ڪڍ.)

۸٦۹. ايڪ وَلڙي، سوھيس ڦَر، سوھيسي ڦـَري جدا نام
ٿـــوڙڏي پـَڇـي پـُڇسين، ڪـھو بـيل ڪو نام.

(ھڪ ول سوين ڦر، ھرھڪ ڦر جو نالو جدا، ٿوڙ تاڻين پڇندي، اُن ول جو نالو ڪھڙو.)

چنڊ

۸۷۰. سگ سميت جنميو، جـوين ۾ سيڱ جائـِي
پـِڊاپـڻي سگ وري ٿين، آرت ڪرو ڪوئي واڻي.

(سڱن سميت ڄائو، جوانيءَ ۾ سڱ ڪِر ٿين، پيريءَ ۾ سڱ وري ٿين، تنھن جو مطلب ھڏايو.)

---

۸٦۷. چچڙ کي جيڏن جيڏن ھنائبو، تيڏن تيڏن وري پيو ايندو آھي.
۸٦۸. ڪوھہ مان پاڻي ڪيڏڻ جو ننڍڙو ڪوس.

## چنڊ ۽ تارا

٨٧١. ڪيسر پريو واٽڪو، ڦولي پري، پرات
مومل پوڇي ميندرا، ڪيٿ ڪماڻي رات
آڌي ڪماڻي چؤواٽي، آڌي ڳانڍيڙي وي هات
تين جڏين گورڙين سين رميا ساري رات.

(ڪيسر جو وٽو، گلن جو ٿالھ: مومل ميندري کان پڇي ته رات ڪٿي وڃايئي؛ چئي: اڌ وڃايم چؤ واٽي تي ۽ اڌ سُرهيي جي دڪان تي، ۽ تو جيڏين ڳورين ۾ سون سڄي رات راندڪئي.)

## چڻوٽي

٨٧٢. آڏا ڪنڊين سين آنري، هلي شهر بازار
راڻي پوٽي گهاگهرو، ڪاجل رو سينگار.

(آڏن ڪونن تان هيٺ لهي، شهر ۽ بازار ۾ هلي، ڳاڙهي پوٽي جو پڙو ۽ ڪجل جو سينگار.)

## چوڙو

٨٧٣. گهي گوڙهو، پڳ اوجرو، وهي ڏڙيندي سات
پرناري سين نت لڳو، چٽي نه ڏينهن رات.

(رنگ ڳوڙهو، پير اڇا، هميشه گڏ رهي، پرائي زال سان مڙس لڳو، ڇڏي نه ڏينهن رات.)

٨٧٤. گج ڪارو، ڏنت اجرو، هلي گنيير چال
ساسو وهو، ڏيڪري، تنهي جو هڪ ڀوتار.

(هاٿي ڪارو، ڏند اڇو، هلي شينهن جي چال، سس، نُنهن ۽ ڌيءُ ٽنهي جو هڪڙو مڙس.)

## چؤپڙ

٨٧٥. ايڪ ساس، سورهن بهوڻان، تين ٻيٽا، گهر چار
ٻين پاو رمي جهتمي، سُرتا ڪرو ويچار.

٨٨٢. ول پٽريل سوا گنج ڏنڊي، بنا ڪنيار گهڙي هنڊي
بنا چمائڻ چميو ڏهي، پرش جي پيٽ ۾ استري رهي.
( ول پڪڙيل، سوا گز ڏنڊي، ڪنيار ڪان سواء ٺانءُ گهڙيو،
بنا چمائڻ چاڙو ڏونرو، مڙس جي پيٽ ۾ زال رهي.)

## ڌنڪو

٨٨٣. وڏو پکي اُرڙ، جنهن جي چُهنب چُرڙ
جنهن جو مٿو مُردار، ڍُونڍُ وڏي خبردار.

٨٨٤. ڏڙ گجهي، وڄ چمڪي، نر ناري ۽ هيٺ
راڻي چوي راجا کي، هيءُ ڪنهن پڌي ديٺ.

٨٨٥. آنٽيو پر، مٿي ويٺو هولو
اِئي رو آرت نه ڪئي، آوڻي رو باپ گولو.
( ڏنگي پر تي ڪبوتر ويٺو، جيڪو نه پڇي تنهن جو پيءُ گولو.)

## خط

٨٨٦. اڇو اڇو پگلو، مٿي ڪاري ريٺ
پکان پکيٺو پاريهو، ڦري ڏيسان ڏيس.
(اڇو اڇو پگلو جنهن جي مٿي تي ڪارو ريٺو. پکن ڪان سواء
پاريهل جيڪو ديسان ديس گهمي.)

## دُونهون

٨٨٧. پکان پکيٺو، ڏنگر چڙهي.
( پرن ڪان سواء جبل تي چڙهي.)

## ڍل

٨٨٨. ڏوڏو لڪڙ ڏاڪي - سارو ڳوٺ ٻاهڪي.
( پورو ڪاٺ وڇي، سڄو ڳوٺ ڳونجي.)

## ڏَوَٽ (لوهارڪي ڪم جي)

٨٨٩. ٻن سانڍين سُهڻين، هڪي ٻڪي چَرڻين
اوناڙي تو آنڙي، تو ٻنهي تيئن[٨] مرڻين.
(ٻه ڏاچيون ڏُڪيون، هڪڙي پير تي چَرن، جت تو اهي
ته ٻئي تيئن مرن.)

## ڏانو

٨٩٠. ڪارڙو متارڙو، جهنگ چَري گاهڙو
لڏڪي نڪو ساهڙو، واهه ڙو واهه ڙو.

## ڏانگڙي (الٽ)

٨٩١. گَرڊيٻڻ ۾ چالٽو، ناريلن ۾ نام
سُرتا هوٺي تو سوجهه لو، مارواڙ ۾ آهي گام.
(پيريءَ جي ٽيڪ، ناريل ۾ نالو، سمجهو هجين ته ٻڌاءِ جو
انهي نالي سان مارواڙ ۾ ٻه ڳوٺ آهي.)

## ڏانوٽي

٨٩٢. ٻوهتر ٻورڙي، ٻوهتر ڪڙتا
ڪنوڻ جاٽي تو پهس را ڏنتا.
(ٻاهتر ڦُلڙيون، ٻاهتر مٽيا، ڪير چائي ته ان جا سونا ڏند.)

## ڏوئي

٨٩٣. گهاتي جهنگ ۾ ڏنو نيزو، نمزي مان ٽي نار تيار
ٽيپي ٻٽي ٽانو ۾ آڏ ٻچڙ ٻتهار.

## ڏونرو (ڪرڙ جو)

٨٩٤. سائو جهاڙ، پر ٻنن جو ڏڪار
ڦل آهي سهٽو، جهڙو سوپاريءَ جو يار.
(سائو وڻ پر منجهس ٻنن جو ڏڪار، ڦل سهٽو اٿس، جهڙو
سوپاريءَ جو ياءُ.)

## ڏيڏر

٨٩٥. نڪا ڏاڙهي، نڪا مُونڇ ـ ڪڏهان ٻُتو ، ڪڏهان پونڇ.
(نڪا ڏاڙهي، نڪا مُڇ، ڪڏهن بنا پڇ، ڪڏهن پڇ سان.)

٨٩٦. ڪن بغير ڪُوچلو، پُونڇ بغير ٻانڊو
اِهڙي هماري وو آرت ڪرو، نہ تہ ڪٽنب آيانِ رو گانڊو.
(ڪنن کان سواءِ ڪُرو، پڇ کان سواءِ ٽنڊو، هن هيماريءَ جو مطلب ٻڌايو، نہ تہ اوهان جو سڄو ڪٽنب اڻ ڄاڻ آهي.)

٨٩٧. سياري ۾ ڪارو آهي، اُونهاري ۾ پيلو جاڻ
چؤماسي ۾ ساڻو رهي، هي ڪهڙو جيو سڄاڻ.

## ڏيڏيءَ جي وٽ

٨٩٨. ڪري ٿانئي ري ٿانئيلي، ننگر ناڻي نار
پتل ڀري ڀدمڻي، سورهن ڪري سڱار
پگ جهڀڪي پولڙي، هيئين جهڀڪي هار
نڪ ري نٿلڙي، ڦُولان ڀارو ڀار.

(سٺي ٿنڀي جي ٿُونڀي، سڄي شهر ڪي وٽندڙ نار، اها پدمڻي زيور ڍڪي ۽ سورهن سينگار ڪري، سندس پير ۾ مُنڊي ٿي چمڪي، ۽ ڇاتيءَ تي هار چمڪي ٿو، نڪ ۾ نٿ اٿس ۽ گلن سان جهنجهيل آهي.)

## ٻيڙو (سٽ جو)

٨٩٩. اِڏو اِڏو گنڍيو، جبل کان ٻہ وڏو.
(هيڏي هيڏي ڳنڍڙي، جبل کان ٻہ وڏي.)

## رات

٩٠٠. پتڙي پڙي ڀڳي نہ، ٽڪرا ٿيا ٻہ چار
بنا پنکي اُڏ گئي، سُرتا ڪرو وچار.
(پوندي پوندي ڀڳي نہ، رڳو ٻہ چار ٽڪر ٿيا، بنان کنڀن اُڏامي وئي، ڏاها ويچار ڪريو.)

### رڇيو

٩٠١. چار ڀيهنان^ چاڱليين^، سورهن پائي سچا
هلن^ چلهن^ بازار ۾، ٿتهريڻس جيرا ڀچا.

(چار ڀيڻون چاڱليون، سورهن پائر سچا، هلن چلن بازار ۾، ٿيهه جنهن جا ڀچا.)

٩٠٢. پير ڪونهي پر هلي گهٽو، منهن ڪونهي پر ٻولي جهيٽو
آڍائي ٽُسو چيز ني نر ناري چاهي گهٽو.

(پير ڪونهن پر هلي گهٽو، وات ڪونهي پر ڳالهائي جهيٽو، آڍائي ٽُسو ماپ واري شيءِ کي هرهڪ مرد توڙي عورت گهٽو گهري.)

### رستو

٩٠٣. لانٻو لانٻو لانٻڙو - لئو^هي نڪو چانٻڙو.
(ڊگهو ڊگهو ڊگهڙو، رت نڪو چمڙو.)

### روهيڙو

٩٠٤. تر چابو، تر آپنو، تر ۾ وڏا ڪوٽ
ڦريو ساريو سنڌڙي، ڦريو عمر ڪوٽ
وڻگي جي بازار ۾، چيهي ڏني چوٽ.

### ريل گاڏي

٩٠٥. ڪارو ٻاڏو ڪير ڪير يارو راتو ٻاڏو راڏو
نيٽڙمين تونڌي چٽي، سامل گهوڙا پاڏو.

(ڪارو ٻاڏو آواز ڪندڙ، ڳاڙهو ٻاڏو راڏو، نيٽر وڏل آٿ هلي، سائس گهوڙا پڄايو.)

---

٩٠٤. وڻ جو قسم، جنهن جي ڪاٺي نهايت مضبوط ۽ ساڳ جهڙي ٿيندي آهي.

ٿي موسمون، سيارو، اونهارو ۽ برسات، ٽي سؤ سٺ ربنٽيا = سال جا ٽي سؤ سٺ ڏينهن، ۽ ٻارهن ٽنپ = ٻارهن مهينا.)

## ساهمي

٩١٠. هڪ ناري، ٻه ڳهاگهرا، ڇئڪي ناڙا ڇهه
ڪرڪ مٿي پڇڙي، آن جو آرٿ ڇئو.

(هڪ عورت کي ٻه پٽڙا، ڇهه آڱٺ ۽ پُٺن مٿي پڇ آهي.
آن جو مطلب ٻڌاء.)

## سج

٩١١. وَتو ڏَهو رنگ پيريو، آيي مين تو جائي
راجا پُڇي راڻي نان، ڪهو جناوَر جائي.

(ڳاڙهو ڏهو ونگ پيريل، آپ ۾ پيو وڃي، راجا راڻيءَ کان
پڇي ته ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

٩١٢. لالانَ ليو تو ڏس ڏيان، موتي ڏيان ڏس بيس
اِي تو ڪڙج ۾ ايڪ وَسي، ڪانڪر ڪران بخشيش.

(لعلون وَٽ ته ڏهه ڏيان ۽ موتي ڏهه ويهه ڏيان، پر اهو نه
گهيراڻي ۾ هڪ ئي آهي، سو ڪيئن بخش ڪريان !)

٩١٣. پتگ پاگوڙي، ڏڙ ڪوتڙي، ٻانهي ٻاهڙ مير
ڪيئمل رين ڪهجڙين، پالهي وي پاڪيڙ.

(پير پاڳوڙي ۾، ڌڙ ڪوتلي ۾ ۽ ٻانهون ٻاهيڙ مير ۾، وڻن
ڏاران به ميدان ۽ پکيڙ کان سواء به پالهي.)

## سرهيڊائي ۽ سرهو

٩١٤. ڌڙ سينگي، ڪٽڙ پاتيري، ڪُڪڙ ڪنڌي نار
ناري نر ڦينڪيو تو سمُوندران پيلي پار.

(ڌڙ سڱن وارو، پيٽ ويڪرو، ڪُڪڙ جهڙي ڪچي، زال،
مڙس کي آچليو ته وڃي سمنڊ کان پار پيو.)

٩١٥. چوٿائيءَ ۾ چار ڪٽ، ڏم ڏيئي پيسا
ٻارهن مهنا چُوڻ ڪري، اچان نہ ڪڻا.

(چوٿائي ۾ چار داڻا زور سان پيڻا، ٻارهن مهينا چُوڻ ڪيم پر اچا نہ ڪيئا.)

## سگُر

٩١٦. ٻاڙ پتيري، جتر آونڊو، مٿي لانٻا جهوڙا ڪيس
اهڙي ٻلي سوڪڙي، سيڻان^ نان^ موڪلهان پيٽ.

(ٻاڙ سنهي، ٻاٽي اونهو، مٿي ڊگها وار، اهڙي ٻلي سوڪڙي، سيڻن کي سوغات ڪري موڪليان.)

## سگُري (ڪنڊيءَ جي)

٩١٧. پيتري ۽ ڊگهي، ڪاڏي ۾ ميٺي
هيڻان بيٺوڙي، آونچي ڏٺي.

(سنهي ۽ ڊگهي، ڪاڏي ۾ ميٺي، هيٺ لڙڪيل پر مٿي ڏسجي.)

## سوپاري

٩١٨. ڍيٻلو واٺيو، ڍيٻلو پيٽ - جٺو ڪٺائي پٿر هيٺ.
(ٻندرو واٺيو، ٿلهو پيٽ، پٿر هيٺ جسم پچائي.)

٩١٩. نگر ۾ ناڳيي ڦري، ٻنَ ۾ ٻهري چيير
تنهن جا قتل آئجو، سڀي نڻان جا وير.

(شهر ۾ آگهاڙي هلي ۽ جهنگ ۾ ڪپڙا پائي، تنهن جا قتل آئج، سڀي نڻان جا پاءُ. يعني زال، مڙس کي سوپاري آڻي لاهِ ڇيو.)

## طوطو

٩٢٠. پڙهي ٿو پڻ پنڊت ناهي، پُوريو پڻ نا چور
چٽر هجو تہ چئي ڏيو، متڙو پڻ نا مور.

---

٩٢٠. متڙو = سينو، سهڻو.

## قلم، پنو ۽ اکر

٩٢١. هٿرَ هٿرُ وٽا، پُونءِ پَٽيري، هاري چِٽر سڄاڻ
ٻڪان مسوتي نيپجين^، نيٺين ڪڍيا لپڏاڻ.
(هر آلسو، زمين برابر ٿي، هاري سياڻو سڄاڻ، وات سان
موتي آپجن، اکين سان ڳنڍ ڪيجي.)

## ڪاغذ، خط

٩٢٢. آڪڙڪين ڪڙڪڙ ٻيڙي، جنهن ۾ رهي ڪاري ڪُپڙي
ڏيس ڦري ڏيساور ڦري، راجا سان ڳنڍ ڳالهيون ڪري.

## ڪپهه

٩٢٣. سُوپٽڙ ڪنو رُوپيو، وهي ٽُورا ٽُور
مُوهر لڳين^ ڪڪڙين، پڇڙي لڳو ٻور.
(ڇڇ جهڙو رپيو هڪ ٽور ڪان ٻئي ٽور ٽاڻين هلي، جنهن ۾
ڀهرين ٽيون ڪڪڙيون ۽ پوءِ ٽيو ٻُور.)

## ڪڙڇي (تَرڙِي)

٩٢٤. ايتلي او پيتلي، تون پٽداري ري ڏيءِ
ڪائين پيئين سيڪي، ڳرئين پوءِ تون ڪيئن؟

## ڪڪر

٩٢٥. ڦٽي ڦٽي چِٽر گهٽي - ڪوڏ پَٽڪيٽي، چانڊهه گهٽي.
(ڦٽي جنهن ۾ چِٽ گهٽا، تڙ ڪان سواءِ چانڊ گهٽي.)

## ڪلف ڪنجي

٩٢٦. ٽپالي ۾ ٽپالو، تنهن ۾ ڪلنگي گهوڙو
چوڙيو نه چوڙيو، نه ته بيٺو ڪري ڦوڙو.

## ڪيلو

٩٢٧. مُٺ جيڏو مانٽيرو - سؤ گانٺين^ سيڪڙي.
(مُٺ جيترو ماڻهو، سؤ ڳنڍون سيٽي.)

### ڪڪ

٩٢٨. آنـــر ري ڏيـــاري، ڏڪــڻ تــي جــاڻـــون^
ڪانٺان مــنــهيلي ڪاڻِڙي، لڙڪ لوڏا ڪاڻــون^.
( آنر جي ڏيئڙي، ڏکڻ ڏي وڃان؛ سنهي لڪڻ جهڙي بيلي لوڏا ڪان. )

### ڪوس

٩٢٩. ڪارو ڪارو گهيئو، لاڙهان^ ۾ تــو لــڏي
پڳ سين پڙهو ڪران^ تو درياهه ۾ تو پڏي.
( ڪارو ڪارو گهيئو لڙهن ۾ تو لـڏي، پيرن سان پري ڪريان تہ درياهہ ۾ تو پڏي. )

### ڪوڪڙي (سٽ جي)

٩٣٠. اڏي هـڏي، ڏونگر سان وڏي.
(ايڏڙي هـڏي، جبل ڪان وڏي.)

### ڪونديرو

٩٣١. اتڪي ڏٻلي ـ ڏوڙ ۾ گـٺـڪي
( هيڏڙي ڏٻلي، ڏُوڙ ۾ پوريل )

### ڪارو ڙو ڳوٺ

٩٣٢. آمرڪوٽ ڪي اوڏڙو، نتر ناميٺي نام
ڪارونجهر جي ڪـور تي ڳولي وڻو گام.
(عمرڪوٽ کي ويجهو، مرداڻي نالي سان مشهور، ڪارونجهر جبل جي ڪناري تي ڳوٺ آهي، آهو ڳولي پڏايو. )

### ڪاهي ( ڏاس جي )

٩٣٣. ڪارو ڪارو گهيئيو، اوڙي مٿي ليٺيو.
(ڪارو ڪارو گهيئو، اگهڻ تي ليٽيو. )

---

٩٢٩ . کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ جو وڏو بوڪو.
٩٣٢ . ڪاروڙو ڳوٺ، عمرڪوٽ کان ٽي ميل آتر طرف آهي.

٩٣٤. هيٺان مٿان روُنچ وَري، ڪوران رَهين ڪَچِين
هيڪ جاڻو ڳَچِي ڳيو، ٻه چٽا پيا نچِين.
(هيٺان مٿان پچندو ويو، ڪناريون ڪچيون رهيون؛ هڪ چٽو ڳچي ويو، ٻه چٽا پيا نچن.)

ڪنولو

٩٣٥. چار پاڻي چوڪا، جڳت ڪري بيٺا.
هيڪَو ڪي ري ڪوني ۽ ٻه ٻه ٿي ويٺا.
(چار پاءُ چڱا، صلاح ڪري ويٺا، هڪڙي ڪوني ۽ ٻه ٻه چٽا ٿي ويٺا.)

ڪنڊي

٩٣٦. ٻالاپڻ ۾ ڏورا ڪپڙا، گيرواپڻ ۾ لال
ٻيج بنا ايڪ چيج ڏني، مُرتا ڪرو ويچار.
(ننڍ پڻ ۾ آچا ڪپڙا، پيريءَ ۾ ڳاڙها، ٻج بنا هڪ شيءِ ڏنم، جنهن جو ڏاها ڪريو ويچار.)

ڪنوڻ

٩٣٧. جهڙپ ڏيئي جمنا پائي جهٽڪ هلي وڃي
جنهن جي مٿان پوي تنهن کي ڀسم ڪندي وڃي.
٩٣٨. ڏِکهي نٿس ري ڪونجهڙي، وياڻي ٻيڪانير
ٻچا چڏيا ڪوٽڙي، ڀڳي جيسلمير.
(ڏکي ڳچيءَ واري ڪونجڙي ٻيڪانير ۾ وياڻي، ٻچا چڏيائين ڪوٽڙي تي، ۽ پاڻ وڃي جيسلمير ۾ پهتي.)
٩٣٩. اڏڪي ڏيڪي، رم جهيم ڪري
رَتني ري گوچار ۾ کيلي، ڪَوڙ ڪري
ڌري م تنتوئو، ڌري نه قالو
آڻ وَنا ميهولا، لاکيڻو ملڪ.

(سج لٿو، انب پوکيو، اَڌيءَ رات جو اُپريو، پرهه ڦٽيءَ جو ميوو ڇنيو، اهو انب اَڇي ذات وارو آهي.)

## ڪيرُ، ڏونرو ۽ مکڻ

٩٤٥. ٻاپ ڪنا ٻيٽو پيدا ٿيو، جڻيو پوٽرو سردار
تيهي رات جنميا، سُرتا ڪرو ويچار.
(پيءَ کان پٽ پيو، جنهن جو پوٽو سردار، ٽيهي هڪڙيءَ رات ڄايا، هاڻي ڏاها ڪريو ويچار.)

## ڳدرو

٩٤٦. اڌي چيران^، آڌي چيران°، چيران ٽاري پٽيي
اڍي هيماري رو آرٽ ڪهو، نه ته ايها پتر هو آنيي.
(آڌي چيريان، آڌو چيريان چيريان تنهنجي پٽي، هي پرولي ٻجهي ٻڌاءِ، نه ته هتان آٽي پري ٿي.)

## ڳنڍي

٩٤٧. نگري نگري نار وٺي، ڪپڙا پهريو سَتو ڪري سينگار
نڪي ڏمر ڏيل ۾، نڪي لڳيس گار.

## گرانهه

٩٤٨. پنجن چٽن راند ڪئي، رينگ رينگان^ ۾
ڏي ڳڙيدان ۾، گار ناهي گوٺيو آهي.
(پنجن چٽن راند ڪئي ڇيڇاٽن ۾، وڏائون وات ۾، گار ناهي ٻر چرچو آهي. پنج چٽا = هٿ جون آڱريون. راند ڪئي = گرانهه ناهيائون. رينگ رينگان = ڏندن سان چٻاڙڻ جو آواز. ڳڙيدان ۾ = پيٽ ۾.)

٩٤٩. پنجن چٽن گيند آپاڙيو، ڏي ڏلهر منجهه
مٿان ٿي ڙينڊان^، ڏي ڳيڙينڊان منجهه.
(پنجن چٽن ڏڙهو ڪنيو، ڪڏ ۾ ڪٽي وڏائون، مٿان ڇيڇاٽ ٿيا، پوءِ وڏائون پيٽ ۾.)

گيڏگهو (جبت)
۹۵۰. ڪارو، ڳاڳن ڳوپارو - پيرن مٿي اوپارو.
۹۵۱. ڪارڪي ڳڏهه، ڪاريا ٽنڙها-
هل ڙي مولهيي، ايهيج مـڙها.
(ڪاري ڳڏهه، ڪارا سنج، هل ڙي آٽ، اِجهي مڙها.)
ڳهـڏيو (نڏيو جنب)
۹۵۲. هيڪل سينڱو هـرڻيو، چوهه ۾ نو جائي.
(هڪڙي سگ وارو هرڻ، تکو پيو وڃي.)
ڪڙڪ
۹۵۳. ڪارا ڏونگر، نـدي جهري، ندي آڇـو نـير
نـيو پاڻي نه پيئي، ڳوتي ليو پاون ويـر.
(ڪارا جبل، ندي وهي، نديءَ جو آڇو پاڻي، آڇايل پاڻي نه پيئي، اها پرولي ڏاها ڳولي وٺن.)
لونگ
۹۵۴. رينڱ رينڱو، چار سينڱو، آپ ڪارو، ماس ڪارو.
(چئن سڱن وارو جهڙو رڙهندڙ جيت، پاڻ ڪارو، ماهه ڪارو.)
لوڻ
۹۵۵. سياري اونهاري نيپجي، وڃي چوماسي جـڙ
سپ ورڻ تنهن کي ڪائي، نه پن نه ڏڙ.
(سياري توڙي اونهاري ۾ پيدا ٿئي، مينهوڳي ۾ پاڙ کان وڃي، هرڪو ان کي ڪائي، پر آن کي نه پن ٿئي ۽ نه ٿُڙ ٿئي.)
۹۵۶. ندي ڪناري نيپجي، جهرو سرو نه ساڻو هوئي
مين ڳهر آيا پرامڻا، تين ڳهر هوء تـو جوئي.
(ندي جي ڪناري تي پيدا ٿئي، جنهن ۾ نه پن ٿئي نه سنگ ٿئي، منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي ته ڏاءِ.)

هڪڙي عورت پاڇي رڌڻ مهل ڏٺو ته اوڻ آهيئي ڪونه، تڏهن پاڙي واريءَ کي اها پرولي موڪليائون جنهن کيس اوڻ ڏياري موڪليو.)

ماڪ

٩٥٧. برسات پڙي، پنيو سڀ وڏ راهه
رُونڪا پاڻي چڙهه ڪيو، گج گج گهوڙا نهاه
کهڙو تو ڀُوڏي نهين، پکي ترسيا جاءِ.

(برسات پئي سڀ وڏڪار پُسي وڃي، ڀُوڻن تي پاڻي وري ويو، هاٿي گهوڙا وهنجي ويا، پر دلو به ڀڃي نٿو ۽ پکي پڻ اُڃيا وڃن.)

ماڪوڙي

٩٥٨. گهڙي گومر گوبڙ نهين، ٻڪڙي ڏنگ^ چار
اٿي هيماري رو آرت کهي، گهڙو اتاري نار.

مطلب ٻڌائي، پوءِ عورت دلو مٿي تان لاهي.)

ماڌارو (ماکيءَ جو)

٩٥٩. هيڪ هيڏورو، سٿهس گهران^ رو، گهر گهر جُوٺان ٻار
اٿي هيماري رو آرت کهي، پاڇي گهڙلو اتاري نار.

(هڪڙو پينگهو، جنهن ۾ سوين گهر، گهر گهر ۾ ٻار ڏسان، هن پروليءَ جو مطلب ٻڌائي، پوءِ عورت گهڙو مٿي تان لاهي.)

٩٦٠. ستو منڌر ستو ماڙهيا، ستو گهڙي ري پنهيار
بنان اگني پوچن پچي، سرتا ڪرو ويچار.

(سؤ ڏهر، سؤ مڙهيا، سؤ گهڙن واري پاڻياري، بنان باهه جي ڪاڏو رجهي، سگهڙ ڪريو ويچار)

ماڇر

٩٦١. ڪارو ماري ڪوڪرو، ڏونرو ماري هنس
ماري ميلهنو آڱڻي، لوهي نڪو مانس.

(ڪارو ماري ڪوڪرو، اڇو ماري هنجهه، موڪي اڱڻ تي گڏيو، جنهن ۾ رت نڪو ماس.)

## مرت

٩٦٢ درياهه جي تون دادلي، پيلهي جي تُون ڀائي
سرس جي تون سنگيڻي، چانپي تو کي جائي
تر ۾ ننهنجا تانا، تون هتي ڪيئن آئي؟

٩٦٣. ڪانيي ڪُونڱريءَ واري، وڏي مانَ واري
ڇپر ۾ ڇيران^ لاءِ، پڇ ۾ پڙون ڪري
سنڌ ۾ سامان ڇڏي، مُنڌيهه چڙهي مُلهه ڪري.

(ڪاني ڪُنگرين واري، وڏي مان واري، جبل ۾ ڇيرون ڏئي، پڇ ۾ پڇڻ ڪري، سنڌ ۾ سامان ڇڏي، منهنجي ملڪ ۾ اڇي قيمت واري ٿئي.)

## مرچ

٩٦٤. اِڏِ ڪِي^ مينڪي، راجا نان^ روڏاڙي.
(هيڏڙي ڇوڪري، راجا کي روڏاڙي.)

٩٦٥. ندي ڪناري رُونڱڙو، پيٺسان سينگو هوه
مين گهر آيا پرامٺا، تين^ گهر هوه نه جوه.

(نديءَ جي ڪناري تي ٻوٽو، جنهن ۾ مينهن جي سڱ وانگر وڙيل ٿئي، منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي نه پڏاهه. هڪ عورت پاڇي رڌيندي ڏٺو نه مرچ آهن ئي ڪين، تڏهن هن پاڙي واريءَ کي اهو ڳُجهو ڏياري موڪليو، جنهن کيس مرچ ڏياري موڪليا.)

## مرلي

٩٦٦. آلو ٻَلو، ڀام ڍُلهو، ڪتن پريل، پڻي ڏُلهو.

٩٦٢. گاهه جو هڪ قسم.

## مڪائي جو سنگ

٩٦٧. ھيڪالي ھتي، ٻالي ٻولي -ٻچي ٻتھري سائي چولي.
(اڪيلي ٻالي ٻولي ھئي، ٻوھ سائو چولو ڍڪيائين.)

٩٦٨. سائي چولي اوڙ ٽوڙ – متو وڏيو آوئي ٽوڙ.
(سائي چولي ھيٺ متي، متو وڏيو ۽ ان جي ٽوڙھ ٻئي ڏجي.)

٩٦٩. سائي ساٺيَ سٽَ، جيڪي ري ٻپنڌي سٽي حٽ
لاڏو ڪھٽو ٽي قُتڙو، عقل ڏسيا پٽ.
(سائي ڏاچي سھلي، جنھن جي متر تي وار، ڪھوٽ ڪھٽوئي
سھٽو پر ڏسو ۾ عقل جو ڪھٽ.)

## مڪ

٩٧٠. اِڏ ڪي مينڪي، راجا ٻيڙي روتي ڪائي.
(ايڏڙي چڪرڙي، راجا سان ڳڏ ماني ڪائي.)

٩٧١. ھاٺ ڳھوڙو، مُڪ ٻڪرو، ٽھٽن چڳي نار
ٻيچن ٻيڙو برڪيو، سُرتا ڪرو ويچار.
(ھاٺ ڳھوڙي جھڙو، منھن ٻڪر جو، ۽ نيٽن چڳي نار،
ڪاڏي ۾ ڳڏ وڃي، ڏاھا ڪريو ويچار.)

## مڪڙ ۽ اسي

٩٧٢. ھُيڙڪَ لڪيڙي، ھُيڙڪ ھُوٺا
ھٿ ڪھتي جُوٺان، تو نر مادي جُوٺا.
(ڳُڙ ڳُڙ ڪاني، ڳُڙ ڳُڙ ٿئي، ھٿ وجھي ڏسان تہ نر ۽
مادي جدا جدا.)

## مڳ

٩٧٣. ھيماري ھيڪ ڏيان^، سُن سورا ٻيرا
ٻيجا ستھي سُڪي ڳيا، آ نيري را نيرا.
(ھڪڙي ٻرولي ڏيان، سڀ منھجا ياھ، ٻيا سڀ سُڪي ويا
پر ھو ساوڻي ساوا.)

مگهت (گهوت جو موڙ)

۹۷۴. چار پٽلا چُنڙکيي را، آنگوچڙي ري چاري
ائي پرولي رو ارت نہ کهاسي، سو لڳائي رو هاري.

(چار پلاند چُنيءَ جا، انگوچي جي چاري، هيءَ پرولي جو نہ پڄندو، سو زال جو هاري.)

مور

۹۷۵. مُک مُرلي، تن سانورو- رهي گيرَ وٽ بانورو.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن سانورو، رهي جبل وٽ البيلو.)

مهري (ان چڙٽ جي)

۹۷۶. رَن بَن سڄن مڙد آيو، نہ مڙدان رئي لهڪڙي
چُوڙارِي تو چوتان کري، ساري دنيا ڏيکڙي.

(رڻ پٽ سان هڪ مرد آيو، پر مرد جهڙو ناهي، چُوڙيليون تنهن سان ڏڪ هڻن، سڄي دنيا ڏسي.)

نار هرلو

۹۷۷. سترهن کوهہ، سترهن ڪ چڙو ن وهن هڪ لٺ
آندو چڙهيو گادي تي، ڪري پُڄ هٿ
لڪڻ هٿي هڪڙي کي، اکيون ڪنن رت.

ناريل

۹۷۸. پيٽ پيٽ ۾ پاڻي- پيئي راجا جي راڻي.
(پيٽ جي اندران پيٽ، تنهن ۾ پاڻي، راجا جي راڻي پيئي.)

۹۷۹. ڪڪو پاڏو، پاڏي پورا وار
پاڏو هڻيو پٿر نان، پاڏو گيو مري
کاڏو پاڻيٺ واڻئي، کاڏو لوڪ سنسار.

(ڪڪو پاڏو، جنهن جا وار پُورا، اهو پٿر سان هڻيم نہ پاڏو مري پيو، اهو نہ رڳو پاڻيٺ ۽ واڻئي کاڌو پر سڄي لوڪ کاڌو.)

٩٨٠. سَوڪ سَرووَر، آدَرَجَرَ، جَناوري نهين جاڻيو
رسيا اوهيي رس لاٿو، جو مَڇيَنِ نہ ماڻيو.
(سَڪل تلاءُ مٿي پاڻي، جيڪو جانورن نہ ڏٺو، آهو پاڻي آڻيو جو مڇين نہ پيتو آهي.)

ناڙي (هڙ جي)

٩٨١. آپ ٻَڪيي، جَڳِتَ ڏاپاڙ۽ي، موري لڳي جائي
ٿان^ گوڊي هوٿي نو ڏيو، ماڻرو ڪٽنَتِ ڪوٽيي ٿاٿ۽ي.
(پاڻ ٻَڪي، دنيا کي ڏاڙ۽ي، ڪٿي پڻي وهي، توهان وٽ هجي نہ ڏيو جو منهنجو مڙس ڪوٽي نو ٿئي.)

ناڳڻ

٩٨٢. مُکَ مُرلي، تن سانورو، رهي سدا بَنِ مانهہ
کهڙي شيء سنسار ۾، ڪرشن کهو تان نانهہ.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن ڪارو، سدائين جهنگ ۾ رهي، اها دنيا ۾ ڪهڙي شيء آهي، جو ڪرشن بہ ناهي.)

٩٨٣. ڪاغذ جيين^ ڪڙڪا ڪري، مڏ جيين^ جهولا ڪاٿي
راڻي پڇ۽ي راجا نان^، ڪِهو جنــاور جائي؟

نٽ

٩٨٤. آٺ ڪٽڙن جي وينجهٽي، نَوَ ڪٽڙن جي ڏور
چڪور چاليا ساهري، ڪَونڻ آڏٿي مور.
(اٺن ڪڙن جي ونجهٽي، نَوَن ڪڙن جي ڏور، چڪور ساهري گهر هليو، هاٿي ڪير آڏاٿي مورا)

نڏي

٩٨٥. هَرَ هَرونا، پَوَن^ء پتري، گانٺيين^ ڳوڏا پيٽ
هاري هجا پسيي، پَتَوٺارڻ ڳيي ڪهيٽ.

---

٩٨٤. اٺن ڪڙن جي وينجهٽي = نٽ جو گهاڙيٽو.
نو ڪڙن جي ڏور = نٽ لڪائڻ وارو ڏاڳو.

(هر آلو، زمين سنهي، ڏڪيون ۽ ڏڪا پيٽ ۾، هاري جنهن کي محبت مان ڏسن، سا کيت ۾ ٻڳي)

## نيپوري (ڳهر)

۹۸۶. آساڙ مهيني اپجي، اس نام وٺي نام
سچاڻ ڳمائي سنڌري، ليهيجو ميرا سام.

(آکاڙ مهيني ۾ پيدا ٿئي، آها نالي واري مشهور آهي، اي پيار! سون سچ تي وچائي آهي، اها ڳولي وٺج.)

## وات

۹۸۷. ڏيوجي رو ٿانُ، ٿيه ڪُپڙيون ہيڪ ٻن.
(ديوتا جو آستان، ٿيه ڪُپڙيون هڪ ٻن.)

## واڍڻ

۹۸۸. ڪارو ماريو ڪانءُ، نيرو ماريو هنس
اچي اڇليو اگڻ ۾، رت نڪو ماس
ونن واڻيا برهمڻ، ونن ارڙهن ماس.

## وچڻي

۹۸۹. سُرمائي ڪنچري، ساوا پيلا پتن
مچڪي سين ميچي پيلي، موتيارن سين من.

(سُرمائي رنگ جي چولي، ساوون پيلاڻون پٿيون، نخري سان ڪٽ تي ويٺي، جو جوانن سان دل اٿس.)

## وچون

۹۹۰ آنٽڪي لٽڪڙي ڏمڪ دايا
هٿ لائون تو آوٺي ڙي پايا.

(ڏنگي ڪاڻي چمڪندڙ، هٿ لڳايان ته هاء ڙي پائو!)

### ويڙهو (ڳهر)

٩٩١. هٿ لال، پڳ لال، پڳ ري ٻيچار لال
چٽلا وينٽي چاردار، ڪنڪڻي ڪروڙ دار
هيرا لڳا هزار، لعل موتي ڏيڍ سؤ.

(هٿ ڳاڙها، پير ڳاڙها، پيرن جي جتي ڳاڙهي، آن جا چٽلا ڪنڊيدار ۽ ڪنگڻي سٺي، جنهن تي هيرا هزار لڳا ۽ لعلون موتي ڏيڍ سؤ لڳا.)

### هٿ جي ڏري

٩٩٢. چيڊي ترائي، چيڊي ٻار — ٻاٽي رهي نه پسي ٻار.
(تانگهي ترائي، تانگهو کوه، تڪي منجهس پاڻي رهي سگهي، نه کوه تي سگهي.)

### هرلو

٩٩٣. آٺ ڪرنگهو، پاسارا ڦينڌجا.
(ڪرنگهو آٺ جهڙو، پاسريون آڏيون آهيون.)

### هرڻ

٩٩٤. آڪ پٽوڪي، لونٽان^ جهتڙوڪي، تريان آکر جائي
راجا پڇي رائي نان^، ڪيهو جناور جائي.
(اڪ چنيي، لوُٽان^ هٽي، کهوڙين ڪان تکو وڃي، راجا پڇي رائيءَ کان نه ڪهڙو جانور پيو وڃي؟)

### هلداڏو (چانهڻ)

٩٩٥. رنڊو روئو، ڪيهه کهٽو، تهين آڙد ري دال
سالڪ هوئي تو جيم لي، مورک ڪري بچار.
(اٿيي ماني، ڪيهه کهٽو، آڙد جي سنهي دال، سمجهو آهي نه ڪائي وٺي، بيعقل ويچار ڪري.)

## هنداڙو ۽ هنداڙي جي ول

٩٩٦. ڀُورو جوڳي جتل ڀريو، جتل ڀُوري راءِ ڀيٽ
ناري ڀلتي نتر ڏريو، ناري نتر راءِ ڀيٽ.

(ڀورو جوڳي پاڻي ۽ سان ڀريل، پاڻي ڀوري جي پيٽ ۾، زال پڪڙي، مڙس ٿيو، زال مڙس جي پيٽ ۾.)

٩٩٧. ٽڙ ٽورو، ڀستر ڳهڻي، ڏاري ونڪ
هي ڀرولي پرکي، ڪوهه ڪٽي ڪنٽ.

(ڀاڙ ٽوري، پڪڙيل ڳهڻي، تاريءَ ٽاريءَ ۾ رنگ، جهڪو هي ڀرولي پڇي سوئي هن مڙس کي کٽي.)

٩٩٨. ندي ڪناري رنڪڙو، سارڻ ڀهينڊا چار
ناري سينچڀي، نر ڀيڻي، سڙتا ڪرو وبچار.

(ندي جي ڪناري تي ٻوٽو، تنهن ۾ چار ڦل، زال چڪي، نر ڀيڻي، ڏاها ڪريو ويچار!)

## هوا ۽ واچوڙو

٩٩٩. نانبي ڪٽيي هتيي ناناڻي، آتيي لاڏيي ڪپاس
هيڪ ڀگ ڀاڳوڙي، ٻيجو ڀگ آڪاس.

(ناني ويٺي هٽي ناناڻي، آنداڻين ڪپاهه، هڪڙو پير هٿس زمين تي ته ٻيو پير آسمان تي.)

## هيرڻ

١٠٠٠. ڳود جنهن جو ڳرنڊيارو، ٻن جنهن جو ٻاڻيي
آڏي منهنجي لاڳيڻي، سالڪ ڏيکڀي سائيي.

(ٽڙ جنهن جو ڳنڍين وارو ۽ ٻن ويڪرو، آڏاوت جنهن جي سهڻي، سالڪ ڏسي سائيي.)

## (ب) ڳوڙها

### برسات

۱۰۰۱. نڳيي منڊن، تاس رپ، بهوت اُلٽيي آه
ٻن سُت ڪا پُمرا اُنـاه، گـر ديپڪ جڳاء.

(نڳيي منڊن =رات جو سينگار (ڪنوڻ). تاس رپ =اونداهي رات جي دشمن (ڪنوڻ). ٻن سُت = وڻ جو پٽ يعني ڪٺواو. ديپڪ = ڏيو. يعني ڪنوڻ ڪنيو بيٺي آهي (۽ برسات اچڻ واري آهي) تنهنڪري ڪٺولو ڪٺي اندر ڪر ۽ ڏيو ٻار.)

### تلوار

۱۰۰۲. پٿر سُت ڪيي پُتلِيي، وڻ سُت ڪيي واس
آجيا سُت ڪو اوڍڻو، رهي پرش ڪي پاس.

(پٿر جو پٽ = لوهه. وڻ جو پٽ = ڪاٺ. ٻڪريءَ جو پٽ =ڇيلو. لوهه جي پتلي، ڪاٺ جي ڪوٺي ۾، ۽ مٿان ڇيلي جي کل جو پوش (مياڻ)، آها تي 'تلوار'.)

### چنڊ

۱۰۰۳. دڌ سُت ڪي ليڪي، وسي نو منڊر ڪي بيچ
سانگي راڌ برڌ سين، سام ڪرو بخشيش.

(دڌ سُت =سمنڊ جو پٽ يعني موتي. موتين جهڙن ڪرڻن سان نون منڊر ۾ روشني ڪرين ٿو، ۽ توکي جوان توڙي پوڙهو چاهي ٿو ته شري ڪرشن، مونکي ڏيکار.)

### ڏينهن

۱۰۰۴. هيم ورڻ، پيچي لڙن، چهه پير، پکيون چار
ڳوڙهو راجا پوج رو، سرتا ڪرو ويچار.

(هيم ورڻ = سون جهڙو رنگ، پيچي لڙن = پيچ سان وڙهڻ. يعني سونهري رنگ وارو جو پيچ سان وڙهي، ۽ جنهن کي

# باب ستون

## ذٽ ـ ڀروليون

[ ڪا وٿ (شيءِ) يا ڪو واقعو ڏسي ان بابت ڪا ڀرولي ڏجي تہ اهڙي ڀروليءَ کي ”ذٽ-ڀرولي“ چئجي ٿو. هن باب هيٺ انهي قسم جون عام فهم ”ذٽ-ڀروليون“ شامل ڪيون ويون آهن.

ڪن سگهڙن پنهنجن ’ذٽ-ڀرولين‘ کي ’ڀرولي‘ ڪري ڄاڻايو آهي، مثلاً:

- اها ڀرولي ڀڃي، ڀڃندا ڄام ڄوي ڄاموٽ
- ڀڃ ڀرولي ”ڀٿيءَ“ جي، وهلو ڪري ويچار
- اها ڀرولي ڀڃي، سالڪ تون سڄاڻ

پر سٽاءَ جي لحاظ سان اهي مڙيئي ’ذٽ-ڀروليون‘ آهن.]

### آڳ گاڏي

۱۰۰۹. سائين سندي سٽ ۾، پيدا ٿي هڪ نار
گهمي سٽ سهيلي سان، سرس ڪري سينگار
هڪڙا ماڻ لئي مشتاق، ٻيا ڀڄي ٿين بيزار
هڪڙا دربان درن ني، ٻيا ڇوڪي لک هزار
ڪيئي ڪنوايائين ڪيترا، جو ليکي ناهہ شمار
جنهن جوڏيهن ۾ ڏهڪار، سامهجهي ڏيو ”سچو“ ڇوي.

### اک جي انبڙي ۽ ان جي پنبڙ

۱۰۱۰. نر مان نر پيدا ٿيا، تنهن نر مان لک هزار
روح ٻنا ”رمضان“ چئي، آڏاميو ڪن الغار
جن ڏڙ سسيءَ کان ڏار، سي ميٺهن وسندي مريو پون.

۱۰۱۰. چيل فقير رمضان پٽ شهمير، شهميراڻي لاکووادي جي، پنجموري تعلقي هالا جو رهاڪو هو. ۱۳۳۰ هجري ڌاري وفات ڪيائين.

## ٻنڀوري

١٠١١. قد ڪوتاهه، ٻُچ ڊگهي، نالي چڱي نار
هر ڪنهن ٻڪيءَ ٻَر ٻه، هين ٻڪيءَ ٻَر چار
ڪنهين ته رت نه ڪري، جنهن جو ماس نامي درڪار
جڏهن چڙهي شوق شڪار، ته ٺر ماري ٿي نار.

## ٺهڪڻ (نار جي)

١٠١٢. وير ٻيهاريو وات ۾، چاري مٿي چور
وڙهي ٻيو ويرين جان، زابر رکي زور
مون ٻانڌيو چور، پر هو ساڌ آ "سيد" چئي.

## ٻيڄڻ ۽ ڪپاهه

١٠١٣. ڏوري ڏوري ڏٺم ۾، هڪ آڏم نر نگاهه
ڪامل ڪنڌي نڪ سان، ٻيو ساٿس آهي سپاهه
جوان چڙهي ٿو جنگ تي، هو حاضر ڪيو همراهه
نرمل ناريءَ تي ڪري، ڪست منجهارئون ڪاهه
هن جا عضوا ڇنيو ڇڏي، خوب وڏي مون ڪاهه
جڏهن ماري مات ڪياهه، تڏهن ٻيٽ ڪنيو وڃن ماڳ تي.
(نر = ٻيڄڻ (اوزار). همراهه = سڀ اوزار. ناري = ڪپهه)

## ٻڪال

١٠١٤. منهن ٻڌي مائيءَ جو، نر ني چاڙهيائون نار
سا ٺهڪڻ ۽ ڦٽڪڻ لڳي، جو ڀيڀ ۾ هنس ٻار
منهن کوليندي نار، سڀ سڪيائي ٿيئي.

---

١٠١٢. چيل روشن علي شاه. ٻي روايت ۾ هيءَ ڏٺ "سومري" نالي ڪنهن سگهڙ ڏانهن منسوب آهي ته:

ماڻهن ليکي مور، پر ساڌ آهي "سومرو" چوي.

١٠١٣. چيل سگهڙ الله بخش لغاري، وينل ڳوٺ جعفرخان لغاري تعلقو سنجهورو.

## جتي

١٠١٥. تڪا ضرورت زوج ڪري، تڪي گهٽن گهوٽ
مٽن مزا سڀ ڇڏيا، ويٺي پساهه جي پالوٽ
ور ڏين ويچارين ڪي، اها چمارن جي چوٽ
سيڪو پنهنجي سڪ لاءِ، ناٿو ڏئي تو نوٽ
هو هر هر ڏين حاضري، آهن ڪانڌ پنهنجي ڪاڻ ڪوٽ
وڃيو ساميون ٿين سيلهن ڪي، اهڙيون آهن اٿموٽ
اها پروليي پدري، پيچندا "جام" چوي چاموٽ.

## جواب

١٠١٦. ڪارو ڪڪر گوڙ سان، تو ڏهاڙي وسي
تڪا ڦڙي آب جي، تڪو ريج رسي
ان جي وس پتسي، عالم ٿي آباد رهي.

## چڪي (جواب)

١٠١٧. پروليي ڏيانه پٽ جي، نورا! تون نهار
پي پڙي پکهار جهڙي، نالي چگي نار
پتج پرولي "پٺيءَ" جي، وهلو ڪري ويچار.

## چلهه

١٠١٨. ڀاڪو قاتل ڀائي ڏنم، گهر گهر وڃي واري
ڀائي تپائي، تپسيا ڪري، شيوا ڪري ساري
بدن ۾ ڀڀوتي ڏاري، چمڪي ٿي چوڏاري
واهه جي جوڳي، بنا پوڳي، مٿن ٿين واري.

---

١٠١٥. جام خان پٽ رحيم خان چانڊيو، ڳوٺ پڊو خان چانڊيو، لڳ ڪيڏڻ تعلقو بدين. ٩- جون ١٨٩١ع ۾ ڄائو ۽ ٢٣- سيپٽمبر ١٩٤٥ع تي وفات ڪيائين.

١٠١٧. ڇيل اميد علي پٺيءَ جي.

ڏينهن ۽ مانارو

١٠٢٢. ڳاڙهـا ڳانـڌو ٻه، ڏٺـا سـون ڏاريءَ ۾
لکو واءُ وصال جـو، تڏهـن ڇڻي ٿيا ڏيـر
ساڳيا ڳانڌو ٻه، وري ڏٺاسون ڏاريءَ ۾.

(ڳاڙها ڳانڌو ٻه= ڏينهن، ڏاري= ڏاري وڻ جي، واءُ= اتر جو واءُ، جنهن تي ڏينهن مانارو ڇڏي وڃن ۽ وري جڏهن سيءُ گهٽجي تڏهن ڏينهن وري اچي ماناري ۾ ويهن.)

ڏينهن

١٠٢٣. سورهـن آنـا سقرا، نـر مـان ٿيا نـروار
ٻئيه، ٻچا تنهن جا، چوهٺ هلن هٽ بازار
"چتو" چئي "سونهار"، سون ڏٺو، آئين^ و سهو.

سال

١٠٢٤. هڪ هرڻ، ٻارهن ٻه، ٽي سؤ سٺ سڱن
هڪڙي هڪڙي سڱ ۾، پنج پنج ڳل ڇنجن
اهڙا ملوڪ هجن، جي ڏاها ڳولين ڏٿ کي.

(ٻه= مهينا. سڱ =ڏينهن. ڳل =نماز جا وقت.)

سج

١٠٢٥. گهمندي ڦرندي ڏيهه ۾، ڏٺيون سين ٻه ٻايون
مڙس هنن جو ڪونه ڪو، رب ڪيون سايون
ٻئي جو ويايون، ته ٻار ٻنهي جـو هڪڙو.

---

١٠٢٣. شاعر چتو سونهار بلوچ، ميرپور ساڪري طرف جو ويٺل هو. اندازاً سنه ١٨٨٧ع ڏاري گذاري ويو.

١٠٢٥. ٻي روايت: جان وڃان واٽ وٽيو، ڏٺم ٻه ٻايون
امر ٿيو الله جـو، ٿيون ٻئي سايون
گهراڇي ويايون، ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

١٠٢٦. ڪنهن سال ڪنوار ڪئي، ٿيا جاڻيندي جٽر ۽
ته ٻه ٻيڪي هئي سيڪ ”علي“ چوي، پاڻي جي پٽر ۽
جڏهن ٽري وڃي ٽر ۽، تڏهن سرس ٿي سون ڪان.

سج

١٠٢٧. هميشه هسوار، ساعت صبر نه سوار ڪي
فتح ڪري في الحال ۽ مانجهي مُلڪ هزار
ڪر ناظر بار نهار، ته منهن مقابل ميڙ ڏوو.

سراڻ

١٠٢٨. ڪوجهيءَ مان ”ڪريم بخش“ چوي ٿيون پربون لک هزار
مرن انهي مهل پيون، ڪرن نه ديرِ مدار
ڏس آڳي جا اسرار، جو لاش نه لڌو تن جو.
(ڪوجهي= سيراڻ. پربون =چنڱون، جيڪي اتي ڏي وسامي
وينديون آهن.)

ڪانءُ

١٠٢٩. چار ڪري ٿو چُست مان، ڪري ٿو ٻه ٻه پاجهارا
ڪڏهن ڪڏهن ٿن جا و چائي وارا
سالڪ سويارا، ڳوليو انهي ڳالهه ڪي.
(ڪانءُ ڪڏهن چار، ڪڏهن ٽي ۽ ڪڏهن ٻه بچا ڪري )

ڪوڙڪي

١٠٣٠. جيئرو کٽي ويو، مُئيءَ کي وچ ٻورياڻين
پيو جيئرو آيو، مُئيءَ جو اڇي مال کسياڻين
مئو جو آئيو ته کٽي جيئري کي ورتائين.
(جيئرو =ماڻهو. مئيي= ڪوڙڪي. پيو جيئرو = پکي. مال=
انّ جا داڻا.)

---

١٠٢٦. چيل ”علي“ جي.
١٠٢٧. چيل احمد ميمڻ، سجاول، ضلعو ٺٽو.
١٠٢٨. ڪريم بخش لاڙڪ، وينل ضلعو خيرپور.

کہڙي

۱۰۳۱. سڀني ساماڻي صبح جو ڏوڙهي ڏي ڏوڙهي
ٻـيءَ رات ٻالڪي، ٽينءَ رات ٽـوڙءِـي
چوٿين رات چٽگون ٿيس، پنجين رات ٻوڙهي
اڄن ۾ ”احمد“ چوي، اڇي ڪارن وڪوڙي
ڇهين رات چوري، ڪنهن قبولي ڪينڪي.

۱۰۳۲. جـوانـي آڇـو آڄ، ٻـيـري ءِ ۾ ڪـاراڻ
ڪـڇـي تان قيمت ڪـري، پڇـي تان پـُراڻ
دانا! ٻڌج دل سان، آهي خاڪ انهيءَ جي ڪاڻ
ڪماليت ڪـي زواليت، ڀڃائـي رب ٻـاڻ
چارڻي پهر ”چانديا“ ڪر تنهن واحد جي واڪاڻ
اهـا ٻـروليـ ٻـڌري، مالڪ تـون سـڃاڻ.

۱۰۳۳. ڏوڀي پايو ڏيلهي سان، مَرڪي منجهه ميدان
ٻيهي وسـائـي پاڻ تي، ٽيرن جـا طـوفـان
پڇي ڏ بهادر پيڙ تان، توڙي گجن نغارا نشان
پڇي اِن ٻـرولي ڪـسي، حـاذق ٿـيا حيران
پروڙج پهلوان، ٻـر هـٺ نـہ واري هڪڙو.

گهوگهٽڙو

۱۰۳۴. ويندي ڏي وات سان، هڪ ناقص ڏنـم نـر
جـوڙي جـاهِ زمـين ۾، گهوٽ بنائـي گهر
ٻاهر نڪري ڪينڪي، ويهي طمع جهلي تر

---

۱۰۳۱. چيل احمد درس جي. وينل گاڙهو صدر، تعلقو ٽنڊوالهيار.
ٻي روايت موجب پهرين سٽ هن طرح تہ:
جان وڃان وات ونيو تہ ڏنم چوڪري چوري.

۱۰۳۲. چيل حاجي جام چانديو.

۱۰۳۳. چيل احمد سيمڻ، سڄاول، ضلعي ٺٽي جو وينل هو.

۱۰۳۴. سگهڙ الله بخش لغاري جي چيل.

١٠٤٩. تڙ ٻڙيءَ ۾ ٽڙڪو ٿيو، ٻڌو ٻن ڄڻن
جن ٻڌو تن نه ڏٺو، ڏٺو ٻين ٻن ڄڻن
جن ڏٺو سي ڄاڻ ويا، ڪيو پنڌ ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ويا تن نه ڪنيو، ڪنيو ٻين ٻن ڄڻن
جن ڪنيو تن ٻه نه ڪاڏو، ڪاڏو ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ماريا سي نه رڌا، رڌو ٻين ٻن ڄڻن.

(انب ڪرڻ جو ڪڙڪو، جو ڪنن ٻڌو، اکين انب ڏٺو، پيرن پنڌ ڪيو، هٿن انب ڪنيو، ڇپن ڪاڏو، ڪنيا ڪَنل، ۽ رڌو اکين، ڇوڪر انب ڪٽي ڪاڏو، جنهن تي ٻاغائيءَ ڪيس ڇمائون هنيون.)

---

١٤٠٩. ٻي روايت: انبُ ڪريو وڻ مان، ڏٺو ٻن ڄڻن
پڳا پيا ٻه ڄڻا، ته ڪنيو ٽيئن ٻن ڄڻن
ڪاڏو چوٿين ڄڻي ته مار جهلي ٻن ڄڻن
ڏسي حال اهو، رڌو ٻهرين ٻن ڄڻن.

# باب اڏون

## روايتي ڏڏون

[هن باب ۾ آهي ڏٺ-پروليون شامل ڪيون ويون آهن، جي ڪن عام روايتي ڪردارن ڏانهن منسوب آهن. جيئن ته (١) دارو ۽ خفيف، (٢) انڌو ۽ سڄو، (٣) مامو ۽ ڀاڻيجو، (٤) ماڪن شاهه جي وسينءَ جو نابين سگهڙ ابراهيم، (٥) پارو ۽ سگهڙ، (٦) ولو ۽ جعفر، (٧) ولو ۽ دلشاد، (٨) جنّوڻس ۽ ڪامل، (٩) بادشاهه ۽ وزير، ۽ (١٠) شهزادي ۽ ٻڪرار.

مٿين ڪردارن مان هرهڪ جوڙي جي نالي سان هڪ ڪان وڌيڪ ڪيتريون ئي ڏڏون سڄيءَ سنڌ ۾ مختلف روايتن سان هلندڙ آهن. غالباً پارُو، ولّو ۽ جعفر، يا ولُّو ۽ دلشاد، جنّوڻس (يونس) ۽ ڪامل، ڪي نالي وارا سگهڙ هئا، جن بابت اهي روايتون مشهور ٿيون.

روايتي ڏڏن جي سٽاءُ هن طرح آهي ته: هڪڙو سگهڙ ڪنهن ڏٺل واقعي تي بيت يا مصرع ۾ ڏِٺ جوڙي ٻئي سگهڙ کي ڏئي، ۽ اهو وري بيت ۾ ئي ان جو جواب ڏئي.

روايتي ڏڏن سان منسوب ڪردار پڻ جدا جدا خاصيتن جا مالڪ آهن. مثلاً پهرين چئن عنوانن ("دارو ۽ خفيف"، "انڌو ۽ سڄو"، "مامو ۽ ڀاڻيجو" ۽ "ماڪن شاهه جي وسينءَ وارو سگهڙ") وارن ڪردارن سان هڪڙو انڌو ۽ ٻيو سڄو آهي، جنهنڪري ڪن ڪن هنڌن انهن ڪردارن ڏانهن منسوب ڏڏون "انڌي ۽ سڄي" جي نالي سان پڻ رائج آهن.]

[۱۰۵۰] داري جي ڏيءَ جو نالو ’ڳنڀوار‘ هو، تنهن ڪپڙا ڌوئي سُڪل ڍنگرن تي پٽي وڌا. ڀري ڪان اهي ڍنگر سهڻا ڏسجڻ لڳا. تنهن تي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، وڻ جي سُڪي هاڙ
وڻ ائين ڦلڦليو، جيئن گل بهار.

---

خفيف: متان مُنڊ بهاران ڍنگران، هنهي متڻي ڳنڀوار.
(يعني، متان ڳنوار، ڍنگهرن تي ڪپڙا سڪائڻ لاءِ پٽي وجهي.)

[۱۰۵۱] دارو جهنگ ۾ ويو. هڪڙو ٽوپچي ڏٺائين، جنهن ڳوڏو ڪوڙي، هڪڙي اک پوري، مرون پٽي ماريا. ان تي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، منڊا ڪاڻا ٽا ديوَ مارين.

---

خفيف: متان ٽوپچي پيا ميرون مارين؟

[۱۰۵۲] داري هڪ هنڌ ڦلا پچندي ڏٺا. ان تي ڀرولي ڏٺائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، مٺا ٽا ڪيلن.

---

خفيف: متان ٽشيءَ ۾ ڦلا پيا پڄن.

[۱۰۵۳] داري، درياءَ جي ڪپ تي ڏٺو ته هڪڙو ماڻهو سيٺهه هيو ڦوڪي. اهو ڏسي اچي خفيف کي ڀرولي ڏٺائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، مونکي عجب لڳو آ
سؤ ورهيه جي مُردي ۾ ساهه پيو آ.

---

خفيف: ادا! عجب نه ڪاڻ، اها سيٺهه ڦوڪي آ.

[١٠٥٤] داري، سج آيرئي ۽ سج لٿي مهل آسمان ۾ ڪاڙهاڻ ڏسي، ان تي خفيف کي ٻرولي ڏني ته:

دارو: دارو ڇٽي خفيف کي، آپ ۾ لڳي باھ.

—

خفيف: ادا! ائين تہ ٿيندو آهي سنجھ صباح.

[١٠٥٥] داري جھنگ ۾ هڪڙي هنڌ چاھو، نانگ سان وڙهندو ڏٺو. ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي ڏنائين ته:

دارو: دارو ڇٽي خفيف کي، ڪينهڙو رَسا سَپن
ڪنيو ڍنگهر ٻڻيءَ تي وڙهندا واھ وتن.

—

خفيف: سڙڪا ڏسي سپن جا، ستان پاپيها پَهڪن.

[١٠٥٦] ڍڪيءَ جي ڪڇيءَ ۾ ٻيل چڙي ۾ لار وچندي ڏسي، ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو ڇٽي خفيف کي، نر ۾ وڃي نار.

—

خفيف: ستان ڏٺي چڙي ۾ وچندي لار!

[١٠٥٧] داري هڪ ماڻهوءَ کي متي مان جٺون ڪڍائيندي ڏٺيون، سو پاڻ ۾ متو ڪنهن لڳو ۽ خفيف کي چيائين ته:

دارو: جھنگ ڏٺم متت جيترو، جنهن ۾ مرون لک هزار.

—

خفيف: ڪنيو هلين متي تي، ٿيندي نٿو بار.

[١٠٥٨] داري هڪڙو جوڳي ڏٺو، جنهن مرلي ٻٽي وڃائي ۽ ان جي آواز تي نانگ ٻڌ ڪڍي ٻٽي نچيو. ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي ڏنائين:

---

١٠٥٥. پاپيهو=چاھو.

داروءِ: ڪدو وڏائين وات ۾، آندي ڪيس آلي.

---

خفيف: مٽرلي وڏائين وات ۾، ڪنيو ڪاريھر ڪري.

[١٠٥٩] دارو ھڪڙي ھند ڏسي ته ٻڻ جي مٿان پوڻر پيو لامارا ڏئي. اھو ڏسي خفيف کي چيائين ته:

دارو: ادا! ھيمن ته، ھيٺن، ھيٺن ته، ھيٺن.

---

خفيف: واھڙ تو وڌو ھڪڙي، ٻڻ ھٿي ٻٿڪي
پوڻر پيو پيرڪي، مٿان ھيٺن ته ھيٺن!

## انڌو ۽ سڄو

[١٠٦٠] ھڪڙو سگھڙ گھمندي ڦرندي ڪنھن ٺار تي آيو، ڪنھن فقير کي به آچ لڳي، سو به اتي آيو ٺار ۾ ٻڌل ڪينگريءَ جي تري ۾ سوراخ ھو، جنھن مان پاڻي ھٿي وھيو. ٺار گيڙڻ جي فقير ۾ طاقت ڪانه ھئي، سو آن ٺيندي تي وات رکي پاڻي پيڻ لڳو. اھو ڏسي سگھڙ موٽي آيو ۽ اچي پنھنجي آنڌي سگھڙ دوست کي چيائين ته:

شھر فقير جي وات ۾، پرا شھر فقير جي وات ۾.

تڏھن انڌي سگھڙ جواب ڏنو ته:

واتئون ڏاڻي ھرڪو، ھيٺئون ڏاڻي فقير
ڇاڻي دستگير ته شھر* فقير جي وات ۾.

## مامو ۽ ڀاڻيجو

[مامي ۽ ڀاڻيجي جي ٻرولين جون روايتون سڄيءَ سنڌ ۾ ھلندڙ آھن. جدا جدا ھنڌن تي مختلف روايتون ھلندڙ آھن، جن ۾ مامي ۽ ڀاڻيجي جي بدران ٻيا نالا ٻڻ آيل آھن. مثلاً ”انڌو ۽ سڄو“. اھي روايتون ھيٺين طور بيان ڪيون وڃن ٿيون-

---

* شھر = ڪنگري.

# باب نائون

## معمائون

"معما" معنيٰ جي لحاظ سان 'ڏٺ-ڀرولي' توڙي 'ڏٺ' کان ڳوڙهي آهي. ڏٺ ڀرولي يا ڏٺ لازمي طور ڪنهن ڏٺل شيءِ يا واقعي تي ٻڌل هوندي آهي يا معنيٰ جي لحاظ سان ٻه سولي سوڌي هوندي آهي. معما ڪنهن ڏٺل شيءِ توڙي ڪنهن حقيقت (جا هتي ڏسي نه سگهجي، مثلاً "اسرافيل جي صور") بابت ٿي سگهي ٿي، ۽ معنيٰ ۾ اڪثر اها زياده ڳري ڳوڙهي هوندي آهي. انهيءَ ڪري ئي ان کي "مام" يعني "معما" سڏيو ويو ٿو.

سنڌ جي ڪن سچاڻ سگهڙن، ڪن شين، واقعن يا حقيقتن تي معمائون ٻڌيون، يا هڪٻئي کي سلڻ لاءِ ڏنيون، انهن مان ڪي چونڊ ۽ مشهور معمائون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

### [١٠٨٣] انسان جو جسم

شاعر وريو ڳڀرو لس ٻيلي جو ويٺل هو. هن انسان جي جسم، عضون، حواسن، خيالن وغيره جو بيان هيٺين معما ۾ سٽيو آهي:

ڪيبي قابل ڪم جو، رازو آهي رنگدار
تنهن ۾ انجو ڪاڏيون آتهين، آهي ڪل جوڙي ڪمدار
تنهن ۾ ڪيئي سٿون سڦريون، وڏيون تنهن وينجهار
آب آتش ان ۾، آهي جريدي جروار
ڪيئي ڪامورا ڪيترا، آهنس اسر منجهه اپار
مي پريايو، پريت سين، ٿا جهلين جُونجهار

هٽ جا اکر "هوت خان" چئي، مون کان وٺ
ٻين جون صحيون
هاڻي ڇاڙي(١) چغلي، چوري، ڪلفت، ٻيون
ڪوڙيون وٺن ڪهيون
ڳلا، غيبت، ڳار ڪڍي، ڪري راڄ رهيون
اوءِ تڏهن حياتي هئيون، ڪو هنن جانب جوءِ ۾.

## [١٠٩٩] ريبو

سگهڙ طاهر پٽ رتو، ذات ٻبر (عمر ٥٠ ورهيه) ٻهريائين ٻوٽ ڪولي ٻ جو ويٺل هو، جتان پوءِ لڏي اچي شهر ٽنڊي الهيار ۾ ويٺو. سن ١٩٦٢ع کان اڳ ۾ هلندڙ ريٽي جي وچور جا اهڃاڻ هن طرح ڏنا اٿس: سفيد رنگ وارا پکي = ريبا. ٻه ڪنيڙائيون = ريٽي ۾ آڏيا. چار پير = پائليون. سورهن آنا = آنڪون. ٻنيه، نر=ٽڪا. چوهٽ = ٻشا. ٽي ٽي = هڪ هڪ ٻنسي ۾ پايون. هڪ سئو پيانوي = ريٽي ۾ پايون. اهو بيت هيٺين طرح آهي:

خاوند ٻکي خلقيا، سفيد رنگ سندن
ٻه ڪنيڙائيون ڪنين تي، چئن پيرن چلن
صاف آنا جنهن جا، سورهن ٽي سرجن
ٻنيه، نر وڏا هشا، چوهٽ ٽيو چڳن
هڪ هڪ جي پيٽ مان، ٽي ٽي ٽي ٽلن
ٻي هڪ سئو پيانوي ٽيا، گهٽ وڌ ڪين چون
اچن وڃن سيڪنهن وٽ، ديسان ديس ڳهن
"طاهر" چئي تن، مهايو آهي ملڪ کي.

## [١١٠٠] سال، ورهيه

هن عنوان تي ٻن سگهڙن جون ٺاهيل معمائون سليون آهن. پهرين معما "مراد" اس ٻيلي جي مشهور سگهڙ شاعر جي چيل

---

(١) ڇاڙي = ڇائي.

٢. وهندو ڏنم وير متي، هڪ سنگ ۾ ساميڙن
چڪر چمڙا چيله، تي، ڳنتا ماڻ ڳلن
نانگا پنهنجي ناني ڪي، پيا سارو ڏينهن سجدا ڪن
پريا پرهور ٿيو، هيڪاندا هلن
هنڌ سڀني جو هيڪڙو، جت لاهوتي ليٽن
ان جي ٻاجهه ٻين تي، ڪٺي ڏاتر ڏيهه، ڏٺين
چڱا ڪي چٽجن، جي ڏاها لهن هن ڏور کي.

## [۱۱۱٠] ڪڪڙ جا آنا ۽ ٻچا

سکهڙ روشن شاهه، هڪڙي ڏينهن مادي ڪڪڙ کي آري تي ويٺل ڏٺو، جنهن آنا ڦٽي ڦوڙيا. ڪجهه ديرڪان پوءِ ٻچا آنن مان نڪري آئي هلڻ لڳا. تڏهن انهيءَ نظاري تي هيٺين معما ڏنائين:

مارن جا ملير ۾، گهر ڏنم گهاٽا
نڪا ڳلي ڳوٺ ڪي، نڪا وچڻ جي واٽا
سنڌ وهي محلات ۾، مٽ پڳا ماٽا
پوءِ ڳاٽ ڪٺي ڳاٽا، رڙهيا "روشن شاهه" چئي.

## [۱۱۱۱] ڪنڊيءَ جي ٽڙ ۾ ٿوهر جو وڻ

سکهڙ جوسب مولدري، هڪ دفعي ڪنڊي جي ٽڙ ۾ ٿوهر جو وڻ بيٺل ڏٺو، جيڪو مڙس جي قد ڪان ٻه مٺي مورجي نڪتو هو. ان واقعي تي هيءَ معما ٺاهيائين:

ٻت ڏنام ٻه چٺا، ڪي جوڙي جا ڳهه تي
هڪ ٻئي مان اظهار ٿيا، امر آڪي جي
نر منجهان نر پيدا ٿيو، صحي ڏٺام سي
مي پيا گڏ گذارين ٻاڻ ۾ حال مڙني هڪڙي
تن جو اسم جدا، جسم جدا، جدا جاتيون "جوسب" چئي.

كامل هڪڙي قدرت سين، خاوند خلقي آهه،
تنهن ڀوريا تي پيٽ ۾، پنهنجا ٻار ٻچا
آني مان آت هيڪڙي، ڪنهن ورنه، ڇٽيو وياءِ
قوت تنهن جو ڪڙو، ٻيا هٿا ماڪي ماءَ
عجب جهڙي آهه، ڏيج ان سهڻي جي سڏ ”سائينداد“ ڪي.

مٿي اها معما هن طرح سلي:

ڪوڙيون، ڪرٽ، گدرا، ڇيڙ ٻوڄ سيڻ (١).

## [١١١٤] گگرين جا ست وڻ

لس ٻيلي جو هڪ سگهڙ ولي محمد ٻرو هڪڙي ڏينهن ڪنهن باغ وٽان اچي لنگهيو ته باغ ۾ گگرين جا ست وڻ گڏ بيٺل ڏٺائين. جن مان هڪ ۾ گگر زياده هو ۽ باقي ٻين ۾ ٿورو هو. ان تان معما ٺاهي اچي پنهنجي دوستن کي ڏنائين ته:

ست ڏٺيونسين ساهيڙيون، جن سيني هڪ صلاح
تن جو پاڙو هئو ٻاڻ ۾، هي نه تن کي ماءَ
سي اڻ ڌريون آهيون، نڪو پيو هون نڪاح
ٻنهي ۽ هيون پيٽ سين، وڏي ۽ تيو وياءِ
هاٿي اچي ڪيالهه اها، ڪوسا ڪ سلهي ڏي.

## [١١١٥] ماڪ

ڪنهن سگهڙ ’ماڪ‘ تي معما جوڙي، ماڪ بابت هي ٺاٺا نروار ڪيائين: سوين ٻکي=وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا. سمنڊ=ماڪ. ٻسائي هليا پر=ماڪ جا ڦڙا وٽن جي پنن تي پيا هئا. ڪيترا ٻکي وڻ تسي اچي ويٺا، ۽ ماڪ ۾ وهنجي ويا، پر اتان ٻاٽي پيي نه سگهيا. اها معما هيٺ ڏجي ٿي:

(١) اسان کي هن بيت جي فقط هڪ مصرع ملي آهي.

سوين هڪي سمنڊ سان، پنهنجي هليا پر
منجهه هيڙا ڪيترا، تاسيا رهيا تر
توڙي رهيا منجهه جر، چڪو نه مليو تن کي.

## [۱۱۱۶] ماکي جون مکيون

ماکيءَ جون مکيون گلن جو رس چوسي وڃي ماناري ۾ گڏ ڪن. پوءِ ماڻهو ماکي لاهي ان مان فائدو وٺن. انهي مذڪور تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٻڌي:

مينهون آيون ملير ڍهون، چهڪ چنائون
سوپاري تنهن تڙ جو، پاڻي پتائون
جڏهن ڏڏائون، ته عالم آسودا ٿيا.

## [۱۱۱۷] ماهه جي ٽيج

ماهه جي ٽيج جو تلاءُ يا تڙ ڪونه ٿئي. گهڻو ڪري هرڪو ساهوارو ماهه جي ٽيج تي پلجي، پر رکو هڪي آهن جيڪي ماهه جي ٽيج ڪونه پين. انهيءَ بيان تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ڏاهي:

نه آهي تڙ، ڪنهن ماڳ تلاءُ
ميرون مانگر سڀ پين، پئي پاتشاهه
پر انهيءَ تڙ مٿاءُ، ڪين پيتوئي ڪينڪي.

## [۱۱۱۸] مڇر

سگهڙ مٺي شيخ (لس ٻيلي جو)، مڇر تي معما چئي، جنهن ۾ هن مڇر جي انهيءَ خاصيت جو خاص طرح اهڃاڻ ڏنو آهي ته مڇر اچي چڪ هڻندو، ۽ جي نه هڪلبس ته ايترو رت پيئندو جو اتيئي ڪري پوندو ۽ مري ويندو. مٺي جي اها معما هن ريت آهي.

جيوت هڪڙو جهان ۾، خاوند خلقيو آهه
سو چلي وتي چوغان ۾، لنگهه ڀيو ليلاءِ

ڏيکارِ ڪنھن ديدار سين، ڪو ٿڌيءَ پاسي ٺـر
پيو جو ٺرنانءَ نالي تنھن ٺر مان، آيري ٿيو ازڪر
سو بنان ڦُول فڪر جي، ڦُٽيو جهلي ڦَر
ٿي تنھن جي نسبان نروار، اڄي ڪامڻ ڪڍيو ڪر
تنھن جو ميوو موچارو گھڻو، جنھن ۾ حڪمت ۽ هنر
سا پڌمڻي پيدا ٿي، جنھن ۾ ڪونھي زور زهر
ڪو هوءَ عاقل اڪابر، ته ڪري نهارآن جي "نم" چئي.

تڏهن سگھڙ حيدر به آن معما جو جواب ڏياري موڪليو ته:

ڦُوٽندي باغات ۾، جي تو ٽول ڏٺا ٿيئي
ندي، نياڻ نڪونج جي، ٿي وهندي تهان ويئي
تيتي نيڻ ڪيا تو نيم چئي، پاڇهه منجهان پيئي
پيڙ جو پيدا ٿيو، تنھن مان تيتي ٿي
سو ٽڙي نڪيو ٽانڪ مان، ڪار ڪري ڪيھي
ٿي پري تنھن جي پرمان، جا ننڍڙي نڪيئي
سا گيدوڙي ڪنھن گت سين، پڌري ٿي پيئي
آهن ٽول اهي ٿيئي، ڪي اڄان پڇايانس پيچرو؟

سا ميڙي سهلين جهلي آهي، هوءَ تتي لوهئون تيتهي
متان تيلانهه تي ڪُٺيون ڪُٺهي؟

١٢- متان ٻديعل تي ٻناهه ڪري، تنهن سيفل ڪارڻ سيڪهي
سو سعد وزير ساڻ ڪٺي، لوڪئون ٻيو ليڪهي
سو تخت هزاري ترڪ ڪري، چهر ڏي ٻيو چيڪهي
سو ٻاڻ ٻتوڙي پرزا ڪيو ڏوم مچايو ڏڪيهي
سو لڪو ٻه ٻرين جي ڪنهن هاءِ هار مٿهي
متان تيلانه تي ڪُٺيون ڪُٺهي؟

١٣- جيرو وجهي جُنگ ٻڪائين، ڪانڌ ڪارڻ مٿهي
سا ستي هلي ستون ڏيئي، ور ڳوليندي وتهي
سا ستياوان، سيل سنڀالي، سانول ڪارڻ سيڪهي
سنهيءَ ڳهڻيءَ ستت ڏنائين، ڏسي ڪاري ڪٿهي
سچو ناڻهه ڏٺيءَ جو سچ، ٻيڳي ٻرولي هٿهي
متان تيلانه تي ڪُٺيون ڪُٺهي؟

## روايت ٢-

ويٺي ڪُٺيون ڪُٺهي، سا اڄان ڪاٺيون ڪُٺهي

---

١- ڳاج ڳڏهه ڳاڏري، چري هيري چٽهي
ميو، تاريو، سڙس ڏٺي، ان ڍهاڙي ڪٺهي
آيس وائيو اوچتو، سو ويٺو وهي ٺهي
ساري ڪٽي سؤ ٻڌائين، چانٺ مٿي چٺهي
هو نيڻ نمايو ناز مان، ويٺي روئي ٻٺهي
متان اها تي ڪُٺيون ڪُٺهي؟

٢- ٻج پرائي ٻنيءَ ۾، ڪنهن چاهل وڌو چٽهي
هاڙپ ٻوڙو آڏ اتي، ڦُلهار جو تو ڦٽهي
متان اها تي ڪُٺيون ڪُٺهي؟

---

روايت ٢: ماهنامو "نئين زندگي" فيبروري، ١٩٥٥ع تان ورتل.

٣- مٿن هرائي مارڪي لار ٻيئي لڄي
مڙس تنهن جو ٻاهر هو، تنهن اچي ڏلي تيئي(١)
ماڻهن جي ملاحظي کان، هو ٻنڙ ۽ ٻيڻو ٻڇئي
سڏي نيٺي گهر ڏنائين ڏوڪ ڏٻر ڏڇي
هوءِ ليڻ ٽمايو لاز مان، ويٺي روئي ٿيئي
متان اها ٿي ڪنئيون ڪنئي؟

٤- چوري ٿي چڱي جي، جنهن ڪي لوفر ويا لٽئي
مونجهاري ۾ مٽڪي سو وڏو غريب گهٽئي
ڏيو اوچنگارون آزي ڪري، تو پنهنجو ڪرم ڪٽئي
متان اها ٿي ڪنئيون ڪنئي؟

٥- بال سموڙي، پنهن چوڙي، ٿن مهيندي دي ڪڪئي
ٻانهن الا ري، چوڙا چاڙهي، ٿت هزارڻ گهتئي
ٿاندي دا ٻهانا ڪيتي، يار ڳوليندي وتئي
متان اها ٿي ڪنئيون ڪنئي؟

٦- چپ چٽي، چنله ٽهٽي، لوٿي لڄي، منهن چڙهي مٽئيا
مڙس آيس موننو ڪٺي، تنهن وڏس مٿو ڦٽئي
سا موچڙن جي مار کان هت ويٺي ڪرم ڪٽئي
متان اها ٿي ڪنئيون ڪنئي؟

٧- زال مڙس جي محبت گهٽي، پر ڪال وڏا ڪٽئي
وڃن مي ولين تي، اچن مڪائون سيٽئي
ڪن عرض الله کي ته من ڪو امان کي ٻچئي
لوڙهه تن کي لوهه ڪيو، پنهنجي لاءِ ٻچئي
ازل آيو اوچتو، جو مڙس کي ويو مٽئي
متان اها ٿي ڪنئيون ڪنئي؟

٨- ٽوئي جيڏو جنگ ٻچائي، چاڙهو مڪڻ وٽئي
موڙهي گهٽي سهريان جي، ڪاري جهليس ڪٽئي

---

(١) ٻي روايت: ڪانڌ ٻه آيس ڪم تان، وڏ ٽيٽس ڏ ٻڙ ڏسي.

سا ڏڙ هڪ ٽنگون مٿي، ونو هٿ سان ڇنهي
متان اها ٽي ڪنئيون ڪنهي؟

## روايت -٣

اهان ڪنئيون ٻئي ڪنهي، ويٺي ڪنئيون ڪنهي.

---

١- ساز سڳرندا سر ڪري، ڳڙهه جي ٻامي ڳنهي
وڏي سر راوَ ڏياچ جو، چانڊڪ مٿي ڇنهي
متان تيلانه ٽي ڪنئيون ڪنهي!

٢- موسل ڳوڻ جو مينڌرو، وڏو محبت منهي
راڻو ريڊو رَهَ سان، جو رنگ محل ۾ رچهي
متان تيلانه ٽي ڪنئيون ڪنهي!

٣- ليلان خاطر مجنو، تو ٽمر ٻر ۾ سڪهي
نينڌي نيشڙي ناز ڪري، اندر ۾ تو ٻکهي
آيس دايو ڍره، ۾ جنهن وڏو ڏمالي ڏڪهي
متان تيلانه ٽي ڪنئيون ڪنهي!

٤- ساهڙ ڪارڻ سهڻي، واهڙ ترندي وتهي
پيلو پکس پر ۾، جا لڙهي لوڪ ستهي
متان تيلانه ٽي ڪنئيون ڪنهي!

٥- پنهل ڪارڻ سسئي ماندي، جبل جهاڳيندي وتهي
ساهه ڪيائين صدقو، پنهنجو ذاگهن ڏيرن تهي
هٿو ٻ چڏي ويس هيڪلو، ڪري چوري چڙ آتهي
متان تيلانه ٽي ڪنئيون ڪنهي!

٦- رن ڪدلي "ڪاد" چئي، جنهن ڪي ٻار هئا ٻ-نهي
چنبو چنو هٿن ڪي هٿي، ڪنهن گهورئي وڏا گهنهي
متان تيلانه ٽي ڪنئيون ڪنهي!

---

روايت -٣: هيءَ روايت اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ
کان ملي.

## ڀائيءَ ۾ ڀڙولا، ڀڏم ڀائيءَ ۾ ڀڙولا

۱- مينهون تن ميهارن جون، ڀَهريُون ساجهر سويرا
ڀُريُون تي ٻيلي ۾، جت ڪَچا ڪانهنَ هئا
ڏيئي ڦوڪون فرحت جون، آيون منجهه اوڙاهه،
اچي ٻيون ڀُور ٻالي ۾، آت ڪنهن ڪُنڍيءَ ڪيو ڪُنڪاءُ
متان اهو ڀڏني ڀائيءَ ۾ ڀڙولاءُ؟

۲- ڪِئون تن ڪِنوارن جون، وريون چري ڀَتَ چريا
ساوا گاهه سانوڻ جا، جت مينهن ماندا ٿا ڪيا
آيون ڀَتاريون ڀاڙ تي، جيت هئا دونهان ڌراڙن جا
ڪڍي ڦَر ڦِيٿا ڪيئون، جي ميڙيا مائُن ڪان
ٿيا ٿي آت ٿانءُ ۾، متان کهوکهٽ ڪُوهن جا
متان اهو ڀڏني ڀائيءَ ۾ ڀڙولاءُ؟

۳- نٿُورا هشڙا نار ڪي، جا ڪهڙي ڪهڙ منجهاءُ
تنهن ٻير ٻچنڊيا ڀائيءَ ۾، ڪنهن ڪڙيءَ ڪيو ڪڙڪاءُ
متان اهو ڀڏني ڀائيءَ ۾ ڀڙولاءُ؟

۴- قادر ڪنگ آڀائيا، رڪن چيڙ ساڻ چاءُ
هٿن ڀَن ڀَڙڪا ڪريو، ڪين ڪُرڙن ڪي ڪستاءُ
متان اهو ڀڏني ڀائيءَ ۾ ڀڙولاءُ؟

۵- چلم چگيري چس ساڻ، هشي اميرن اگياءُ
ڪين ڦوڪ فڪر جي، هُو ڀَي ڪري ڙُ ڙُ ڙڪاءُ
متان اهو ڀڏني ڀائيءَ ۾ ڀڙولاءُ؟

۶- ڪين چيڙو ٻاڍو چاڙهيو، ڪيئون گذر غاريبا
ڀريو ڏئي هو ياتين ڪي، ڀيالا ڀرت منجهاءُ
تنهن ڏوئي ڏيهاڻي ڪيا، ڀي ڪني ۾ ڪڙڪاءُ
متان اهو ڀڏني ڀائيءَ ۾ ڀڙولاءُ؟

٧- وَڻي وَڻُوڙي هٿ ۾، هئي عجيبن اکياڻ
ٻاٽي ٻريئون ٿي ٻرت مان، سا چِٽڪي چوهه منجهاڻ
ڪڙڪي ڪنگو تي لڳي، ٻئي ٽڙ ٽڙ ڪري ٽڪاڻ
مٿان اهو ٻڌئي ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ؟

## روايت -٢

ڪنهن سگهڙ ونو، مَٽ ۾ وڌو. اتفاق سان ونو هٿ مان ڇڏائي ويس، ۽ ”ٻڙ ٻڙ“ ڪندو وڃي مَٽ جي تري ۾ پيو. ان تي معما جوڙيائين ته: ”ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ، ٻڌم ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ“. ٻئي سگهڙ وري جدا جدا ٻيت چئي، معما سجي ڪئي. اها روايت هيٺين طور آهي:

ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ، ٻڌم ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ.

---

١- آڌي رات اٿي، سا ٿي مائي ولوڙي سَنڌِي
منڍي ڪِري ٻئي ڏوئري ۾، ڏوئري ڪيا ٻُڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ!

٢- آليون هيُون ڏَڙ ٽَنبِ سان، مَيو ٻيو مٿان
نِير هٿا پيرن ۾، ڪَڙِين مان لڳي ٿيو ٽڪاڻ
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ!

٣- سينهون هيون ڪُنڌِڙيون، سي ويٺيون ٻيٽ مٿان
شينهن ڪئي گوڙ، مينهون ٻڳيون، جن جي ڪُڙن ڪيا ڪڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ!

٤- ٻاٽي ٻرڻ هلي پاڻهياري، سَنون ڏيئي مانڊهور ۾
ٻلوڻ ڪِري پيو تَڙ ۾، لنهن تڙ ڪيا ڪَڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ؟

---

روايت-٢: هي روايت ٿرپارڪر (تعلقي ڇاڇري) مان رائچند ڪان ملي.

اني هڪ ته هرڻ ڳهٽا هٿا ۽ ٻيو ته شڪار جي لاءِ ويجهو
اچي ٿي ٻڌل ڏنائون. هرڻن جو اهو لقاءُ ڏسي هن معما ٻڌي،
سگهڙ حاصل فقير وسائي ٻوٽي ري آئي ڏني ته:

ڪهڙن سي ويجهو، ڇا ڪهڙن سي ويجهو؟

حاصل فقير اها معما هيٺين ريت کولي سچي ڪري ڏني:

١- جبل ڪارونجهر جو ننگر کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٢- ترائي پٽڪي جو وچاٽن کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٣- رڻ ڳيراسڙي جو آڪرڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٤- وڻ پاڪي جو وڍڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٥- جهنگ جهانگري جو وهڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٦- آڪ ڪٽرڻ جو آجها کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٧- ٻير، ٻائري، ڪرڙ ڪانٽن جو، چرڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٨- مٽرت گوڙاٽي جو چاڙهڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٩- پٽهڻ ڪيهڙي[1] جو مقام کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

١٠- گاهه موڙاٽي جو چرڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

---

١. موڙاٽي: ڪيهڙي کان ٻه ڪوهه اورتي.

۱۱. لٽڪ ليءِ جو گاهڻ کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
۱۲. ڪپڙ ڪاڪٿهار جو وهڻ کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
۱۳. تڙ راڏي ٻجهر جو واچائين کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
۱۴. مقام جوڳي مڙهي جو وارثن کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
۱۵. ٻوه منهن تار جو واڙين کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
۱۶. متان هرڻ هيڪل ڪوريءَ جا گهمن سي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

## [۱۱۳۲] ڪوهه مٿي ٿي ڪڙن ڪڙن، ڪوهه مٿي ٿي ڪڙن ڪڙن

هڪ دفعي ڪو سگهڙ ٻنهرن جي مهل هڪڙي ڪوهه وٽان اچي لنگهيو. ڏٺائين ته هڪڙي زال دلو ڪٺي ڪوهه تي آئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، دلو ٻري ويهي رهي. ڪجهه دير ڪان پوءِ وري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي دلو هاري ٻيو دفعو ڀريائين. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڀيرا دلو ڀري وري هاريائين. آخر ٿلهو دلو ڪٺي مٿي تي رکي آئي ٻيٺي، ۽ وري به هيڏانهن هوڏانهن ڏسي دلو ڪٺي پٺ سان هنيائين، ۽

---

۱۱. ليءِ: ڪاڪٿهار ڪان هڪ ڪوهه پريان. ۱۲. ڪاڪٿهار: حاصل فقير جو ڳوٺ. ۱۴. جوڳي جي مڙهي: ڳوٺ، جتي ٻهڻ جي ٿهيل جوڳي جي مڙهي. ۱۵. منهن تار: ڳوٺ.
۱۱۳۲. هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقو عمرڪوٽ) مان محمد عمر "معمور" يوسفاڻي ڪان ملي.

سگهڙ اهو ذڪر ٻڌي ڳوٺ پهتو ۽ ان بيان تي معما ٺاهيائين ته:

روئي لڙڪ لوئي، لڙڪن مان مُنهن ڌوئي ڙي!
لڙڪن مان مُنهن ڌوئي ڙي!

---

١- ماروئڙءَ جي ملير ۾، هئي ڳالهه گهٽي
قضا قلم وهائيو، هئي واحد ڳالهه وٺي
آندي سڌر سومري، مٿان ڪوهه ڪٽي
ڦاهو ڪيائين ڪوٽ ۾، هٿي هڪ ڇٽي
هزارين حيلا ڪيائين، پر بازي ڪين بڻي
هوءَ ماندي هئي محلن ۾، اندر آگ اٿي
محبت ماروئڙن جي، پوهي ڪيس پٽي
ڏٿائين پٺي ڏيهه ڏي، هئيس حب گهٽي
سوگهي هيس سرير ۾، فراقن ڦٽي
پڪاريائين پهه ڪري، ته ڌڻ مان ميل ڏٺي
ويس چوهه چٽي، هئي راتو ڏينهن راڙهي ۾
سا راتو ڏينهن راڙهي ۾، ٿي زارو زار روئي
روئي لڙڪ لوئي، مٿان آئي ٿي منهن ڌوئي؟

٢- ليلان بٺي لاڏلي، پر هاڻي ٻنيو هار
مٿي تي موهه ڪري ٿي خطا ڪائي خوار
لڄي پيئي لوهه ۾، ڪونروءَ مليو قرار
دل ڪٽي ويو داسڙو، پڇي سن پتار
اڙيءَ ڪي هو آسرو ته مهر ڪندو موچار
پر چنيسر ويو چاهه ڪٽي، ٻورو ٿيو ٻيار
پوءِ ڪامڻ پئي ڪوڪون ڪيون ته ماري ويو منٺار
ڇڏي ويو ڇيهه ڪري، آڇهو ۽ آڌار
ڏيئي ويو ڏک جو ميهڻو مٺيادار
پوءِ روئي زارو زار، ليلان هئي ليلائيو

ليلان ٻئي ليلائيو تہ ڪو چنيسر ڪي چوئي
چوٿين لٽوڪ لوٿين، متان آئين ٿي مٺهن ڏ وئي؟

٣- مٺومل جي محلات جو، هو ٻيري ٻيارو
شاهن اچي شوق ٿيو، اندر آمارو
آيا ڪيئي آڪير مان ٿي، ٽر هٿيو نارو
ٻهنديئي پائي ٿيا، ناتر لطارو
ڪي ڪسي ويا ڪاڪ ٿي، ڪن واپس ڪيو وارو
راڻو ٻہ اچي رسيو، سوڍو سوپارو
مومل مائي مرد ويو، ٿيو هرهنڌ هاڪارو
سو ايندو هو آڌ رات جو، هو مڙس موچارو
قضا ڪم ڪري وئي، پيو مومل تي مارو
مٺل ڏسي مٺومل کي، هو ڪڙهي ٿيو ڪارو
پوءِ مٺور نہ آيو ميندرو، هو ويو پيچي وارو
مومل هلي ميڙ ڪري، ساٿ چڙهي سارو
پوءِ راڻو ريڊو ڪينڪي، هو رهيو ريسارو
پوءِ ڪامڻ ڊ ڪي ڪارو، رٺي پٺي راڻي اکيان
رٺي پٺي راڻي اکيان، من ترس تنهين ڪي ٻوٿي
ٻوٿين لٽوڪ لوٿين، متان آئين تي مٺهن ڏ وئي؟

٤- سهڻي کهڙي سير ۾ ڪري الله ٿهار
ڪچو ڪڇي ڪڇ ۾، ميلن لڳي ميهار
ٽي روائي راهہ تي، وهم چڙهي ويچار
ويڇي ٻٽي وير ۾، لڳي جي لاچار
آئي قضا ڪريم جي، تنهن دلو هٿي ڪيو ڏار
لڙهي هلي لهرين ۾ درياءَ جي دڪار
واڳون ويڙهي آئيا، مانگرمڇ هزار
لڏڙا، ڪچون، ڪميون، سوين پيا سينسار
مارا ٿي مڙيا اچي، چڪ هٿي چوڏار

تيا آرَ آجل جا، ويچاريءَ تي وار
ويو مَت سرير مان، نيڻن وهيا نار
ٻُڪاريائين پريت مان آندر اندوڪار
تہ ميهر ڪري ميهار، ساڻي تجان سير ۾
ساڻي تجان سير ۾، سيءَ وڌو سوڻهي
سوڻهي لُڙڪ لوڻي، متان آتي ٿي مُنهن ڏوڻهي؟

۵- آيا ڏير ڏَسرجي، ٻڪڙي پنهون نياڻون
سسئي کين سمجهيو، جا ڪيرت ڪيائون
چڏي نماڻي ننڊ ۾، چوهٺون چڪيائون
مُنهن ڪري مڪران ڏي، ڪرها ڪاهيائون
سَسئي کي سُجو ڪري، رِڻ ۾ راهيائون
ڪيا هين ڪَنين ڪُوڪرا، ٻر سڌ نہ سڻائون
ويئون و چائون، وِلهيءَ جون وَڪار ۾
وِلهيءَ ڪئي وڪار ۾، ووءِ ڙي ووءِ
ووءِ لُڙڪ لوڻهي، متان آتي ٿي مُنهن ڏوڻهي؟

٦- صابر سَنڀي سيگهہ مان، هو هوڪاري هليو
وٺي وائٹ واريءَ جي، تنهن هيجئون هوڪاريو
مودري جي ملڪ ۾، تنهن عجب رنگ ڏٺو
پري هئي پيهي متي، جنهن ٿي جهارڪي جهنڪيو
نُوريءَ سين نيڻ مليا، صابر صبر ويو
پوءِ تہ اچي پريت جو، ماڪَهين ميهن وٺو
ٿيون روح رهاڻيون، ويچو سڀ ويو
عشق لڪيو ڪينڪي، پڌرو ٿي پيو
روڪڻ وارن روڪ ڪئي، پر پرو نہ پيو
آخر انهن عاشق وٹ مصحف پيڙ مٿو
تہ وري نہ اچ ويڙهہ ۾، آئي سَهَن اهو
صابر ويو سَيِڙيءَ ڏي، سو وري ڪين وريو

علم ٻنهان آڏين سو، عاجز ڪيو آهي
ٻنهي مان ٻوري لڏي، انهين ٻيا ٻه، ڇڏي ويا ٻڌائي
متان انهيءَ اوسيڙي ۾، ويٺو دونهان جهٽي؟

٤- استاد سڀني آفيسرن جو، ڏڪار وڏو ڏٺي
آکهه وڏي، آن مهانگو، پيٽ وڏو پٽي
پئسو ناهه، پوشاڪ جي جهوريءَ وڏو جهٽي
ٻگهار ٿورو ٻورت ناهه، قرض وڏو ڪٽي
ٻدلي ڏور، ڀاڙو وڏو، قافن ۾ ڪيئن ڪٽي
متان مسافريءَ ۾ ماستر، سو ويٺو دونهان جهٽي!

# باب ٻارهون

## گُرو چيلو

[ 'گرو چيلي جا سوال جواب' ٻهراڙيءَ جي سگهڙن وٽ عام مقبول آهن. ڪچهريءَ ۾ هڪ سگهڙ 'گروءَ جو سوال' پيش ڪندو ۽ ٻيا ان کي ويچار ڪندا ۽ ان جو جواب ڳوليندا.]

هنن ٻرولين مان هرهڪ جون سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن مان هڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جن کي پڙهي ۽ سڌوڙي سنواري متن ۾ رکيو ويو آهي، ۽ مکيه اختلافي روايتون هيٺ حاشيه ۾ ڏنيون ويون آهن. باقي ٻيون روايتون، جن ۾ جزوي يا محض ٻولي يا لفظن جو فرق هو، آهي نه ڏنيون ويون آهن، ڇاڪاڻ ته متن واري روايت انهن جو ڇڙ جامع عڪس آهي.

هنن ٻرولين ۾ 'گرو' جي سوال واري ٻي سٽ جدا جدا نمونن سان ملي آهي، مثلاً:

ڪهه چيلا ڪيس ڀاءِ

—

ڪهه چيلا ڪيس ٻات

—

ڪهه چيلا ڪيس ٿاهه

—

ڪهه چيلا ڪين ٿاهه

—

ڪهه چيلا ڪيس ٻهر

—

هن باب ۾ اول گُرو چيلي جي سوال جواب واريون آکاڻيون عام مروج روايتون ۽ ان کان پوءِ شاعرن جون ساکيءَ طرز تي جوڙيل پروليون ڏنيون ويون آهن.]

## (الف) گرو چيلي جون روايتي پروليون

[١١٣٥]

گرو: چرکي چکر لائيا، پوُڻ اُپيڙا کاءِ
وَهنو ويچاري ڦِري، کهو چيلا کيس پاءِ؟
چيلو: گروُ جي آٽ نهين.

(جنڊ جي مڪڙيءَ ۾ آٽ (لوهي چلو) پيل ناهي ان ڪري رينگٽ پيو ڪري؛ پوُڻ ۾ ، آٽ (تيل جو ٻڙو) پيل ناهي تنهنڪري چپچاٽ ٿي ڪري ۽ زال به هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦري، جو کيس آٽ (جهل پل) ڪانهي.)

[١١٣٦]

گرو: اوپاسي آنٽ گهٽي، پيٽني سڪي جاءِ
تيل چڙهي ڪاٺي، کهو چيلا کيس پاءِ؟
چيلو: گروجي آيا نهين.

(اوپاسيون کهٽيون آهن، جو آمل آيو ناهي؛ رڃيل زمين به سڪي پئي، جو هترن ڪاهڻ لاءِ هاري آيو ناهي؛ ۽ ڪنوار (ڪاٺي) به ونواهه ۾ ويٺي آهي، جو گهوٽ اڃان آيو ناهي.)

[١١٣٧]

گرو: ڪجهڻا نه وسڻا، ڦوڪڻا سپ نه کاءِ
عاشق سڄي رات پيا، کهو چيلا کيس پاءِ؟

---

[١١٣٦] ٻي روايت: کهو چيلا کيس ٿاهه؟
[١١٣٧] ٻي روايت:
جهڙ گجدا وسدا نهين، عاشق معشوق ملدا نهين
نانگ پيران وچ ڦِردا ڏنگدا نهين، کهه چيلا کسي بات؟

چيلو: گروجي امر نهين.

(ڪجي ٿو ٻر وسي نٿو، جو خدا جو آمر ناهي، ڏٺو ڪون ڏيندڙ نانڪ ٻه، ڇڪي لٿو، جو ان ڪي آمر ناهي، ۽ عاشق ٻه سڄي رات معشوق جي انتظار ۾ ويٺو رهيو، جو ڪين مليو جو امر نه هو.)

[١١٣٨]

گرو: پيڙي پار نه آڪري، جنب رکيو جاءِ
عورت ميٽ نه مليا، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي اولا نهين.

(پيڙي پار نٿي آڪري، جو اولو (ڳن) ڪونهي، جنب اڻو نٿو پهي، جو هوا ڪان اولو ڪونهي، ۽ عورت ۽ ميٽ نٿي ملهي، جو وهنجڻ لاءِ اولو ڪونهي.)

[١١٣٩]

گرو: ڏڪي ڦيردي رهه ڳئي، واهي وهي جاءِ
راڄ رُٺا رهه ڳيا، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهه؟

چيلو: گروجي ٻڌي نهين.

(ڏڪي رُلندي رهي، جو ڪنهن ٻڌي ناهي، واهي وهندي رهي، جو ڪنهن ٻڌي ناهي ۽ راڄ ٻه رُٺو رهيو، جو راڄ ۾ ٻڌي ناهي.)

---

[١١٣٨] ٻيون روايتون:

١. مهري وهنجدي نهين، سالي پڪدي نهين
معشوق مليا نهين، ڪهه چيلا ڪس بات؟

—

٢. ڇڪي والي غم ڪيتا، پارا بهت پولندا
ڪشتي پار نه چلتا، ڪهه چيلا ڪيا بات؟

—

٣. باهه سهاءِ نه ڏئي، جنب آئو نه ڏئي
سنڌ درياءَ نه آئي، ڪهه چيلا ڪس بات؟

[١١٤٠]

گرو: ڏٺي ٻڪري نہ سڃاڻي، اَٽ ڪپڙ نہ ڪاٺ
هاري جهار نہ هڪلي، ڪهو چيلا ڪس ڳاٺ.

چيلو: گروجي ڀُوري نهين.

(ٻڪرار ٻڪري نٿو سڃاڻي جو ڀُوري (ٻڪري جو قسم) ناهي، يعني ٻئي رنگ جي آهي؛ ڪڙمي بہ جهار نٿو هڪلي جو ٻوڪ ڀُوري (سنگن پچڻ وقت، سٿان ٻوري يا ڀُرڀُر) نہ آهي؛ ۽ ڪپڙ کي بہ ڀُوري (ڀُور) ڪانهي، تڏهن اَٽ نٿو ڪائي.)

[١١٤١]

گرو: جت اَٽ تي نهين چڙهدا، ٻڪا سر تي نهين ڏهدا
بادشاهہ فرياد نهين سُڻدا، ڪهو چيلا ڪس بات؟

چيلو: گروجي ٻيٺا نهين.

(اَٽ تي جت نٿو چڙهي جو اَٽ ويٺو ناهي؛ ٻڪو بہ سِر تي نٿو ڏهي جو ٻوري* طرح ويٺو ناهي؛ بادشاهہ بہ فرياد نٿو ٻڌي جو اچان تخت تي ويٺو ناهي.)

[١١٤٢]

گرو: ڪوئي چڙهي ڪاٺي، ڀُون-ڀَت ساٿ چڙهيا
ياڳيا اول نہ ڏيوي، ڪهو چيلا ڪس ياء؟

چيلو: گروجي ڀوُ نهين.

(زال ڪنڌ تي چڙهي ٻيٺي آهي جو مڙس جو ڏپ ڪونهيس قافلي برپت واري سڃي واٽ ورتي آهي جو ڌورن جو ڏپ ڪونهي؛ ۽ سال وارو ياڳيو واڙ کي لوڙهي جي ٻناهہ نٿو ڏئي چاڪاڻ تہ چورن جو ڏپ ڪونهيس.)

---

[١١٤٢] ٻي روايت:

ڪوئي چڙهي ڪامني، ٻُولپت چڙهيا ساڏ
ياڳيا آرلي نہ ڏيوي، ڪهہ چيلا ڪس بات؟

[١١٤٣]

گرو: سات سويلا آئيا، ڪاهي انّ نہ پاءِ
ڀٽڪون ٻولي هَسنتِني، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي پُوَ نهين.

(قافلو جلدي آيو آهي جو واٽ تي ٿُر جو پُوَ نہ هوس؛ ڪاهيءَ ۾ آنّ لٿو پوي جو ڪاهي پِرجي وئي آهي ۽ وڏيڪ جاءِ ناهيس؛ ۽ عورت ۾ گهٽو ٿي ڳالهائي جو سڙمن جو پُوَ ناهيس.)

[١١٤٤]

گرو: پيڙي جر ۾ نہ هلي، گاڏي چَلي نہ جاءِ
دوست محبت نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي تار نهين.

(پيڙي نٿي هلي جو پاڻي تار نہ آهي؛ ريل گاڏي ۾ نٿي هلي جو پيءَ اسٽيشن تان تار نہ پهتي آهي؛ ۽ معشوق ڪي ۾ دوست نٿو ملي جو عشق جي تار ناهيس.)

[١١٤٥]

گرو: چلم رسيلي نہ رهي، تَري ٽپ نہ ڪاءِ
ڪتا هرنين نہ پڄي، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي تازي نهين.

(چلم رسيلي ناهي جو پاڻي وجهي تازي ڪيل ناهي؛ گهوڙي ۾ ٽپ نٿي ڏئي جو تازي ناهي؛ ۽ ڪتو ۾ هرڻ کي نٿو پڄي جو تازي ناهي.)

[١١٤٦]

گرو: ريل گاڏي بند رهي، چور نہ چوري جاءِ
ڪدڙي راڳ نہ راسيا، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي ناڙي نهين.

(ڳاڏي کي تاڙي ڪانهي تڏهن بند رهي؛ چور چوري نٿو ڪري، جو تاڙي (جاچي) ڪانهيس، ۽ ڪدڙي جو راڳ ۾ رس نٿو ڪري، جو ساٿس تاڙي وڄائڻ وارو ڪونهي.)

[١١٤٧]

گرو: واڍا نار نہ چاڙهي، مهمان ڀيٺا نہ، جاءِ
دشمن هر هر آوي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ڏڏا نهين.

(واڍو لار نٿو چاڙهي جو ڏڏو (ڪوهاڏو، ڦڙاڏو) ڪونهي؛ مهمان ويهي نٿو، جو ڏڏو ڪونهي؛ دشمن ۽ وري وري ٿو هلان ڪري، جو ڏڏيل (هٿايل) ڪونهي.)

[١١٤٨]

گرو: ڪام ڪونہي نا چڙهي، اٽ نہ جٽ سين جاءِ
نديا پار نہ وڃنا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ڏري نهين.

(گهر تي ڪام نٿي چڙهي، جو ڏري (گهڙيل) ناهي؛ اٺ جٽ سان نٿو هلي، جو اٺ کي ڏري (نڪ جي سوراخ ۾ ڏاڪو ڦڏل) لڳل ناهي؛ ندي ۾ ڏري نہ اٿس، تنهنڪري پار نٿو وڃي.)

[١١٤٩]

گرو: ول وڻ تي نہ چڙهي، سڃي ڏسي جاءِ
بيمار ٻڪيا رهہ گيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ٿئور نهين.

(ول وڻ تي نٿي چڙهي، جو ول جي موسم ناهي؛ سڃي ۾ گهٽي ناهي، جو ٿئور نہ ڪيو اٿس؛ ۽ بيمار ۾ ٻڪيوان ڪري رهيو، جو ٿڌوري ڀاڄي ناهي، جنهن سان ماني کائي.)

[١١٥٠]

گرو: چرخا چيچٽ ڪري، لٽ لڙڪا جاء
نهہ نهہ ڪري ڪامڻي، ڪهو چيلا ڪس ڀاء؟

چيلو: گروجي ٽوڪيا نهين.

(نار چيچٽ ٽو ڪري، جو واڍي ٽوڪيو ناهي، نار جي لٽ بہ ڀِڄي لٽڪي، جو ڄڳيءُ طرح لوڪيل ناهي؛ عورت بہ وڏي آواز سان ٽي ڪيلي جو ان کي مڙس سيڪت نہ ڏلي آهي.)

[١١٥١]

گرو: بڙا موتي مٺاهہ ٽورڙا، ڪري نہ ڪناري گهاء
تلاءُ سڪا رهہ گيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟

چيلو: گروجي پاڻي نهين.

(موتي وڏو، پر قيمت ٽوري اٿس، جو آبدار (پاڻي وارو) ناهي؛ ڪناري گهاءُ نٿي ڪري، جو ان کي پاڻي آيل ناهي؛ تلاءُ بہ سڪو پيو آهي، جو ان ۾ پاڻي ناهي.)

[١١٥٢]

گرو: ڪيرڙ وڻ نہ ولهي، اوڏ نہ ميٺي چاء
بيمار سلٽيي نہ ڀيٺي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟

چيلو: گروجي هسي نهين.

---

[١١٥١] ٻيون روايتون:

١. جمل جلدي نہ ڪري، ڪاتتا ڪري نہ گهاء
زمين ڦير ڦير ٽڪا، سبزي نہ ديکا ساء
ڪهہ چيلا ڪيسي بات؟

٢. موتي بڙا، ملهہ ٿورڙا، ڪنا ڪري نہ گهاء
رڻ کهڙيا رجهوت لڙيا نهين، ڪهہ چيلا ڪس ڀاءُ؟

(ڪرڙ وڻ نٿو وٺي جو منجهس ڦٽسي ڪانهي، اوڏ ميڻيي نٿو ڪٽي، جو ميڻي ڦٽسي (ڦيٽل) ڪانهي ۽ ٻيمار سٽيي نٿو ٻيٺي جا آها ڦٽسي ڪانهي.)

[١١٥٣]

گرو: مرد درياهه ۾ گهڙي، گوري هار نه پاءِ
جهونا راجا راڄ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ٻوتيا نهين.

(مرد درياءَ ۾ نٿو گهڙي، جو وٽس گوڏ ٻڌڻ لاءِ ٻوتيو (ٻوتڙو) ناهي، عورت به هار نٿي پائي، جو آهو ڦوٽو ناهي ۽ ٻيرمن راجا اڄان راڄ ٻيو هلائي، جو ڪيس ٻٽ ناهي.)

[١١٥٤]

گرو: ڀڙس ستونهان نه ڀڙي، اک نه چٽني جاءِ
ڪچهري رس نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ڇها نهين.

(ڀڙس سونهين ڪان سواءِ نٿو هلي، جو ڇهو يعني ڇچرو ناهي، اک به نٿي چٽني، جو ڇهو ٻڌل ناهي ۽ ڪچهري به رس نٿي ڪري، جو ڇهه يعني ارادو يا خيال هڪ جاءِ ناهي.)

[١١٥٥]

گرو: ڏونهي ڏونهن نه سينجري، محل نه جهٽي واءِ
مڇهه نه ماري مڇلي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي جاري نهين.

(ڏونهيءَ مان ڏونهون لٿو نڪري، جو ان کي ڪولي جاري نه ڪيو ويو آهي، محل ۾ به واءُ نٿو اچي، جو ڪٿان جاري

---

[١١٥٣] ٻيون روايتون: ١. هندو گنگا نه گهڙي-الخ.
٢. جهولا راجا جڳ ڪري الخ.

[١١٥٥] سينجري = اڪري.

يعني ڪِٿِڙ ڪي نہ اٿس، ۽ مهاٿو بہ، متجي نٿو ماري جو ونس چاري ڪانهي.)

[۱۱۵٦]

گرو: راڳ رسيلا نہ رهيا، مُردا مقام نہ جاءِ
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهہ؟
چيلو: گروجي **جوڙي** نهين.

(راڳ رس نٿو ڪري، جو جوڙي (ڪِاٿي جو جوڙ) ناهي ۽ ميت بہ مقام پيڙو نٿو ٿئي، جو جوڙي (ڪفن) ناهي ۽ حاڪم عدالت نٿو ڪري، جو ڪورٽ جوري (ويهاري) نہ اٿس.)

[۱۱۵۷]

گرو: ٻاري اڪ نہ ساڙيا، ماڻيي نہ ڪهوڪهاءِ
ڪامڻ گهر ٻال نہ رويا، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي **چاوا** نهين.

(ٻارو آڪ نٿو ساڙي جو چاٿو ناهي، ماني ولوڙجي نٿي، جو کير بہ چاٿو ناهي ۽ گهر مان ٻارڙي جي روئڻ جو آواز نٿو اچي، جو چاٿو ناهي.)

[۱۱۵۸]

گرو: عورت اونهي تي چڙهي، چور چوري ڪٿُون* جاءِ
مرد ميڙ.ي ۾ ٻڪ مري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي **روڪ** نهين.

(عورت ٿلهي تي چڙهي ٿي جو ڪيس روڪ (منع) ڪانهي ۽ چور بہ چوري ڪري، جو ڪيس روڪ (جهل) ڪانهي ۽ مرد بہ ميڙي ۾ ٻُک پيو مري، جو ونس روڪ (نقد) ناهي.)

[۱۱۵۹]

گرو: ٻيلي پيو ٻُک مري، ٻني وني ويو ڪاهہ
لشڪر سپاهہ نہ وڙهي، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهہ؟

چيلو: گروجي **ساهي** نهين.

(ميث جت کي پهچ نٿو ڏئي، جو ساهي (واند ڪائي) نہ، انس، پنهنجي ۾ ب، گاهہ کهڻو ٿيو آهي جو کيس (آرو) ڏنل ناهي، ۽ لشڪر ۾، دشمن سان نٿو وڙهي، جو اُن کي بہ ساهي (موڪل) ڪانہ ملي آهي.)

**[١١٦٠]**

گرو: رُنا عاشق آهي پرتا، چڪر ڦيري نہ جاءِ
کوري کهٽا نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيا ياءِ؟

چيلو: گروجي **سري** نهين.

(عاشق از خود اچي معشوق سان مليو، جو ان کان سواءِ سَرِي نہ سگهيس، چڪر (نار) بہ ڦيري نٿو، جو اُن کي سَري (سرائي) ڪانهي، ۽ عورت بہ کهہ لٿي پائي جو سَر (ڏانوڻي) ڪانهيس.)

**[١١٦١]**

گرو: پينس دوها نہ پريا، پورا تڻونا جاءِ
نفر سڌ ديا نهين، ڪهو چيلا ڪيس ياءِ؟

چيلو: گروجي **سوڻا** نهين.

(مهينهن کير سان ساڙهو نٿي پري، جو سُونا ناهي، پورو بہ انهيءَ ڪري ڦاٿل آهي، جو سڀ لاءِ سُوڻو ڪونهي، ۽ نوڪر بہ سڌ نٿو ڏئي، جو سڌو يعني پڌو ناهيس.)

---

[١١٦١] ٻيون روايتون:

١. مينهن ماڻا نہ پري، پانهي سڌ نہ آلاءِ
پوري رهہ گئي جاءِ، ڪهہ چيلا ڪس ياءِ؟

٢. پينس دوها نہ پري، پوري کُٽي جاءِ.

[١١٦٢]

گرو: ڏُونُ ڏاندين هَرَ نہ هلي، ڏڏکا ڪري نہ درياہ
پَهرُو ڪاٺ پاپ هجي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي **سير** نهين.

(ٻن ڏاندن هوندي بہ هَرَ نٿو هلي، جو ڏڳن ڪي هلائڻ واري سير (نوڙي) ناهي؛ درياءَ بہ ڳاج نٿو ڪري، جو اجان سير نہ ڪئي اٿس؛ ۽ پَهرُو ڪاٺ بہ پاپ آهي، جو سير (تڪبير) پيل ناهي.)

[١١٦٣]

گرو: ٻينڪ پُونڪ ٻين نہ رهي، گهوڙا گاهہ نہ کاءِ
مرد نہ آوي پاڪرين، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي **سينڱا** نهين.

(ڪتو پُونڪ نٿو ڇڏي، جو ماڻهو سڃاڻو (واقف) ناهي؛ گهوڙو گاهہ نٿو کائي، جو سڃاڻو (تازو) ناهي؛ ۽ مرد بہ ڪينڪر پاڪر نٿو پائي، جو سڃاڻو (واقفڪار) ناهي.)

[١١٦٤]

گرو: مُلان نڪاح نہ پڙهيا، حاڪم عدالت نہ ڪياءِ
چور **چوري** نہ ڏَسي، ڪهو چيلا ڪيس ڏاهہ؟

چيلو: گروجي **شاهد** نهين.

(ملان نڪاح نٿو پڙهي، جو شاهد نہ آهن؛ حاڪم بہ عدالت نٿو ڪري، جو شاهد ڪونهن؛ ۽ چور چوري موٽائي نٿو ڏئي، جو ان جا شاهد ناهن.)

---

[١١٦٢] ٻي روايت:
ڏونُ ڏاندين هَرَ نہ هلي، ڏُڏڙ نہ ڪري درياءَ.

چيلو: گروجي **ڪري** نهين.

(دوا فائدو نٿي ڪري جو اُن جي ڪِري (پرهيز) ناهي؛ ماني ۽ نٿي اچي جو ڪِرِ (ڪُلهيار) ناهي؛ ۽ ڪجور ۽ ڪاٺي نٿي سکهجي جو وٽ مان ڪِرِي ناهي.)

**[۱۱٦٨]**

گرو: ٻر ۾ ٻيل سينگاريا، ري آرلپڻ سال چاءِ
تَهه تَهه ڪري ڪاٺي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڪوڏر** (ڪو+ ڏر) نهين.

(ٻر ۾ ڏاند سينگاريو پيو گهمي جو ڪوبه ڏر (پوُ، ڊپ) ناهي؛ مال کي به ٻند ڪرڻ لاءِ آرليون (ڪاٺيون) ڏنل ناهن جو ڪوبه ڏر ناهي؛ ۽ عورت به زور مان ٿي ڪِلهي جو ڪيس ڪوبه ڏر (ڊپ) ڪونهي.)

**[۱۱٦٩]**

گرو: ڪَتَ تي رَلي نه ٿهي، ٻارا مٽي نه چاءِ
نينگر گهروچ رو رَهي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **گنڏي** نهين.

(ڪَٽ تي پيل رَليءَ تي گنڏِي (ٽَڪُ) ڪانهي ان ڪري سونهي ٿي؛ ٻارو ميٽي نٿو ڪٽي جو هٿن گنڏِي (ڪَنڊِي) ڪانهي؛ ۽ چوڪر کي بہ گنڏِي (رانديڪو) ڪانهي جا ڏسي ماٺ ڪري.)

**[۱۱۷۰]**

گرو: مهمان مانبي نہ ملي، جوان جڻتي نا ڀاءِ
آسٽي ٻاٽي نا پري، ڪهو چيلا ڪس ٺاهہ؟

---

[۱۱٦٩] ٻي روايت:

چوڪري بس ڪريندي نهين، اوڏ ميٽي چائيندا لهين
رليي ڪَتَ تي نهدي نهين، ڪهو چيلا ڪس ٻات؟

چيلو: گروجي **گهڙي** نهين.

(مهمان کي ماني نٿي ملي جو ماني گهڙي (ناهي) ناهي؛ جوان به جٽيي نٿو پائي جو جٽيي اڃان گهڙي (نهي) ناهي؛ ۽ عورت به پاڻي نٿي پري جو آن وٽ گهڙي (دلي) ڪانهي.)

[١١٧١]

گرو: ڪولهي چڙهي ڪاٺي، پڙي ڪنُوها نه چاءِ
هوندي ثمر هئي، ڪهو چيلا ڪس ڀاهه؟

چيلو: گروجي **لاڄو** نهين.

(عورت جاءِ تي چڙهي ٿي جو کيس لڄ ناهي؛ پڙي جو کوهو به نٿو کڄي جو لاڄو (سڙهه) پڌل ناهي؛ ثمر هوندي پنهي ٿو جو کيس لڄ ڪانهي.)

[١١٧٢]

گرو: عاشق معشوق نه مليا، قاصد ڪڙا آناءِ
واڻيا پنهي وهي ڪون، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **لکيا** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو سندن لکيو نه هو؛ قاصد لاءِ به خط لکيو ناهي جو کٺي وڃي؛ ۽ واڻيو منجهي پيو آهي جو وٽس لکيو (حساب) ڪونهي.)

[١١٧٣]

گرو: برجلوت باز نه ماري، پڙڪا ڪري نه باهه
معشوق منهن موڙ کيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **لڳي** نهين.

(برجلوت بندوق باز کي نٿي ماري جو لڳي (چٽي) ناهي؛ باهه به پڙڪو نٿي ڪري جو اها به لڳي (دُکي) ناهي؛ ۽ معشوق منهن موڙي ويو جو ان جي ۽ دل لڳي ناهي.)

[١١٧٤]

گرو: ڏکيي ڏُکيي نہ رهي، عاشق ڪري نہ آهہ
آگ آلا نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهہ؟

چيلو: گروجي لڳيي نهين.

(ڏکي ڏُکيي نہ آهي، جو لڳي ناهي؛ عاشق معشوق ۾ پاڻ ۾ نٿا ملن، جو دل لڳيي ناهي ۽ ٻاهہ آلا نٿي ڪري، جو پوريءَ طرح دُکبي ناهي.)

[١١٧٥]

گرو: آڏوتيي آس مري، ڍولڪ ڪري نہ ٿاهہ
ٻانهي ٻتهُون حاج ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ٻاءِ؟

چيلو: گروجي مڙهيي نهين.

(ٻانُو آس ۾ پيو مري، جو ڪيس رهڻ لاءِ مڙهيي ڪانهي؛ ڍولڪ ۾ پوريءَ طرح آواز نٿي ڪري، جو مڙهيل ناهي؛ ٻانهي ۾ گهڻو ڪم ني ڪري، جو مڙهيي (پوڙهي) ناهي يعني جوان آهي.)

[١١٧٦]

گرو: آٽ ورڪ نہ ڪائيهي، مرد آيا نہ ڪچهري جاءِ
سيهري نٿ نہ پاوي، ڪهو چيلا ڪيس ٻاءِ؟

چيلو: گروجي مور نهين.

---

[١١٧٦] ٻيون روايتون:

١. آهٹو وٹ لهين چرندا، مرد ڪچهري نهين ٻهندا
سيهري نٿ نهين پاوندي، ڪهو چيلا ڪيا بات؟

٢. آٽ گاهہ نہ چري، سهاڳڻ زال نٿ نہ ڪري
نانگ گهر ۾ هر هر گهڙي، ڪهو چيلا ڪهڙي بات؟

(آٽ گاهه، ٽٽو ڪاٺي، جو گاهه ۾ مورَ (ڳُونچ) ڪانهي ۽ مرد به ڪڇهري ۾ نه آيو، جو ڪڇهري ۾ جي ويهڻ جو ڏانءُ ڪونهيس ۽ عورت به نٿ نٿي پائي، جو نٿ ۾ مورُ (چِٽ) ڪونهيس.)

[١١٧٧]

گرو: مڙهي آڏي ڏينگهري، ڳوڏا نا ڏاڪي جاءِ
ڳوري مٽڪ سونهي نهين، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ناٿ** نهين.

(مڙهي جي دروازي کي ڏينگري آيل يعني دروازو ڀوريل آهي، جو مڙهي ۾ ناٿ (فقير) ڪونهي ۽ ڏڳو ڀڳو وڃي، جو نڪ ۾ نٿ لڳل ڪانهيس ۽ عورت جو منهن به سهڻو نٿو لڳي ۽ جو نٿ پيل ڪانهيس.)

[١١٧٨]

گرو: ٻڙ سونائي ڏنگا، منشا من ورجاءِ
لکيا خط پهچي وَلِهي، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **وانچيا** نهين.

(ٻڙ جو وڻ ڏنگو آهي، جو ڪنهن سنڀال نه لڌي، من به نانگ جي ڏنگ تي نٿي لڳي، جو گوڳي ڇهواڻ جي واچا (قسم) پيل ناهي ۽ خط موٽيو اچي، جو ڪنهن پڙهيو ناهي.)

[١١٧٩]

گرو: مرد ڪٽولي نه پيٺا، ڪنُوها ڀڪ ڪيرڪير جاءِ
هٽيي سودا نه ميلي، ڪهو چيلا ڪيا ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **واٽيا** نهين.

---

[١١٧٨] ٻي روايت: ٻڙ موتا ڏنگا ڪڙا، سپ ڏنگيا جاءِ
پهچيا خط وليا نهين، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

(مرد ڪنوالي تي نہ ويٺو، جو واٽيل ڪونهي؛ ڪوهہ جي پڪ هر هر ڏهي نہ پوي، جو واٽيل (لٽي جي ورن سان پٽڙيل) ناهي ۽ هٿ تان سود و نٿو ملي، جو واٽيو ڪونهي.)

[١١٨٠]

گرو: ڪنڌي وات رنڌي، سهر نپينڪا ڪساء
حاڪم عدالت نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟
چيلو: گروجي **وڏي** نهين.

(ڪنڌي جو وڻ وات ٿو رنڌي، جو وڏيل ناهي؛ ڏال پٽي لچڪا کائي، جو چم جي وڏي يعني (ڪشو) پيل نہ اٿس ۽ حاڪم بہ غور نٿو ڪري، جو وڏي يعني (رشوت) نہ ملي اٿس.)

[١١٨١]

گرو: پانڌيڙو پنڌ نہ اچهي، گهايل ڪري نہ گهاء
واٽيا هٿي مونجهہ رهيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟
چيلو: گروجي **وهي** نهين.

(پانڌيڙي جي وهي يعني جواني ناهي، جو پنڌ ڪري سگهي؛ گهايل بہ گهاءُ نٿي ڪري، جو اڃان وهي يعني اڙهي ناهي ۽ واٽيو بہ هٿ تي مونجهيو ويٺو آهي، جو وهي يعني پٽڙي هٿ نٿي اچيس.)

[١١٨٢]

گرو: مٽي وچ سگا نہ پيا، چنڊ نہ ڪيتا شعاع
مهمان گهر نہ ٽڪيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟

---

[١١٨٠] ٻي روايت:
ڪلهي ڏال نہ اٿڪي، ڪنڌي ڏٺي نہ باهہ
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟

چيلو: گروجي لٽ هئي.

(سٽيءَ ۾ سڳو ٿي پيو، جو اکين ۾ ڏنڊ آهي؛ چنڊ بہ سهانو نٿو ڪري، جو آسمان ۾ لٽ (ڏنڊ) آهي ۽ مهمان بہ گهر ۾ نہ ٽڪيو جو گهر ۾ لٽ (جهيڙو) آهي.)

[١١٨٣]

گرو: سٽيءَ ۾ ڏاڍو هوي چونہ،
طعام ۾ پاڻي وجهي چونہ،
مرد گهر ۾ رهي چونہ؟

چيلو: گروجي لٽ آهي.

(سٽيءَ ۾ ڏاڍو نٿو هوي، جو اکين ۾ لٽ آهي، تنهنڪري نظر نٿو اچي؛ پاڻي بہ طعام ۾ نٿو وجهجي، جو لٽائيل آهي؛ ۽ مرد بہ گهر ۾ نٿو ويهي، جو گهر ۾ بہ لٽ (جهيڙو) آهي.)

## (ب) شاعرن جون جوڙيل پروليون

### ١. رمضان واڍي جون چيل پروليون

[١١٨٤]

ترڪاري پاڻي نہ وهي، پاڻي جهنگل جاءِ
ڪاني بچي پاهہ، ڪان، رُپي لُسري ناهہ
"رمضان واڍا" رحمان بنان ڪا تاري ناهہ؟

جواب: پاري ناهي.

(پاڻي نٿو اچي، جو پارا پڌل ناهن؛ پاڻي بہ جهنگل ۾ وهيو وڃي، جو ان کي ٻنو پڌل ڪونهي؛ ڪاني پرڻ کان بچي وئي آهي، جو پاري ڪانهي ۽ رُپو (چاندي) بہ اجان لُسري ٿيو آهي، جو ان کي رجايو ناهي.)

[١١٨٥]

مالڪيت مڇي لئه ڏُڪي، دوا سَنڌَ سنڌڪاءِ
زال مـڙس تـي قابو آهـي، چـور چوري ڪـاءِ
"رمضان وادي" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهه؟

جواب: ماري ناهي.

(مڇي مارڪيٽ ۾ نئي اچي، جو ماري ناهي؛ دوا ۾ ڪاٺ مان سنڌ سنڌڪائي وڌا آهن، جو پوريءَ طرح ماريل ڪانهي؛ زال مڙس تي قابض آهي، جو ماريل ڪانهي ۽ چور به چوري ڪايو وڃي، جو اُن تي مار ڪانهي.)

[١١٨٦]

گـنـدي وَڌائـي نـاهـي، مـڇـي ٻـلـي اغـيـار
جنگ وارن خوشي منهن ۾، پوڪ ڪائي ٻئي جهار
"رمضان وادا" رحمان ٻنان ڪا تاري نـاهـه؟

جواب: هاري ناهي.

(گندي ٻريل آهي، جو اُن مان ان ڪڍيو ناهي؛ مڇي خريدار نه ورتي، جو اُن جي نه هاري ناهي؛ جنگ وارا خوش آهن، جو جنگ هاري نه اٿن ۽ پوک کي جهار ڪائي ٿي وڃي، جو هاري ڪونهي.)

---

[١١٨٥] ٻيون روايتون:

١. مڇي مالڪيت نه اچي، عورت اجايو ڳالهاءِ
دوا فرق نه ڪري، چئو چيلا ڪهڙي بات؟

٢. تيلي آگ نه لائي، زال ٿي مڙس کي دٻائي
مرون پوک تو ڪائي، ڪهه چيلا ڪيس بات؟

[١١٨٦] وَڌائڻ = هارڻ، خالي ڪرڻ. مڇي ٻلي = موتائي.

## ۲. چاڪرخان جون ٻروليون

[۱۱۸۷]

راڳي راڳ نہ ڳائي ٿو
ٻيڙو پار نہ جائي ٿو
شرم ڪنان ڪنڌ چائي ٿو
چئي ٻرولي "چاڪر خان"
ڀلي ٻجي ڪو سگهڙ سجان؟

جواب؛ تار ناهي.

(راڳي راڳ نٿو ڳائي جو ڀڪتاري ۾ تار نہ اٿس؛ ٻيڙو بہ پتڻ پار نٿو وڃي جو پاڻي تار ناهي؛ ڪنڌ ڪنڌڙ ڪي ۽ شرم هوندي بہ ڪنڌ ڪنيو هلي، جو شرم (گهٽو) تار ناهيس.)

[۱۱۸۸]

ماڻهو واهڙ مان اچن وڃن ٿا
ساز سگهڙ ندا ڪين وڃن ٿا
عاشق معشوق ڪين ميلن ٿا
چوي ٻرولي "چاڪر خان"
سمجهائي ڪو سگهڙ سجان؟

جواب: تار ناهي.

(ماڻهو واهڙ مان پيا اچن وڃن جو پاڻي تار ناهي؛ ساز سگهڙ ندا بہ نٿا وڃن جو انهن ۾ وڄت جي تار پهل ناهي؛ ۽ عاشق معشوق بہ پاڻ ۾ نٿا مان جو عشق جي تارَ نہ اٿن.)

[۱۱۸۹]

۱. قدر لنگڙيءَ جو ڪين ڏري ٿو
ڪام صفي تي ڪين چڙهي ٿو
گهوڙو ميدان تي ڪين هلي ٿو

زخم ڇُريءَ جو ڪين ڇُٽي ٿو
واهي ’ڪُوڙي‘ سان ڪين هلي ٿو
ڇـٽـي ڀـرولـي ”چاڪر خان“
ويهي ٻجي ڪو سُرت سجان؟

جواب: ڀٽ ناهي.

(لونگيءَ جو قدر ننڍو ٿئي جو ڀَٽُ يعني ريشم ناهي، صفي تي ٻه ڪام ننڍي ڇڙهي جو ان کي ڀَٽُ يعني ڳنڍ لڳل ناهي؛ يعني ننڍي آهي، ڳهوڙي کي ٻه ڀَٽ (هلڻ لاءِ) ڪونهي؛ تڏهن ميدان ننڍو هلي؛ زخم ننڍو ڇُٽي جو ڀَٽي ڀدل ناهي؛ ۽ ڪُوڙي سان واهي ننڍو هلي جو تاڃي ڀِٽي ڀَٽ يعني سچو ناهي.)

٢. واهي وسوڙو ٿيو وڃي ٿو
قدر لنگيءَ جو ڪين ڪري ٿو
ڳهوڙو ڏاڍيان ڪين ڀڄي ٿو
ڪاٺ جاءِ تي ڪين ٺهي ٿو
آزار ڇُريءَ جو ڪين لهي ٿو
ڇـٽـي ڀرولي ”چاڪرخان“
سمجهائـي ڪو سُرت سجان؟

جواب: ڀٽ ناهي.

(واهي وسوڙو ٿو وڃي جو پاڻ سان ڀَٽ (ڀٽو) نه کنيو اٿس، لونگيءَ جو قدر ننڍو ٿئي جو ڀَٽَ جي ناهي؛ ڳهوڙو ڊوڙي ننڍو جو ڀَٽ (ميدان) ڪونهي؛ ڪاٺ ٻه جاءِ تي ننڍو ڇڙهي جو ننڍو آهي ۽ ڀَٽ لڳل ڪونهيس، ڇُريءَ جو آزار ننڍو لهي جو ڦٽ تي ڀَٽي ڀدل ناهي.)

[١١٩٠]

روز وڙهن ٽا ٻيءُ ٻٽ ٻاڻ
گهوڙا ٻـک ۾ هڪڙي ٽاڻ
تـڙ تـي آڇيا ٻـاڻـيءَ ڪاڻ
ڇٺي ٻـرولـي ”چاڪر خان“
ٻلي ٻـڇـي ڪو سـُرت سڄان؟

جواب: **رس** ناهي.

(ٻيءُ ۾ ٻٽ ٻاڻ ۾ روز وڙهن ٽا جو رَسُ (صلح) نہ اٿن ۽ گهوڙا ٻہ هڪڙي ٽاڻ تي ٻڪ ٻيا ستن جو رَسُ (ڪاڏو) ڪونہ اٿن ۽ تڙ تي مسافر آڇ ٻيا مرن جو رُسو نہ اٿن جو تڙ مان پاڻي ڪين.)

[١١٩١]

توف لشڪر مان ڪين وڙهي ٿو
آٿڻ جـت سـان ڪين ميڙي ٿو

---

[١١٩٠] ٻيون روايتون:

١. ٻيءُ ٻٽ ٻاڻ ۾ جهيڙو لايو
ماڻهو تڙ تان اڃن دلا موٽايو
گهون ڪي وچي ٻيو ڳاٻو ڏايو
ڪهو چيـلا ڪس بـات؟
گروجي **رس** نهين.

٢. ٻيءُ ٻت روز وڙهن ٿا، مزمان ڪوهہ تي اُڃ مرن ٿا
گهوڙا ڪاٺا ڪين چرن ٿا، ڪهہ چيلا ڪس بات؟
گروجي **رس** نهين.

[١١٩١] ٻي روايت: بندوق هرڻ نہ ماري، بادامي بازار نہ وڪامي
ڪورٽ الصاف نہ ڪراوي؟

حاڪم ڪورٽ ڪچهري ڪري ٿو
چئي پروليءَ "چاڪر خان"
ويهي پچي ڪو سڄڻ سڄاڻ؟

جواب: **گورو** ناهي.

(توف لشڪر سان نئي وڙهي جو توف ۾ گورو يعني گولو ناهي؛ آئن ۽ نئي مڙي جو گوڙرو ناهي؛ حاڪم به انصاف نٿو ڪري جو گورو يعني انگريز ڪونهي.)

[۱۱۹۲]

ٻولي سندي سمجهي ڪو نه،
جت لڙي ڪي لڏي چو نه
هيرو هندوءَ جو ٻاٽي پيو نه
چئي پروليءَ "چاڪر خان"
پلي پچي ڪو سڄڻ سڄاڻ؟

جواب: **گورو** آهي.

(سندي نٿو سمجهي جو گورو (انگريز) آهي؛ جت به اٺ تي بار نٿو لڏي جو اڃان گورو آهي؛ ۽ هندوءَ جون هڏيون ٻاٽيءَ ۾ نه پيون آهن، جو اڃان گورو (هڏ) آهي؛ يعني مڙي رک نه ٿيو آهي.)

۳. لعل خان جون چيل پروليون

[۱۱۹۳]

گرو: عاشق معشوق نه ملي، ٻازي چلي نه جاءِ
روٽي پڪي نه رهي، ڪهه چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي **آگ** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو دل ۾ محبت جي آگ لڳي نه؛ اٺن؛ راند به زور نٿي وٺي جو اڃان آگ (جوش) پيدا نه ٿي آهي؛

۽ ماني بہ نٿي پچي جو دانگيءَ هيئان ٻوري طرح آگ ٻَري نہ آهي.)

[١١٩٤]

گرو: ڍنڍ پيلا نہ ٻوڙيا، ملي نہ سردار سودا
روٽي نہ ڪري ناهہ، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي آٽلي نهين.

(ڍنڍ پيلو نہ ٻوڙيو آهي جو آٽلي ناهي؛ سوداگر کي بہ سودو نٿو ملي جو ڪنهن سان آٽل يعني ڏيتي ليتي ڪانهيس؛ ۽ دانگيءَ تي ماني لٿي پچي جو آٽلي ڪانهي.)

[١١٩٥]

گرو: ڌرتي ڌُوڙ نہ چوڙي، ڪامڻ ڪم نہ لاهہ
توڏي رنگي رات ڪون، ڪهوچيلاڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي آئي نهين.

(زمين ڌُسڙ واري آهي، جو آئي (برسات) ڪانهي؛ ڪامڻ ڪم نہ لاٿو آهي جو اجان آئي (آئي) ڪانهي؛ ۽ توڏي بہ پئي رنگي جو آئي (آئڻ) ڪانهي.)

[١١٩٦]

گرو: ليڪا مور نہ منجهيا، فقير نہ پڙهي گهر
ڪتابي خوش رهيا، ڪهہ چيلا ڪيس پر؟

چيلو: گروجي پولو نهين.

(ليڪو منجهي نٿو جو پولو ناهي؛ فقير بہ پڙهي نٿو جو وٽس پولو (پولڙو) ناهي؛ ۽ ڪتابي بہ خوش رهيو جو پڙهڻ ۾ پولو نہ پيو اٿس.)

[١١٩٧]

گرو: ٻڪري ٻهڪي رهي، ڪاٺي ڪري نه ناھ،
چور چوري ڪر گيا، ڪهو چيلا ڪس پاء؟

چيلو: گروجي **ٻوري** نهين.

(ٻڪري ٻڪندي رهي ٿي جو واڙ ۾ ٻوري ناهي؛ ڪاٺي به نٿي جو ٻوري (برابر) ناهي؛ ۽ چور به چوري ڪري ويو جو پاڳي ڪڙهه ٻوري نه ڏني آهي.)

[١١٩٨]

گرو: سٽري سونهن نه ڪري، ٻيٽ نه ڪري درياء
عورت سر اگهاڙي، ڪهو چيلا ڪس پاء؟

چيلو: گروجي **ڇهريا** نهين.

(سٽري (ڪپهه) به سونهن نٿي ڪري جو اڃان پاتي ناهي؛ درياء به ٻيٽ نٿو ڪري جو اڃان پاتو نه اٿس؛ ۽ عورت جو به مٿو اگهاڙو آهي جو اڃان ڪپڙو پهريو نه اٿس.)

[١١٩٩]

گرو: مينهن مانا نه پري، سهڙي مٺهن نه وڪاء
روٽي ناھ نه ڪري، ڪهو چيلا ڪس پاء؟

چيلو: گروجي **چري** نهين.

(مهينهن ڪير جو مانو نٿي پري جو جهنگ چري ناهي؛ سهري به مٺهن نٿي ڏيکاري جو چري ڪانهي؛ ۽ ماني به رڌي ناهي جو چري يعني چرِ نه ٿي آهي.)

[١٢٠٠]

گرو: مٺردا مٺس ۾ رهيا، ٻني ٻج نه لاھ،
ڪپڙا تن تن هو رهيا، ڪهو چيلا ڪس پاء؟

چيلو: گروجي **ڌوپ** نهين.

(مرد و مسان ۾ رکيو آهي ۽ ساڙيو ناهي، جو اڃان ڏُوپ
يعني واس نہ ٿيو آهي) ٻيءَ ۽ کان ٿي نڪري، جو ڏُوپ
(آس) کانهي ۽ کهڙو ۽ جيتن کاني ٿُکي چڙهيو آهي،
جو ڏُوپ ڏيڻي نہ رکيل آهي.)

[١٢٠١]

گرو: کوئي چڙهي کاميٽي، کوتَه ٿيا کهڙا
نانگ نہ ڇنهي کٿهين، کهو چيلا کيس ٻات؟
چيلو: گروجي ڏر نهين.

(کامٽي ۽ کَنڌ تي چڙهي آهي، جو ڏپ کونهيس، کهڙو ۽
چونو ٿي پيو آهي، جو ٻورو ڏر کونهي ۽ نانگ ۽ لڪي
نٿو، جو زمين ۾ ڏر کونهي.)

[١٢٠٢]

گرو: چوپڻ چاهه نہ کري، هاري هَر نہ چلا جاءِ
ٻني ٻج نہ لاهيا، کهو چيلا کيس پاءِ؟
چيلو: گروجي رُتي نهين.

(چوپڻ راند ۾ چاهه نٿو ٿئي، جو کا ساري رُتي (رَچي)
کانهي؛ هاري ۽ هر نٿو ٻڌي جو رُت (موسم) کانهي،
۽ ٻني ۾ ٻج پيا انّ نٿي کري جو رُتيي (ٻکي) ٿي
کانهي.)

[١٢٠٣]

گرو: راڳ نہ رس و ڳائيا، واٽيا کرني لگا ويچار
کنهر کرڻ راس کري، کهو چيلا کيس پاءِ؟
چيلو: گروجي کٽ نهين.

(راڳ رس نٿو کري، جو ڳائڻي کي ڳائڻ جي کَٽ ناهي؛
واٽيو ۽ ويچار ۾ ويٺو آهي، جو آڳڙيل رقم ٻنديءَ مان ڻ

ڪٽي اٿس ۽ ڪٽهر ۾ ڪم جلدي پورو لٿو ڪري، جو ڏانون جي ڪٽ يعني گهاڙيٽو ڏانڊ نہ آيو اٿس.)

[١٢٠٤]

گرو: ڏرتي اوپر ڏپ پڙي، ڪانٽا ڪري گهاء
پاڪيا پٽل رهيا، ڪهو چيلا ڪيس پاء ؟

چيلو: گروجي ڪڪر نهين.

(ڏرتيءَ تي آس آهي، جو سڄ ڪي ڪڪر ڪونهي؛ ڪانٽو يعني هٿيار ۾ تيڪو ٽو وهي، جو ڪڪر پيل نہ اٿس ۽ پاڪيو ۾ پلجي پيو، جو مال کي سڃاڻپ جو ڪڪر ڪونهي.)

[١٢٠٥]

گرو: سوداگر سودا نہ ميلي، ٽوٽي جهلي نہ بار
بٽي زميندار نہ ڪري، ڪهہ چيلا ڪيس بات ؟

چيلو: گروجي ڪوڙي نهين.

(سوداگر کي سؤدو نٿو ملي، جو مال جي ڪوڙي ناهي، ٽوٽي ۾ بار نٿي جهلي جو ڪوڙي (زمين ۾) ناهي ۽ زميندار ۾ بٽي نٿو ڪري، جو انّ جي ڪوڙي ٽيل ناهي.)

[١٢٠٦]

گرو: پاڻي پٽ آيا ميا، عاشق اداس رهيا
گهوڙا پار نہ چليا، ڪهو چيلا ڪيس پاء ؟

چيلو: گروجي گهٽي نهين.

(پاڻي ميدان ۾ پلنجي پيو آهي، جو وهڻ جي گهٽي ناهي؛ عاشق ۾ اداس رهيو، جو محبوب سان ملڻ جي ڪا گهٽي ڪانہ اٿس ۽ گهوڙو ۾ پار نٿو وڃي، جو وڃڻ جو گهٽ ناهي.)

[١٢٠٧]

گرو: کوهه پاڻي نه ڏيوي، عاشق معشوق نه وسريا
دوُر ڪري درياهه، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي لٿا نهين.
(کوهه پاڻي نٿو ڏئي، جو ڏلو کوهه ۾ پاڻيءَ تائين لٿو ناهي؛ عاشق کي به معشوق نه وسريو آهي، جو دل تان لٿو نه اٿس؛ ۽ درياهه به پيو دوُر ڪري، جو لٿو ناهي.)

[١٢٠٨]

گرو: ٻڪري ڦر نه ڏيوي، روٽي پڪي نه جاءِ
ٻني ٻج نه لاهي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي لڳي نهين.
(ٻڪري ڦر نٿي ڏي، جو لڳي ناهي؛ ماني به نٿي پچي، جو تئي تي لڳي ناهي؛ ۽ ٻني به ٻج نٿي ڏئي، جو چڱيءَ طرح لڳي ناهي.)

[١٢٠٩]

گرو: مالڪ راڳ نه سمجهي، 'سهڻي' پتي نه ماهه
ڪاني ڪيئون بيڪار هي، ڪهو چيلا ڪيس ڳاهه؟
چيلو: گروجي ماٺار نهين.
(راڳ سمجهه ۾ نٿو اچي، جو ڪچهريءَ ۾ ماٺار ناهي، گوڙ آهي؛ 'سهڻي' به ماهي نٿي پتي، جو پاڻيءَ ۾ ماٺار ڪانهي؛ ۽ ڪاني به سڌي ڏسڻ ۾ نٿي اچي، جو ڪانيءَ کي ماٺار (رندو) آيل ناهي.)

[١٢١٠]

گرو: روٽي رُوکيي رَهه گئي، جٽي ڪري نه ناهه
بندوق مار نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو، گروجي مک نهين.

(ماني رُڪي آهي، جو گيهه جو مک نہ آيو اٿس، جلتي ٻ،
ٻر ۽ نٿي ٿهي، جو تيل جو مک ناهيس ۽ بندوق ٻہ مار
نٿي ڪري، جو نشان وٺڻ لاءِ بندوق جي ناليءَ تي
مک ڪانهي.)

# باب ٻارهون

## سگهڙپائيءَ جا ٻول

[هن باب هيٺ آيل مواد معنوي لحاظ سان ڇهن "سوال جواب" واري سٽاءَ ۾ سمايل آهي. شروعاتي ٻول ڇهن هڪ سوال آهي. مثلاً:

- ڏنهي مان ڏونڊو، ڏنهي مان ڏونڊو

—

- چارئي لڇڻ ڇٽ، چارئي لڇڻ ڇٽ

—

- ٻنجهي اياڳ، ٻنجهي اياڳ

يعني ته ڪهڙين ڏن شين مان هميشه نقصان آهي؟ ڪهڙا چار لڇڻ خراب آهن؟ ۽ ڪهڙيون ٻنج شيون لياڳ جون نشانيون آهن؟

شروع ۾ هڪ سگهڙ ان قسم جا سوال ڇڙيا ۽ ٻئي ان جا جواب ڏنا، پر پوءِ سگهڙپائيءَ جي ٻولن جي هيءَ جنس عام ٿي ويئي ۽ ساڳئي سگهڙ شروعاتي سوال توڙي جواب وارا ٻول جوڙيا. اهي سوال جواب عموماً مائهن ۽ سندن لڇڻن، شين ۽ انهن جي خاصيتن، خوبين ۽ خامين جي بيان ۾ آهن.

هن باب جي سٽاءَ عددن جي ڳاڻيٽي موجب هڪ ڪان ڏهن تائين سلسليوار رکي وئي آهي، ان بعد ٻارهن ۽ ويهن عددن جا ٻول ڏنا ويا آهن. هرهڪ ٻول جون سڄيءَ سنڌ مان اڪثر هڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جي ڇنڊي، درست ڪري، متن ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

## هڪ جو عدد

[١٢١١] هڪ چٽي ڪي ننڊ پياري، هڪ چٽي ڪي ننڊ پياري.
نڪو گهر نڪو تڙ، نڪا گهر واري
هڪ چٽي ڪي ننڊ پياري.
(جنهن کي گهر نہ تڙ ۽ نڪا زال، اهو اڪيلو مڙس پلي تہ پيو ننڊون ڪري.)

## ٻن جو عدد

[١٢١٢] ٻئي نہ ٿين، ٻئي نہ ٿين.
ٻڍو پڻو نہ ٿئي، گولو پيلاڙو
گڏهہ گهوڙو نہ ٿئي، ڪري گنگا جهيلاڙو
اهي ٻئي نہ ٿين.
(غلام ۽ پيل قوم جي ماڻهن مان ڪڏهن بہ چڱائي نہ ٿيندي ۽ نہ وري خراب، سٺو ٿيندو، گڏهہ ڪڏهن بہ گهوڙو نہ ٿيندو، توڙي ڪٿي گنگا نديءَ ۾ وهنجي.)

[١٢١٣] ٻئي نہ هوءِ، ٻئي نہ هوءِ.
چنل جٺي پير ۾، گهٽر جهٽر ڪئي جوءِ
اهي ٻئي نہ هوءِ.
(چنل جٺي ۽ زال جي گهٽرگهٽر، اهي ٻئي نہ هجن تہ چڱو آهي.)

[١٢١٤] ٻئي وڻواند، ٻئي وڻواند.
ڏڀرو ڏاند، ٻوڪ جو پاند، اهي ٻئي وڻواند.
(اپرو ڍڳو ۽ ٻوڪ جو پاچاڙو حصو، اهي ٻئي هاريءَ لاءِ آزار.)

[١٢١٥] ٻئي هڪ آچار، ٻئي هڪ آچار.
١. ٻاڪرو ڦر ۽ چورو ٻار، ٻئي هڪ آچار.

---

٢. انڌو ۽ اڻ سڌونهون، ٻئي هڪ آچار.

## ڏڻن جو عدد

[١٢١٦] ٽيئي رکڇيون؟ جونا، ٽيئي رکڇيون؟ جونا.
(ٽيئي رکڇن جدا، ٽيئي رکڇن جدا).
پلو لڏ پاڻيجو، پيڙي نـه رکجي ٻوڻا
استري نون آڻت نه ڏيجي، ٽيئي رکڇين جونا.

(نکي پاڻيجو گڏ چڱو آهي، نکي ٻڪيءَ کي پاڻ سان گڏ رهائجي، ۽ نکي ورڙي زال کي پنهنجو منجهه ڏجي، انهن کي پاڻ کان جدا رکجي.)

[١٢١٧] ٽيئي روڳ ري ماسي، ٽيئي روڳ ري ماسي.
(ٽيئي مرض جون ماسيون، ٽيئي مرض جون ماسيون)
اونگهه، آرَسُ، اوٻاسي، ٽيئي روڳ ري ماسي.

(ننڊ، سُستي ۽ اوٻاسي، اهي ٽيئي مرض جون ماسيون آهن.)

[١٢١٨] ٽنهي مان ٽوٽو، ٽنهي مان ٽوٽو.

١. وڙهڻ ويريءَ سان، ڪٿي آڪ سؤنٽو
عورت ماماڻل کي، وَر ڏين چوٽو
ڏيئي رقم ٿورڙي، ڪِنهِ ڪِنهن کوٽو
"احمد" اکيو هوءَ اٿو، ٽنهي مان ٽوٽو.*

٢. سمند گهوڙو، شيرو ماڻهو ۽ ڪمذات
ٽنهي مان ٽوٽو

[١٢١٩] ٽيئي ٽول ڏکيا، ٽيئي ٽول ڏکيا.
ڏيڻ، روئڻ، ڏيهه ڇڏڻ، ٽيئي ٽول ڏکيا
سي قادر پنهنجي قدرت سين، هيئين هيٺ رکيا.

---

[١٢١٨] چيل احمد مري
* ٻي روايت: واٺي جي هٿ تي هجي وٺ ڪوٽو.

[۱۲۲۰] تيئي ٻيٽ ٻارا، تيئي ٻيٽ ٻارا.
ڏند ٻٽيا، ڏاڙهي اڇي، وَهن ڳڻن ٽارا
اهي تيئي ٻيٽ ٻارا.

[۱۲۲۱] تيئي سي ترڙيون، تيئي سي ترڙيون.
لوڏي ٻانهن لاڏ مان، هلي تي هرڙيون
مڙس چڙي، مينڙي تي سڏي ماهڙيون سرڙيون
گهڻو ڪٻالهائي گهوٽ سان ٻهرين رات ٻرٽيون
تيئي سي ترڙيون.

[۱۲۲۲] تيئي گهٽ نه چاڻ، تيئي گهٽ نه چاڻ.
حاڪم، ٻاهر ۽ ٻاڻي، اهي تيئي گهٽ نه چاڻ،

[۱۲۲۳] تيئي ليکيان لاهه، تيئي ليکيان لاهه.
تري چلندي آڪڙي، ٺڪر لڪي ڪاهه
سهري ٻرگهر هنڊي، اهي تيئي ليکيان لاهه.
(گهوڙي هلندي ٺاٻوڪائي، ڪتو ٽانهه لڪي، ۽ ٻرائي گهر گهاريندڙ عورت، اهي تيئي ليکي تان لٿا، يعني ڪم جا نه آهن.)

## چئن جو عدد

[۱۲۲۴] چارئي ٻوڙين، چارئي ٻوڙين.
سڪوماڻهو، گونگو مينهن، بيٺل پاڻي، جهڙ جو ڏينهن
اهي چارئي ٻوڙين.

[۱۲۲۵] چارئي تباهه، چارئي تباهه.
گهر نينگر ٻوجهه گهڻو، ڪچي ڦلهي ڏوڙو واهه
پاڻيان وچوڙو ماهڻي، مينهان آڳتو واهه.

---

[۱۲۲۰] چيل خليفو حاجي شيرمحمد، وينل خليفن واري ميني، تعلقو ٽنڊو باگو، عمر اٽڪل ۵۰ ورهيه.

[۱۲۲۴] سڪو= اندر کوئو.

(گھر ڌاڻي ۽ اَن تي ٻار گھڻو، ڪجھ ٻوڪ ۽ خراب واءُ، پيٽ کي ٻاڻرن جو وڇوڙو ۽ سينهن سان گڏ هوا، اهي چارئي چِڙ ته تباهه ٿيا.)

[١٢٢٦] چارئي چِٽ، چارئي چِٽ.

عورت چڙي گھر کي، جيڪا گھٽمي گهٽ
راس ٻنان، روکڙ سوا، جيڪو ڪولي هٽ
ٽيون ڪارو ڪوهه ۽ چوٿون ڪوٽو وَٽ
اهي چارئي چِٽ.

[١٢٢٧] چارئي ڏَهنت، چارئي ڏَهنت.

آڏ ميکي و ديا ڏَهي، ڏَهي ڪٽڌي ويـر
ڪڏل هيڻ ڪامڻي ڏَهي، چنتا ڏهي سريـرُ.

(اڻهوري سکيا، بيعقلائي، دشمني، خراب گھر جي عورت ۽ جسم لاءِ گھٽي، اهي چارئي خراب آهن.)

[١٢٢٨] چارئي ڍَڪ، چارئي ڍَڪ.

ڪنڌا ڍاڪڻ ڍاڪڻو، ڪپتر ڍاڪڻ واڙَ
ٻاپ ڍاڪڻ پينڙو، گھر ڍاڪڻ نار.

(ڪنڌن جو بچاءُ مٿان ڍَڪڻ، ٻنيءَ جو ڍڪ واڙ، پيءُ جو ڍڪ پٽ ۽ گھر جو ڍڪ زال، اهي چارئي ڍَڪَ آهن.)

[١٢٢٩] چارئي ساکِي، چارئي ساکِي.

(چارئي شاهد، چارئي شاهد)

مينهان ساکي مارگنو، سيڻان ساکي اَڪ
ڏاتار ساکي منگتا، سُورن ساکي ڏَڪ.

(مينهن جا ساکي يا شاهد واڻهڙو، سيءُ جا شاهد سڙيل آڪ، سخيءَ جا شاهد منگتا ۽ سُورن جا شاهد ڏَڪَ.)

[١٢٣٠] چار ئي سڌارين، چار ئي سڌارين.

ميٺهن سڌاري ٻجلين، سر رو سڌارو ٻار
ڀيڻو سڌاري ٻاپ ٺان، گهر سڌاري نار.

(ميٺهن کي مچائي ڪيئون ۽ تلاءَ کي پري نٺن، پٽ اوجاري پيءُ کي ۽ گهر اوجاري زال.)

[١٢٣١] چار ئي سک، چار ئي سک.

پهلا سک نيروگي ڪايا، دوسرا سک گهر ۾ مايا
تيسرا سک سپوتر ناري، چوٿا سک پوتر آگياڪاري.

(تندرست جسم، گهر ۾ دولت، سچي عورت ۽ چيوان پٽ، اهي چارئي سک.)

[١٢٣٢] چار ئي عقلان چور، چار ئي عقلان چور.

سرمنڊل جي ساز جو، سانڍي کهڙو سور
راڳي جي راڳ تي، رڌ نہ ريجهي مور
کهڙو قدر ڪافر کي، سنڌو نبيءَ نور
چٽ نہ چاڻي ڳالھ کي، ٻر ٺوڪي رکندو ڏور
اهي چار ئي چور، عقل کان "علي بخش" چئي.

[١٢٣٣] چار ئي لڇڻ چٽ، چار ئي لڇڻ چٽ.

رن ڪٽڻي آگلي، جنهن جو ڪنهي مٿي ڪٽهت
ڪٿا ڪنهي ۾ ٺورڙا، لنڌي ڏني مت
ڪار نہ ڪري گهر جي، اولائيو چڙي آرٽ
چنڱلايون ڪري چکه مان، ٻيهي مٿي هٿ
اهي چار ئي لڇڻ چٽ.

[١٢٣٤] چار ئي ۾ ورسهاءَ، چار ئي ۾ ورسهاءَ.

وڇا روڳيي، ٻڍا جوڳي، سورهيان ڀڄي گهاءَ
ذات ماري ٻيکيا مانگي، اهي چار ئي ۾ ورسهاءَ.

[١٢٤٠] ڇٽني ڪجي جتن، ڇٽني ڪجي جتن.
ڪاچَ ڪٽورو، گيهه، گهڙو، موتي ۽ مَنَ
يڪا وري نـه ٿهن، تـن جو ڪجي جتّن.

(شيشي جو پيالو، گيهه جو گهڙو، موتي ۽ من، اهي چارئي پڪا ته وري سجا نه ٿيندا، تنهنڪري انهن جي سنڀال ڪجي.)

[١٢٤١] ڇٽني وڃـي هاڻ، ڇٽني وڃـي هاڻ.
ڪوري، ڪنـيـر، ڪڪڙ ۽ ڪاڻ
اٿي ميـنـهـن، ڇٽني جـو وڃـي هاڻ.

[١٢٤٢] نرڳ نشانيون چار، نرڳ نشانيون چار.
رُوڪا پوچن، پٺوڻ ٻوڏڻ، ڪره ڪميٽي نـار
چـوتـا مـيـلـي ڪپڙي، نرڳ نشانيون چـار.

(اٽپو ڪاڏو، زمين تي سمهڻ، جهيڙاڪ عورت ۽ ميرا ڪپڙا، اهي چارئي نرڳ جون نشانيون.)

## پنجن جو عدد

[١٢٤٣] پنجن ڏنو نه ٿئي، پنجن ڏنو نه ٿئي.
ڪالين ڪي ٻاهه مان، ميرُوءَ ڪي ماه مان
بخيل ڪـي مـال مان، عالم ڪـي علم مان
سائل ڪي خيرات مان.

[١٢٤٤] پانچي ڏَهت سرير، پانچي ڏَهت سرير.
(پنجئي جيءَ کپائڻو، پنجئي جـيءَ کپائڻو)

---

[١٢٤٢] ٻي روايت:

موت نشانيون چار، موت نشانيون چار.
ميرا لتا، رَڪا ڪاوَڙ، ٻُنهَنَ سُمهٽي، تڪ ٽڪ ڪري نار
اِهي موت نشانيون چار.

(تلوار ٻراڻي يا ڪيپ ڪٽل ۾، گهوڙي جي واڳ ٽُٽل، زال ڪي ٻراڻو ڪنجرو، مڙس ڪي ٻراڻي پاڳ ۽ گهر ۾ سوير سانجهه نہ ٽڻي، اهي پنجئي آياڳ آهن.)

[۱۲۴۷] پنجئي بدنام، پنجئي بدنام.

گابو ڪپڙ چيٽو، نر گهوڙو ڪنگام
ڪنڍ ڪري ڪامڻي، گهر آئي مزمان
ڪانئر پڇي جنگ ۾، گهر هڻي شغان
راجا جُٽوٽ ٻولڻو، اهي پنجئي بدنام.

(گابو ڪپڙو ڪائي، چڪر يا ويڙهاڪ گهوڙو، گهر ۾ آيل مزمان آڏو جهيڙو ڪندڙ عورت، ڪانئر جيڪو جنگ مان پڇي گهر ۾ اچي لاف هڻي، ۽ ڪُوڙ ڳالهائيندڙ راجا، اهي پنجئي بدنام.)

[۱۲۴۸] پنجئي ٻهي ٻير، پنجئي ٻهي ٻير.

ڪنُوڙو ڏڳو سنهرو ساچو، گهوڙو ٻڻ ڳڻ ڳير
رَن ڪميڻي مٺور نہ مٺڙي، توڙي لڳنس تير
ماڻهن منجهہ مَتِجُو مڙس، سرن منجهہ خنزير
اهي پنجئي ٻهي ٻير.

[۱۲۴۹] پنجئي ٻيڪار، پنجئي ٻيڪار.

نيچ ڪنڌيو ٻڙديو، اوچ ڪنڌي نار
راهہ رڙتو ڏاگهو، ڪنڌل زميندار
هيڪل هٽ واڻيو، اهي پنجئي ٻيڪار.

(ڪنڌ هيٺ ڪري هلندڙ ڏڳو، ڳاٽ مٿي ڪري هلندڙ زال،

---

[۱۲۴۷] ٻيون روايتون:
۱. سپاهي رڻ نہ چڙهي، گهر هڻي شغان. شغان = ٻٽاڪ، لاف.
۲. چاڪر رڻ نہ چلڻا، گهر ڪري ڪلام.

راهه ۾ رڙندڙ اٿ، ڪٽنل زميندار ۽ سڄي ۾ هٿ وارو وانيو، اهي پنجئي ٻيڪار.)

[۱۲۵۰] پنجئي ٻي سيار، پنجئي ٻي سيار.

هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار
پنجون بيمار، اهي پنجئي ٻي سيار.

[۱۲۵۱] پنجئي ٻڌا چڱا، پنجئي ٻڌا چڱا.

هٿ، چٽ، ڦٽ، سَر، سُوئر
پنجئي ٻڌا چڱا.

[۱۲۵۲] پنجئي ڀڪن، پنجئي ڀڪن.

جوان مڙس، گهٽو حرص، ٻيا چيلهه، تَڪا چيٽڪن
سٽوٺيون سنگهارن ڪوڙيون، وچئن مينهن وَسن
اهي پنجئي ڀڪن.

[۱۲۵۳] پنجئي ياڙي، پنجئي ياڙي.

پاڻ اچا ڪپڙا ڪري، گهر ۾ جوءِ آڳهاڙي
ڪم پئي هڪل ڪجي، تڏهن ڪنهي ڪياڙي
آڻ ڪوليو آتي وجي، هٿي دُهل تي تاڙي
عقل جو ايلپهنوار، گهٽي هٿي چاڙي
پنهنجي ڍاهي جهوپڙي، پرائي ڏسي ماڙي
اهي پنجئي ياڙي.

---

[۱۲۵۱] ٻي روايت: ٽيئي ٻڌا چڱا، ٽيئي ٻڌا چڱا.
چٽ، ڦٽ، وهٽ، ٽيئي ٻڌا چڱا.

[۱۲۵۳] ٻيون روايتون:

۱- ري سڏيو پرائي دهل تي، نچي ۽ هٿي تاڙي
ڳالهه ڏانءَ لاء اچيس، هٿي سڪڻي چاڙي
(ڏسو حاشيه صفحو ۲۵۲)

[۱۲۵۸] پنجئي جنگائي مرٽا، پنجئي جنگائي مرٽا.

دوست دشمن ڪنهن ۾ پرکٽا
وڏي مرتبي مليئي سنگت نه سڃاڻٽا
مايا هٿ آئيي، ڏکئي ڏينهن ڀلاوٽا
ڪچهري وچ وڏي نندي ڪنهن نه ڏيکٽا
وديا پاوڻ سڃون، وڏي ڪنهن مورک سمجهٽا
اهي پنجئي جنگائي مرٽا.

[۱۲۵۹] پنجئي چريا، پنجئي چريا.

هڪ چريا شينهن کهن، ٻيا چريا وَرن واهه
ٽيا چريا جوين ڏينهڙا، چوٿان چريا آهن درياءَ
ڪکر ٻنا مينهن آيو ۾ اهي پنجئي چريا.

[۱۲۶۰] پنجئي ڏسي لُچ، پنجئي ڏسي لُچ.

چَنڊو چوکر، چري جوءِ، ڏاڙهي هيڙهيءَ پُچ
داڙا دلي ۾ ڊيهه ڪڍئي، مهينهن منور نه ڪري وچ
اهي پنجئي ڏسي لُچ.

(ٽيا کو چوکر، چري زال، ڏاڙهي هيڙهيءَ (ٻکي) جي پُڇ
جهڙي سنهي ۽ ڊگهي (پنڇي)، آڻ هوند ني آکڙ کهڻي ۽
مينهن وچ نه ڪري، اهي پنجئي ڏسي اندر سڙي.)

[۱۲۶۱] پنجئي ڏک جا ڏار، پنجئي ڏک جا ڏار.

واريءَ سند و هندڙو، متي مٽان ٻار
تيرڪريا سجي هنڌ ۾، آٿ مٽي هموار
سڙس هجي پيرمرد، نندي هجي نار
ڪيٽ پڙتن وارو، تنهن ۾ ٻوڪت گوار
اهي پنجئي ڏک جا ڏار.

[١٢٦٢] ٻنجڻي رهن مٺا، ٻنجڻي رهڻ مٺا.

آمل رَمن، ڏاکڻ منڊ، چوري ۽ جوا
پَرگهر هينڊِري ڪامڻي، اهي ٻنجڻي رهن مٺا.

(آمل جو نشو، ڏائڻ جو جادو، چوري ۽ جوا، اهي چار ٿي مرد کي مارين، ۽ ٻنجين ٻاهر ٻيري عورت، اهي ٻنجڻي مٺا پلا.

[١٢٦٣] ٻنجڻي سرڳ دُوار، ٻنجڻي سرڳ دُوار.

ڪٽ ويهڻ، گهوڙي چڙهڻ، گهر ۾ لَجَوَنتِي نار
ٺُراٺي ڪڻڪ، لٺون گيهه، ٻنجڻي سرڳ دُوار.

---

[١٢٦٢] ٻيون روايتون:

١- تُرڪ تجاري واڻيو، چوري ۽ جوا
پرگهر هنيڊني ڪامڻي، ٻنجڻي رهن مٺا.

٢- ٻنجڻي مٺا، ٻنجڻي مٺا.
ڪشڻ ڪمان، ٻوڻ ضمان، ڪرڻ زنا
تپڻ ڪوهاڻ، رهڻ جوا، اهي ٻنجڻي مٺا.

[١٢٦٣] (بهشت برابر يا سُک ۽ خوشي جون نشانيون.)

ٻيون روايتون:

١- ڪڻڪ ٻراڻي، گيهه لوان، تِي لجاولتي لار
تُري تهاوڻ، سيج لهڻ، ٻنجڻي سرڳ دُوار.

٢- بهشت نشانيون چار، بهشت نشانيون چار.
اچا ڪپڙا، تازو گيهه، ڪڻڪ پراڻي، گهر ۾ سُگهڙي نار
اهي بهشت نشانيون چار.

[١٢٦٤] پنجئي سهنج، پنجئي سهنج.

١. گهر ڏيئو، ٻنڌپ ٻاجهري، ڳاه ڪاٺي، گهر گنج
ڀانر، ٻٽ ڇٽيءِ ٻ، اهي پنجئي سهنج.

—

٢. گهر نديءَ ڪناري، ڪاٺيون سوڙهيءَ سنجه،
نار سٺاڪٺي گهر ٻ، ٻيئنا هٺجنس هنج
تازي هجي ٿري، متس سونا سنج
اهي پنجئي سهنج.

[١٢٦٥] پنجئي ڪٽنبي ڪن ڻاه، پنجئي ڪٽنبي ڪن ڻاه.
پنجئي ڪٽنيا ڀلا، جي نہ ڪٽنبا تہ وڻاه(١)
گڏه، گولو، ڍول، ڪاڪر ۽ ڪپاه،
اهي پنجئي ڪٽنبي ڪن ڻاه.

---

[١٢٦٤] (١) ٻيون روايتون:

١- اول ندي آب جي، ڳاه ڪاٺي، گهر گنج
وٽ ڪيتي، گهر ولوڙو، اهي پنجئي سهنج.

٢- گهر ندي، ٻنيي ڳاه، ڪاٺي ڦانگو گنج
سئونا مينهن در تي، سندر ناريءَ ٻيئو هنج
اهي پنجئي سهنج.

٣- در اڳيئون ڪيتي، ٻنيي اندر ڪوه
ٿري تازي هيٺون، جا ريجهائي روح
ڳاه ڪاٺيون گهر گنج، اهي پنجئي سهنج.

٢- ٻي روايت: گهر ندي ڪناري، ڪاٺي ٻاڻي گنج
ڇتيهہ لڪڻي ڪامڻي، ٻيئو سئولهيس هنج
يلو گهوڙو چڙهيءَ هيٺ، اهي پنجئي سهنج.

[١٢٦٥] ٻي روايت: پنجئي ڪٽيا ڀلا.
گولو ۽ گڏه، ڪاغذ، منج، ڪپاس
تن ۾ ڪر ٽپاس، تہ اهي پنجئي ڪٽيا ڀلا.

(١) وڻاه = نقصان. ڍول = ڍُهل.

[١٢٦٦] پنجئي ڪيڏ ٻري، پنجئي ڪيڏ ٻري.

ٽڏو گهوڙو، ڪُتر ڏُجهڻو، ٽيو جو منهن تي ڪوڙ ڪري
چوٿين چنبي رن ڇاڪلي، جا ڏيرهن تال ڪري
پنجون ٻُرس ملميت، جو گانڊو گلا ڪري
اهي پنجئي ڪيڏ ٻري.

[١٢٦٧] پنجئي ڪم قوتَ، پنجئي ڪم قوتَ.

ڪوٺ ٻراڻو، ٻُتي ڪيستي، لوهه پتجي ساڻ لت
واريءَ پنڌ، ڪُراڙي زال، پنجئي ڪم قوت.

[١٢٦٨] پنجئي گردن ٻار، پنجئي گردن ٻار.

ٻُچ مروڙيو ڏڪو، ڏُن آگهاڙي نار
چتين چنو موچڙو، مٿي وارو ٻار
واريءَ سندو پنڌڙو، اهي پنجئي گردن ٻار.

(ڏکو جيڪو ٻچ مروڙڻ کان سواءِ نہ هلي، پاڻ نہ ڏيکيندڙ عورت، چتين لڳل ۽ چنل جُتي، مٿي تي پيري ۽ واريءَ جو پنڌ، اهي پنجئي سر تي ٻار آهن.)

[١٢٦٩] پنجئي گردن ٽوڙ، پنجئي گردن ٽوڙ.

مرد ڪراڙو، عورت جوان، هي ہ نہ جُڙندو جوڙ
ڇيلا هزارين ڪيا، تہ ب ٻُڌي، جو نہ ٻڌيو ٽوڙ
چوٿون ماني جوَن جي، ۽ پنجون ٽيلهي مڇيءَ پوڙ
اهي پنجئي گردن ٽوڙ.

[١٢٧٠] پنجئي ڪنڪن ڪور، پنجئي ڪنڪن ڪور.

پتنگ ۽ پروانو، ڪن آگ مٿي اور
جيئن پوڻر ڦيري ڳُلُ لاءِ، چنڊ آتي چڪور

---

[١٢٧٠] ڳڻن ڪور = ڪڪر وانگر آزاد ڦرن يا سانوڻ جي مند ۾ مست ڦرن.

تاڙو تنواري، تنھن جي تک ۾ آھي تـور
اھي پنجئي ڪگن ڪور.

[١٢٧١] پنجئي ڪھيڻوار، پنجئي ڪھيڻوار.
چلو ميرون ڏينهن ٻڇ‍ڙي، ڪُڪڙ سانجهيءَ وار
جـوءِ پـرائي ھڪڙيـنَ، مـرد نـه لھي سار*
ٻُرس پـراوا قـرض ڪٽي، ڪري وڏا آھڪار
جو ويلي مت سمهي رهي، اهي پنجئي ڪھيڻوار.

(چلو = ھڪ قسم جو جانور. ٻچڙن = ٻرپرو تي گھمڻ. آھڪار = ٻناڪون. ڪينوار = مست، چريا.)

[١٢٧٢] پنجئي گهنگهر گھور، پنجئي گھنگهر گهور.
ڪنڻ ناهي راڳ ڪري، مت پکيڙو چور
ڪاٽي اک ڪجل پائي، انهي-نڪ ڏئي طنبور
ڪيسٽ ٻوڪن ڏور، اهي پنجئي گهنگهر گهور.

---

[١٢٧١] ٻي روايت:
ڏيهان چلو مرون، راتيان ڪڪڙ وار
لار پرائي ڪاچ ۾، وجي ڪُران ڏار
قرض ڪٽي ڪاوڙ ڪري، ايڏي سان اختيار
ويني مت سمهي رهي، اهي پنجئي ڪينوار.

* ٻي چوٽي: "پراون ٻاڙن ۾، جا نيت نيت وڃي نار."

[١٢٧٢] ٻيون روايتون:
١- ڪنٽ ناهي راڳ ڪري، مت ناهي چور
ڪاٽي اک ڪجل پائي، ٻنان لڪ طنبور
ٻُڍي ڏاڙهي هٿ هٽي، ۽ ڏئي مُڇ مروڙ.

---

٢- ڪاٽي اک ڪجل پائي، ٻني-نڪ اٿ پائي ليور
ڪٽ ٻاهران راڳ ڪري، چت ٻاهران چور
خُسرو ڏاڙهيءَ هٿ هٽي، شوق واجهيو منجهان شعور.

(ڪنٺ = گلو (آواز) - مَت ٻکيٽو = ٿوري عقل وارو- ڏٺي طنبور = چوٽيءَ تي هٿ هڻي)

[۱۳۷۳] پنجئي گهٽوچائيءِ، پنجئي گهٽوچائيءِ.

۱- ري ڪوڏر ٻنيءِ وَلهي، ري ڏاڻهي ڳاهي
ري ٽاٽي شهر گهمي، ڏئي آڻ پڇي اوڳاهي
ليچي وِهي، اوڇيءَ سوٽهي، اهي پنجئي گهٽوچائي.

—

۲- بي ڪَنٺا راڳ ڪري، ڪائي آمل ڏئي اوڳاهي
اڻ سوچيو ڪلام ڪري، مورک مت نہ ڪائي
دشمن کي ڏئي سَنڌ سڀڪائيءِ، اهي پنجئي گهٽوچائي.

[۱۳۷۴] پنجئي لَڇوَنٽ، پنجئي لڇوَنت.

ٻهريون ٻاڙو جو رکي، ٻيو ٻَڌي هيٺن سان همت
ٽيون سورهيہ سِر جو، چوٿون ٻاري ٻَت
پنجون لڙي ڪنڪ ۽، جو ڏي هٿ رعيت
اِهي پنجئي لڇوَنت.

(ٻهريون جيڪو ٻاڙي جي ٻت رکي ۽ ٻاڙي سان رهائي، ٻيو جيڪو هيٺن جو همراهہ ٿئي، ٽيون سرويچ هجي، چوٿون

---

[۱۲۷۳] ٻيون روايتون:

۱- ريءَ ڪوڏر ڪاٽي ڪٽي، ريءَ ڏاتي لائي
پريءَ ست سمهي رهي، ڏي اڻ ڏني اوڳاهي
جنهن مڙس جي ڳالهہ نہ پري، اهي پنجئي گهوچائي.

۲- ريءَ ڪوڏر ڪُڙسي، ريءَ رَنبي ڳاهي
جيڪو ست ويني سمهي، ڏئي اڻ ڏني اوڳاهي
پنجون ليچي وِهي ٻاڻ، ۽ اوچا ڪري راهي
اِهي پنجئي گهوچائي.

جيڪو ڪاريهت رکي، پنجون راجا لشڪر ۽ وڙهي ۽ رعيت کي سنڀالي، اهي پنجئي شرم وارا آهن.)

[۱۲۷۵] پنجئي مَ چاءِ، پنجئي مَ چاءِ.

۱- ڪنڙ ڪُئون، سڙهـ، ڍڳو. آڻ پليو و ياءِ
تير گهاٽو، کيهڙون چِٽو، اهي پنجئي مَ چاءِ.

---

۲- هنڙهه ڏاند، ڪنڙ ڍڳي، اڻ پليو و ياءِ
گهاٽا تير، ڇيڊ ڙي ڪنڪ، اهي پنجئي نہ چاءِ *

(آهنڊ ڪُئون، ٽاهڙ ڍڳو، اي ڇيو اولاد، گهاٽا پوکيل تيرَ ۽ ڇيڊي پوکيل ڪنڪ، اهي چوڻ تہ پنجئي نہ چاوا.)

[۱۲۷٦] پنجئي مار، پنجئي مار.

ڪنڙ ڍڳي، چڪير گهوڙو، آڻ نہ ڪٽي ٻار
ڪتو وڃائي ٿانءُ کي، ليهائين آ کهاڙي نار
اهي پنجئي مار.

[۱۲۷۷] پنجئي مرد نہ مئور، پنجئي مرد نہ مئور.

مذهب کان محروم رهيا، دين کنئون دور
چوريءَ سين چاهہ لڳائي، ڪم کنئون وهلور
عمر ساري نفعا ڏيندي، نت ڪري ڪلور
چغلين تي عزت وڏائي، سچ کان ٿئي سئور
اهي پنجئي مرد نہ مئور.

---

[۱۲۷۵] *ٻين روايتن ۾: 'جوئر گهاٽي' يا مگ 'گهاٽا'.
[۱۲۷٦] ٻي روايت:
ليڪر چٽو ڪتو آڻ نہ ڪٽي ٻار
ڪتو ڪُئون، لتر گهوڙو، لهائين اکهاڙي نار
اهي پنجئي ايئي مار.

[۱۲۷۸] پنجئي مسڪين، پنجئي مسڪين.
نار پٽرائي ڪنجري، گهوڙي ٽٽل زين
وڏور ڏيءَ گهر ۾، جهڙي ماٽ زمين
جن سنجهي چاڙهيو ڪينڪي، سي پنجئي مسڪين.

[۱۲۷۹] پنجئي مئي مت، پنجئي مئي مت.
۱- سونر سنگها ڪڏيا، ڪيهر جهليو کهٽ
آره، چڙهي استري، پانچاريو ڪهنڪت
متس ڪهير ندو گهوٽيو، اهي پنجئي مئي مت.

(مرون سنگها ڪڍي، شينهن جي کچيءَ جا وار نڪرن، زال جا آره نڪرن، گهوڙو جوان ٿئي ۽ مڙس کي ڏاڙهي مٿنهن ۾ اچي (اهي جوانيءَ جون نشانيون) اهي پنجئي مست آهن.)

۲- مرد نڪرلدي مسٽري، استي آره ست
سونر سنگها ڪڍيا، سينهان ٿهرين مت
تازي طبيلان ڇٽي، اهي پنجئي مئي مت.

---

[۱۱۷۸] ٻيون روايتون:

۱- ري سازين چارڻ هليو، ڪوريءَ چني سيڻ
گوريءَ جوين چڏيو، گهوڙي ناهي زين
نڪتو راجا راج مان، اهي پنجئي مسڪين.

---

۲- چارڻ ٻنان ساز جي، ڪوريءَ چنل سيڻ
سر ٻگڙيو ڪلوتين، گوري جوين هيڻ
راجا نڪري راج مان، اهي پنجئي مسڪين.

[۱۱۷۹] ٻي روايت:

سونر سنگيون ڪوڙيون، شينهن ٻـ ڦـڙي رت
مـرد ٻـ مسان لٿيون، مهريءَ ميندڻيءَ ڪت
تازي طنبيلن ڇڙيا، اهي پنجئي مئي مت.

(مرد کي ڏاڙهي اچي، زال ٻالغ ٿئي، ستّوئر سنگها ڪڍي، شينهن ٻهريون ڇال ڏئي، ۽ گهوڙو ٽمبيلي مان نڪري، اها انهن پنجنهي جي مستيءَ جي وهي آهي.)

[١٢٨٠] پنجني نہ ٿيا، پنجني نہ ٿيا.

جٽوئا ڀريـن، ڪوئا ٻڙڌ، ٿيي ڪنـر ڪـاءِ،
چيڙا ڪيهڻون، ڪهاٽا تيرَ، اهي پنجني نہ ٿيا.

(بيوفا دوست، ڪتوڙو ڏڪو، ڪنر ڏکي، چڏي ٻوڪيل ڪٺڪ ۽ ڪهاٽا تير، اهي پنجني نہ ٿيا.)

[١٢٨١] پنجني نہ جيا، پنجني نہ جيا.

سڙيل گهوڙو، سهرو ميڙوُن، سورهيہ ڪلام ڪيا
ستيي چڙهي ست تـي، پنجهين پيـڻ پيا
اهي پنجني نہ جيا.

(ماڙ جي مرض ۾ ورتل گهوڙو، نقصانڪار جانور، سورهيہ جو قول، ستيي ڏاکهہ چڙهي، ۽ پيـڻ ٻلا جو ڪاڏل، اهي چئ نہ جيئرا ناهن.)

[١٢٨٢] پنجني نہ ڏار، پنجني نہ ڏار.

آلڙ ڪتو، ڏڪي گهوڙي، پوليس وارو يـار
چوٿين سٺا سهنڍي، پنجين بندوق نـوڙي دار
اهي پنجني نہ ڏار.

(اڻ ويڙهايل ڪتو، ڏڪي گهوڙي، ڪير پياڪ ٻـار واري زال سان دوستي ۽ جامڪيدار بندوق، اهي پنجني نہ ڏارجن.)

---

[١٢٨٠] ٻيون روايتون:

١- ڪهاٽا تيرَ، چيڙا ڪيهڻون، اڻ پليو ويـاءَ
سڙيو گهوڙو، ڪر ماٺو، اهي پنجني نہ ٿيا.

٢- ڏچر گهوڙي، سچر زال، آڏارو وهـاءُ
ڪهاٽا تير، چڏي ڪٺڪ، پنجني نہ ٿيا.

[١٢٨٣] پنجئي نہ وسرن، پنجئي نہ وسرن.
مينهن موران، ٻن ڪونجران، آنبان ڏار سوئان
وڇڙيل سڄڻ، جنم ڀومي، وسري مئو ٿان.
(مورن کي مينهن، ڪونجن کي منجراه، طوطي کي انبن جو ڏار، سڄڻ جو طعنو ۽ پنهنجو وطن مئي وسرن.)

[١٢٨٤] پنجئي هڪوار، پنجئي هڪوار.
شاهہ وچن، شينهن گمن، ڪيلو ڦري ايڪ وار
تيران تيل، همير هٺ، چڙهي نہ ڏوجهي وار.
(شاهوڪار جو وعدو، شينهن جو ڦرجڻ، ڪيوڙي جو ڦر جهلڻ، تيرن کي ٻوڙي تيل ڪيڻ ۽ بادشاهہ جو هٺ (يعني بادشاهہ ٻہ هڪ دفعو جنهن هٺ تي چڙهيو تہ ٻي نہ ڦيرو ليندو) اهي پنجئي ڳالهيون هڪ ڀيرو ٿين.)

## ڇهن جو عدد

[١٢٨٥] ڇهئي ڪنهي ٻنان نہ لاهہ، ڇهئي ڪنهي ٻنان نہ لاهہ.
ڍولان، کولان، ڳاڏهان، ڪتڙ، منج، ڪاهہ،
ڇهئي جو ڪُرُ هيڪ، ڪنهي ٻنان نہ لاهہ.
(دهل، نوڪر، گڏه، ڪتا، منج ۽ ڪهہ، ڇهئي جنسون ڪٽڻ کان سواءِ نہ ٺهنديون.)

## ستن جو عدد

[١٢٨٦] ستئي ٻکيا سنسار، ستئي ٻکيا سنسار.
ڌرتي ميگهہ نہ رجيئي، آگ نہ رجيئي ساڙ
راجا راج نہ رجيئي، موت نہ رجيئي مار

---

[١٢٨٦] ٻي روايت:
ڇهئي بکيا سنسار، ڇهئي بکيا سنسار.
عزرائيل ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ماري مير هزار
(ڏسو حاشيہ صفحو ٢٦٤)

عيشون نفس نه رجيئي، ٻٽرش له رجيئي نار
دو نيڻان نه رجيئي، ڏلي سچو ڪلتار.

(ڌرتي مينهن مان نه ڍاپي، ٻاهه ساڙڻ مان نه ڍاپي، راجا، راجائي مان نه ڍاپي، موت مارڻ مان نه ڍاپي، نفس عيش مان نه ڍاپي ۽ نيڻ دوست جي ديدار مان ڍوُ نه ڪن، اهي سڀئي سدائين بکيا رهن.)

[١٢٨٧] سڀئي سئور، سڀئي سئور.
رَن جهاپي، مڙس ٻوڙو، ٻي ڇيو ٻڌت، ڇٽر ڪهوڙ
چلٽو ڪو ڪتو، جڏو جوڙو، ٻري جي مائٽي، وڏو وڇوڙو.

## آئن جو عدد

[١٢٨٨] آئي آلهوٽ، آئي آلهوٽ.
جهنونيي منڊل، بادڙن پنگ، ڳانجي پهرين سوٽ
گهوڙو سترميدان ۾، آٽ ۽ واڳهن ڇوٽ
پهرين رات پرٽي جي، پره هندوري جهوٽ
عشق اول جو لڳي، اهي اٺي الهوٽ.

---

اکين ڍوُ نه ٿئي، ڏسڻ ڪنان ديدار
لالچيءَ ڍوُ نه ٿئي، توڙي ميڙي مال خرار
باهه ڍوُ نه ٿئي، توڙي ساڙي ڪاٺ البار
عورت ڍوُ نه ٿئي، توڙي گڏجي روز پيتار
ڌرتي ڍوُ نه ٿئي، توڙي مينهن پون بسيار
اهي ڇهئي بکيا سنسار

[١٢٨٧] چلٽو ڪو ڪتو = ٻڇو ڪتو، جيڪو ٻچ تي به نه وڙهي.
[١٢٨٨] ٻيون روايتون:
١- بادي پنگ، نانگن منڊ، ڳانجي پهرين سوٽ
گهوڙو پنور ميدان ۾، پري ڳاڏئين سوٽ
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٦٥)

(الهوٽ = مست ۽ خطا؛ جهوني منڌ = پُراڻو سنڌيل شراب؛ ٻاڍڻ ٻنگ = ٻڍي جي سهڻي ۽ ٻوکيل ٻنگ، جنهن ۾ نشو گهڻو ٿئي، گانجي جو ڀريون ستونو.)

## ڏهو عدد

[١٣٨٩] نَوَ ٽي نيڪار، نَوَ ٽي نيڪار.

سولي جي سالک ۾، چريون پنج ۽ چار
هڪ ڪپاهي ٻي ڪيچڪي، ٽين ڪري نه گهر جي ڪار
چوٿين مگهي ڪالهائي گهوٽ سان، سا ٻه آهي ڪنج ڪنوار
پنجين ريجهي رکن سان، جيڪا ڀيهي منجهه بازار
ڇهين پنهنجو ڪيڏي پٽن کي ڏي، سا به چڱي نه گهر ۾ نار
ستين ڪٿي خرار ڪيٽ توُن، ته به رکي ٻوري ۾ ٻار
اٺين ستونهين سرڪار جي ٿئي، ڏانهين منجهه دربار
نائين ڪري عرض الله کي ته، مڙس منهنجو مار
پوءِ اهڙن ٿي پارن سان ٽيون سڏجن نَوَ ٽي نيڪار.

---

ڀرين رات جو پرٿو، ٻيپر ٻينگهن جهوٽ
اوائل عشق جو، اهي انئي الهوٽ.
(ٻري گاڏئين سوٽ = تپ سان گڏ پاسي جو سور.)

---

٢- بادي پنگ، جهونا منڌ، تازي طويلين چتا، گانجي ڀرين سوٽ
اول سان عشق لڳو، سينهين ڀرين سوٽ
ڀرين رات پرٿي جي، برهه سندوري جهوٽ
اهي انئي الهوٽ.

٣- پنجئي الوٽ، پنجئي الوٽ.

پرٿو ڀرين رات جو، گانجي ٻوئين سوٽ
حاڪم حڪم جو ڏٺي، جهجها ڀٽ سپوٽ
عشق اول ڪان لڳي، اهي پنجئي الوٽ.

## ڏهن جو عدد

